| زرق ورق | شان ۽ شوڪت |
| زره | لوهي پوشاڪ جيڪا لڙائيءَ دوران پاتي ويندي آهي |
| زره پوش | زره واري پوشاڪ پهريل |
| زري | سون جي تار |
| زعفران | خوشبودار گل جو ٻوٽو |
| زعفراني | زعفراني رنگ وارو |
| زڪام | بيماري جو هڪ قسم جنهن ۾ نڪ مان پاڻي ۽ ريزش نڪرندي آهي |
| زڪريا | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو |
| زلزلو | زمين جو ڏهڻ لوڏو |
| زلف | لونڊڙيءَ جا وار |
| زليخا | هڪ عورت جو نالو جنهن جو احوال حضرت يوسف عليه السلام سان منسوب آهي |
| زمان | وقت |
| زمان حال | هلندڙ وقت |
| زمان حال استمراري | هلندڙ وقت ۾ ڪم جي جاري هئڻ کي ظاهر ڪندڙ فعل |
| زمان حال متشڪي | هلندڙ وقت ۾ ڪنهن ڪم جو شڪ ظاهر ڪندڙ فعل |
| زمان حال مدامي | هميشه ٿيندڙ ڪم کي ڏيکاريندڙ فعل |
| زمان ماضي | گذريل وقت |
| زمان ماضي استمراري | گذريل وقت ۾ ڪم جو جاري ڏيکاريندڙ فعل |
| زمان ماضي بعيد | هن زمان ۾ خبر پوي ٿي ته ڪو ڪم گذريل وقت ۾ ٿيو هو |

| | |
|---|---|
| زمان ماضي شرطيه | هن زمان ۾ هڪ نه ٿيو شرط وجهي ڪا ڳالهه يا ذڪر ڪيو آهي. |
| زمان ماضي قريب | ويجهي وقت ۾ ڪم جو پورو ٿيڻ بابت ڄاڻ ڏيندڙ زمان. |
| زمان ماضي تشڪي | گذريل وقت جي ڪم بابت شڪ ڏيکاريندڙ فعل. |
| زمان ماضي مدامي | گذريل وقت ۾ وري وري ٿيندڙ ڪم ڏيکاريندڙ زمان. |
| زمان ماضي مطلق | هي زمان ڏيکاري ٿو ته گذريل وقت ۾ ڪم ٿي چڪو هجي. |
| زمان مستقبل | ايندڙ وقت |
| زمان مستقبل استمراري | جاري رهندڙ جاري، هي زمان ڏيکاري ٿو ته ايندڙ وقت ۾ به ڪم جاري رهندو. |
| زمانو | وقت |
| زمرد | هيري جو هڪ قسم |
| زم زم | مڪي پاڪ ۾ هڪ کوهه جو نالو |
| زمين | ڌرتي، پوڙه |
| زميندار | زمين سنڀاليندڙ زمين جو مالڪ |
| زمينداري | زمين جي سنڀال |
| زن | عورت، زال |
| زنانو | عورتاڻو زالفاڻو |
| زن مريد | زال جي چئي تي هلندڙ |
| زنا | بدڪاري |
| زنجير | ڪڙين جي قطار |
| زندگي بسر ڪرڻ | حياتي گذارڻ |
| زنده | جيئرو حيات |
| زنده دلي | خوش طبعي |
| زنگ | ڪنهن ڌاتوءَ جو ڪٽُ |
| زنگ آلوده | ڪٽ چڙهيل |

| | |
|---|---|
| زنگي | هڪ ذات |
| زنگيجا | هڪ ذات |
| زوار | زيارت ڪندڙ |
| زوال | تباهي، بربادي |
| زوال جو وقت | ٻن پهرن کان پوءِ جو وقت |
| زواليت | ابتري، تباهي |
| زوجه | گهر واري، زال |
| زهد | تقوي، پرهيزگاري |
| زود نويسي | تکڙو لکڻ |
| زور | طاقت، سگهه |
| زور آزمائڻ | طاقت آزمائڻ |
| زوراور | طاقت وارو ڏاڍو |
| زوردار | طاقتور، زورائتو |
| زور ڏيڻ | پيڙڻ، ٿڪاوٽ ختم ڪرڻ واسطي مُڪڙيون هڻڻ |
| زور شور | تيزي، تيک |
| زور هلائڻ | طاقت هلائڻ |
| زوري | زبرستي |
| زهر | وهه |
| زهر آلود | زهر سان ڀريل |
| زهر جو ڍڪ پيئڻ | زهر پيئڻ |
| زهريلو | زهر وارو |
| زهره | هڪ گرهه جو نالو جيڪو ٽئين آسمان تي آهي، رنگ جي اڇاڻ |
| زُهره | خوبصورت |
| زهري | هڪ ذات |
| زيادتي | ڪثرت، ظلم، ڏاڍ |
| زياده | گهڻو جهجهو |

| | |
|---|---|
| زيادہ تر | گھڻو وڌيڪ |
| زيادہ حد ادب | تمام گھڻو ادب |
| زيادہ خيريت | سڀ خير |
| زيارت | ملاقات، ديدار |
| زيارت گاھ | زيارت جي جاءِ، درگاھ، متبرڪ يا مقدس جاءِ |
| زيارتي | ملاقاتي |
| زيان | نقصان، گھاٽو، خسارو، ٽوٽو |
| زيان خور | نقصانڪار |
| زيب | زينت، حُسن، خوبي، سينگار |
| زيبا | خوبصورت، پلو زيب ڏيندڙ |
| زيبائتو | سهڻو عمدو، وڻندڙ |
| زيبائش | بناوت، سونهن، خوبصورتي، خوشنمائي، سجاوٽ |
| زيبرا | پٽاپٽي خچر، آفريڪا جو مشهور جانور |
| زيتون | ميوي جو هڪ قسم |
| زير | هيٺ |
| زير | اکر جي هيٺان ايندڙ اعراب (ـِ). |
| زير باري | خرچي جو بوجھ، گھڻو خرچ |
| زيرِ تعليم | تعليم حاصل ڪندڙ |
| زيردست | ماتحت، هٿ هيٺ |
| زيردستي | پابندي، ماتحتي |
| زير و زبر | هيٺ مٿي |
| زير زمين | زمين اندر |
| زير علاج | علاج هيٺ |
| زينت | سونهن، سينگار، ٺاھ ٺوھ |
| زيور | سون يا چانديءَ جا ڳهہ، چلو منڊي، هار وغيره، هار سينگار. |

## (س)

| | |
|---|---|
| س | **سنڌي الف – ب جو اناويهون نمبر اکر** |
| سِ | ضمير غائب عدد واحد جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ اکر ۽ مالڪي جي معنيٰ پڻ ڏيکاري ٿو جيئن: سائس، پاڻس، سندس وغيره. |
| سا | سنڌي ٻوليءَ جي گرامر موجب ضمير جواب موصول طور ڪم ايندڙ لفظ مثال طور: آها، آها ئي، مثل |
| ساب | قبول، ڪارگر |
| سابق | اڳيون، آڳاٽو |
| سابقه | اڳيون، پهريون، قديمي |
| ساتر | ڍڪيندڙ لڪائڻ وارو |
| سابو چانور | سابو داڻا، ساڳو چانور |
| ساب پوڻ | قبول پوڻ |
| ساپيان | سچو سنئون سڌو ڪليو ڪلايو |
| ساٿ | گڏ، همراهه |
| ساٿاري | ڪچهري، سنگت، ساٿ ڏيندڙ |
| ساٿي | دوست، مددگار، پاڻهن ٻيلي |
| سائي | سٺ ڏينهن ۾ پڪل فصل |
| ساجد | سر جهڪائيندڙ سجدو ڪندڙ |
| ساجن | پرين، محبوب، دوست، سڄڻ |
| ساڄو | سنئون، سڌو |
| ساڄهر | سويل، جلدي |
| ساڃاهه | سمجهه، حياءَ |
| ساڃهه | عقل، حياءَ |

| | |
|---|---|
| سادات | سيد قوم، حضرت بي بي فاطمه بتول جي اولاد |
| سادو | هلڪو پورو پنو سولو |
| سادائي | سادگي |
| سادگي | ڪفايت شعاري، صاف دل سان |
| سادو سودو | هلڪو وچولو گهٽ ملهه وارو |
| سادو وياج | نرو وياج |
| سادي صورت | علم رياضي ۾ حسابن جو هڪ نمونو |
| ساڌ | پرهيزگار نيڪ |
| ساڌو | ايماندار درويش، سنت |
| ساراهه | تعريف، واکاڻ |
| ساراهڻ | تعريف ڪرڻ، واکاڻ ڪرڻ |
| سارنگ | ڪڪر، بادل، مينهن |
| سارنگ | شاهه سائين جي رسالي جي هڪ سُر جو نالو |
| سارنگ | هڪ راڳڻي جو نالو |
| سارنگي | ساز جو هڪ قسم |
| سارڻ | ياد ڪرڻ |
| ساري | ڪُل، سڀ |
| سار سنڀال | پرگهور، خدمت چاڪري |
| ساروڻي | يادگيري |
| ساروڻيون | يادگيريون |
| سارو | سڄو سڀ، سمورو |
| ساري | ڪوڪي سميت چانور جمع سارين (اناج). |
| ساريال | سارين جي پوک، سارين وارو |
| ساڙڻ | ٻارڻ |
| ساڙ | حسد، ريس، دشمني |
| ساڙهي | عورتاڻو لباس |
| ساز | ٺاهيندڙ جوڙيندڙ |

| | |
|---|---|
| سازگار | موافق |
| سازندو | سازن وڄائڻ وارو |
| ساز و سامان | مال ۽ اسباب |
| سازش | منصوبو، وڳوڙ |
| سازشي | وڳوڙي |
| ساسي | ساهه وارو |
| ساسر | چيني ءَ جي ننڍڙي ٿالهي |
| ساعت | هڪ گهڙي، پل، ٿورو وقت |
| ساقي | مرشد، سخي |
| ساڪرو | هڪ شهر جو نالو |
| ساک | شاهدي ناماچار، نالو گواهي |
| ساک پت | اعتبار، ويساهه |
| ساگر | وڏو پاڻي، عميق |
| ساڳ | هڪ وڻ جو قسم |
| ساڳ | سائي ڀاڄي |
| ساڳوٽو | ساڳيو |
| ساڳيو | اهوئي، اهو ساڳيو هڪ جهڙو اهڙوئي |
| ساڳي ئي | هڪ جهڙائي |
| سال | ورهيه، ٻارهن مهينن جو عرصو (يعني 365 ڏينهن). |
| سال بسال | هر سال |
| سالگرهه | جمڻ جو ڏينهن |
| ساليانو | سال جو |
| سالار | اڳواڻ، آنيسر، سردار |
| سالارِ قافلہ | قافلي جو سردار |
| سالڪ | درويش، صوفي، ولي |
| سالو | ڙال جو پاءُ |
| سامر | امانت، لڄ، پناهه |

| | |
|---|---|
| سامُ | حضرت نوح عليه السلام جي هڪ پٽ جو نالو |
| ساماڻ | وڏو ٿيڻ، سمجهه واري عمر ۾ اچڻ |
| سامبر | هرڻ جو هڪ قسم، جنهن کي ٻارهن سڱ ٿيندا آهن. |
| سامٽي | هڪ ذات |
| سامري | سامري شهر جي هڪ جادوگر جو نالو |
| سامونڊي | سمنڊ ۾ رهندڙ سمنڊ وارو، سمنڊ جو |
| ساموئي | سما حڪمرانن جي زماني ۾ گاديءَ جي هنڌ جو نالو |
| سامويد | هندن جو هڪ ڌرمي ڪتاب |
| سامهون | اڳيان، روبرو |
| سامي | فقيرن جو هڪ قسم، درويش |
| سامي | ميت کي دفن ڪرڻ لاءِ قبر جي اندرئين پاسي ۾ کوٽيل کڏ |
| سان | گڏ، سميت، ساڻ |
| سانُ | جانور جو هڪ قسم (مينهن جو مذڪر). |
| ساناهڻ | تيار ڪرائڻ |
| ساناهو | سنبت، لڏ پلاڻ، تياري |
| ساڀاري ڪنڌ | سامهون واري ڪُنڌ |
| ساڀر | يادگيري، سنڀار، چمار |
| ساڀڻ | سنڀالڻ |
| سانت | خاموشي، ماٺ، چپ چاپ |
| سانتيڪو | صبر وارو، صابر |
| سانجهي | سج لهڻ جو وقت |
| سانچو | قالب |
| سانچو | پينسل گهڙڻ لاءِ، ڪم ايندڙ هڪ ننڍڙي پٽ واري ڪل |

| | |
|---|---|
| ساند | هڪ ذات |
| ساندارو | لهر، ڇولي |
| ساندڻ | لوهه ڳنڍڻ لاءِ ٽڪي |
| ساندهه | لڳاتار، لاڳيتو |
| ساندائو | ڪتاڻ، آچار |
| ساندو | ڪرڙي جهڙو هڪ جيت |
| ساندڻ | حفاظت سان رکڻ |
| سانگي | جي ڪري |
| سانگِي | هڪ ذات |
| سانگِي | هڪ هنڌان ٻئي هنڌ لڏي ويندڙ مارو ماڻهو |
| سانگيائي | هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ويندڙ چوري ڇني |
| سانگهڙ | هڪ شهر جو نالو |
| سانورو | نشڪي |
| سانوڻ | هندي سال جي هڪ مهيني جو نالو |
| سانوڻي | مينهن جي مند |
| سانهنجو | سولو |
| سانٺون | گاهه جو هڪ قسم |
| ساڻ | گڏ، سان، وٽ |
| ساڻن | انهن سان |
| ساٽو | ٽڪل، ٻيتو |
| ساٽائي | سستي |
| ساٿي | گڏ، همراهه، مددگار مدد ڪندڙ |
| ساٿيهه | ديس، وطن، ملڪ |
| ساواڻ | سائي رنگ مائل |
| ساوڪ | گلڪاري، ساواڻ، سرسبز |
| ساهُ | دم، جان، جيءُ |
| ساهوارو | جاندار |

| | |
|---|---|
| ساهہ پٽڻ | ٿڪ ڇڄڻ |
| ساهت | علم ادب |
| ساهتيا | ادبي سوسائٽي، ادبي سنگت، ادبي جماعت |
| ساهرا | زال جا مائٽ |
| ساهرا | مڙس جا مائٽ |
| ساهي | ٿورو آرام |
| سائين | حضور، جناب |
| سايو | پاڇو، عڪس |
| سب انجنيئر | ننڍو انجنيئر |
| سب انسپيڪٽر | ننڍو صوبيدار، ننڍو انسپيڪٽر |
| سب ڊويزن | ضلعي جو هڪ حصو ضلعي جي مقرر ڪيل حد |
| سبا | هڪ قوم، هڪ شهر جو نالو |
| سبائڻ | توپيو ڏيارڻ |
| سبب | واسطي، لاءِ، ڪارڻ |
| سبتو | سنئون، سڌو |
| سبحان الله | الله پاڪ آهي، الله تعاليٰ جي تعريف |
| سبز | سائو |
| سبزي | سائي ڀاڄي |
| سبق | تعليم، درس، نصيحت |
| سبڪتگين | محمود غزنوي جي پيءُ جو نالو |
| سبڻ | سلائي ڪرڻ |
| سبي | شهر جو نالو |
| سبيل | الله ڪارڻ پيارڻ لاءِ پاڻي |
| سبيل | راهہ، رستو، وات |
| سٻاجهو | ٻاجهارو، مهربان |
| سٻايا | هڪ ذات |
| سٻر | طاقتور، ٿُلهو |

| | |
|---|---|
| سپ | ڳُل، سچو |
| سيان | سياڻي، اينڊڙ ڏينهن |
| سياهہ | سني هلت، سني عادت، سني خصلت |
| سياريڪ | وڻندڙ طبيعت وارو |
| سيڪو | هرڪو هرهڪ |
| سيڪوئي | جيڪو تيڪو هرهڪ |
| سيئي | سڀ، سمورا |
| سيتا | تهذيب |
| ست | هڪ عدد |
| ست ڳنڍو | ستن ڳنڍن وارو |
| ستون | قطاري عدد، ستين نمبر تي |
| ستوڻ | ست ڀيرا وڌيڪ |
| ستوٽو | ست دفعا وڌيڪ |
| ستُ | عرق |
| ست سنگ | نيڪ ماڻهن جي سنگت |
| ستگر | سچو مرشد |
| ستابو | آسودو ٿڪيو |
| ستار | عيب ڍڪيندڙ |
| سِتار | هڪ ساز جو نالو |
| ستارو | آسماني تارو |
| ستارو بلند ٿيڻ | بخت زياده ٿيڻ |
| ستارو چڙهڻ | بخت وڌڻ، چڱو ٿيڻ |
| ستاويهہ | ويهہ ۽ ست |
| سُتت | جلدي |
| ستٽيهہ | ٽيهہ ۽ ست |
| ستر | سٺ ۽ ڏهہ، هڪ عدد جو نالو |
| ستر | پردو |

| | |
|---|---|
| سترهن | ڏهه ۽ ست، هڪ عدد |
| سترهون | عدد قطاري، سترهين نمبر تي |
| ستڙيو | ستن مهينن جو ڄاول ٻار |
| ست گرو | سچو مرشد |
| سُتل | ليٽيل، ننڊ ۾ |
| ستلج | هڪ نديءَ جو نالو |
| ستم | ظلم |
| ستمگر | ظالم |
| سَتُو | ڀڳل ان جو اٽو |
| سُتو | سُمهيو |
| ستونجاهه | پنجاهه ۽ ست، هڪ عدد |
| ستهتر | ستر ۽ ست، هڪ عدد |
| ستهٺ | سٺ ۽ ست، هڪ عدد |
| سُتي | ڦڪي، دوا، علاج |
| ستياناس | بربادي، تباهي |
| ستيتاليهه | چاليهه ۽ ست، هڪ عدد |
| سٽ | ڪچهري |
| سُٿڻ | ڪانچ، شلوار |
| سٽ | ايذاءُ |
| سِٽ | رٿ، تجويز |
| سِٽ | لفظن جي قطار |
| سٽون | لفظن جون قطارون |
| سُٽ | سوٽي ڌاڳو |
| سِٽاءُ | جوڙجڪ |
| سٽجڻ | مارجڻ، ڪُٽجڻ |
| سٽڪو | ڪُٽڪو |
| سٽڻ | ڪُٽڻ |

| | |
|---|---|
| سِٽڻ | رٽڻ، سوچڻ |
| سَٽو | شرط، سودو ڪرڻ |
| سِٽو | پوڪ جو سنگ |
| سِٽي (City) | وڏو شهر |
| سَٺ | هڪ عدد، پنجاهه ۽ ڏهه |
| سٺڙيا چانور | سٺ ڏينهن يعني ٻن مهينن ۾ پچي تيار ٿيندڙ چانور. |
| سُٺو | چڱو سهڻو وڻندڙ |
| سُٺاڻ | سهڻائي، سٺائي |
| سٺيا | هڪ ذات |
| سَپ | زهريلي نانگ جو هڪ قسم |
| سِپ | سامونڊي جيت جو هڪ قسم، سچن موتين جو کوپو |
| سپاس نامو | لکت ۾ شڪريو تحريري شڪريو شڪر گذاري واري تقرير. |
| سپاهه | فوج، لشڪر، ڪٽڪ |
| سپاهي | فوجي جوان، بهادر سورمو، ڪانسٽيبل |
| سَپت | سونهن |
| سُپت | سچائي |
| سپتيو | سچار، ايماندار |
| سپت سنڌو | قديم زماني ۾ سنڌ جو نالو |
| سپر | هڪ ذات |
| سپرد | حوالي، امانتا |
| سپرنٽينڊنٽ | اعليٰ عملدار، انتظام هلائيندڙ |
| سُپرين | پرين، دوست |
| سَپڙ | لسي ٻيلي جي هڪ سخي سردار جو نالو |
| سَپوت | فرمانبردار پٽ، سنو چوڪر |

| | |
|---|---|
| سپاڳو | چڱي ڀاڳ وارو، بخت وارو، لائق |
| سپهه سالار | فوج جو اڳواڻ، جرنيل |
| سپي | سامونڊي جيت جو هڪ قسم |
| سپيا | هڪ ذات |
| سج | هڪ آسماني وڏو روشن ستارو جنهن مان اُس ۽ گرمي حاصل ٿئي ٿي. |
| سج اڀرڻ | سج نڪرڻ |
| سج اُڀرتي | سج نڪتي |
| سج گرهڻ | سج جو زمين ۽ چنڊ جي وچ ۾ اچي وڃڻ |
| سج لٿي | شام جو |
| سڄاده | درويش ۽ پيرن جي گادي |
| سڄاده نشين | ڪنهن پير يا بزرگ جي گاديءَ تي ويهڻ وارو ماڻهو |
| سڄاڳ | جاڳيل، هوشيار |
| سڄاڳي | هوشياري، خبرداري |
| سڄاول | هڪ شهر جو نالو |
| سڄائڻ | سينگارڻ |
| سڄايو | لاياتو، ڪاراتو |
| سجدو | الله تعاليٰ جي اڳيان متي ڪي جهڪائڻ جي حالت. جمع سجود |
| سجده سهو | نماز ۾ ڀلجي وڃڻ وارو سجدو |
| سجي | ٻاهه تي پڪل گوشت |
| سڄاڻ | چڱي ڄاڻ وارو، هوشيار |
| سجر | تازو |
| سڄڻ | دل گهريو دوست، پرين |
| سڄو | سمورو، ثابت، ڪُل |
| سڃ | ويراني، تباهي |
| سڄاڻڻ | ڄاڻڻ |

| | |
|---|---|
| سڃاڻ | واقفيت، ڄاڻ |
| سڃاڻپ | واقفيت |
| سڃاڻو | واقفڪار |
| سڃو | محتاج، بکيو مفلس، غريب |
| سڃائي | مُفلسي، غريبي |
| سچ | حق، برابر |
| سچار | سچو، سچ ڳالهائيندڙ |
| سچائي | حق گوئي، سچ، صداقت، ايمانداري |
| سچ پچ | بيشڪ، حق چوڻ |
| سچو | سچار، صاف دل، ايماندار |
| سچو پچو | اصلي، ساڳيو هوبهو |
| سچي ڪرڻ | حقيقت بيان ڪرڻ |
| سچي پچي | واقعي، حقيقي |
| سحر | فجر، صبح |
| سحري | روزي رکڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ کاڌو |
| سخا | خيرات، بخشش |
| سخاوت | درياهہ دلي، ڪشاده دلي |
| سخت | مشڪل، ڏاڍي، ڪٺور، بي رحم |
| سخت | قاعدي جو پابند |
| سخت جان | پٿر دل، بي رحم |
| سخت دلي | بي رحمي |
| سختي | ڏاڍائي، مضبوطي |
| سخن | انجام، تول، ذڪر |
| سدا بهار | سدائين سرسبز رهندڙ |
| سدا گلاب | گلاب جي هڪ گل جو قسم |
| سدورو | ڀاڳ وارو خوش قسمت |
| سڌَ | خواهش، مرضي، تمنا |

| | |
|---|---|
| سڌائتو | خواهشمند |
| سڌڙيو | سُکڻي خواهش رکندڙ |
| سُڌِ | خبر، علم، ڄاڻ، واقفيت |
| سُڌا تورو | سُلڇڻو سٺين عادتن وارو |
| سڌارڻ | نيڪ ڪرڻ، سنوارڻ |
| سڌارڪ | سُڌارو ڪندڙ |
| سُڌارو | ترقي، اصلاح |
| سڌرڻ | نيڪ ٿيڻ، ترقي ٿيڻ، سنو ٿيڻ |
| سڌريل | ترقي يافته، سنواريل |
| سِڌو | سنئون |
| سڌائي | سنوت، برابر، درست |
| سڌي راهه | حق جي واٽ، سنئون رستو |
| سُڌي | گوشت جي خشڪ واري بوٽي |
| سڏُ | ڪوٺ، دعوت، نينڍ |
| سڏ پنڌ | ٿورو مفاصلو |
| سُڏڪو | روئڻ جو آواز |
| سڏڻ | پڪارڻ، دعوت ڏيڻ |
| سڏول | سهڻي شڪل ۽ سهڻي هائي |
| سَر | مٿي، چوٽي |
| سرانجام | مڪمل، پورو |
| سربستو | پورو، مڪمل، سمورو سڄو |
| سربلندي | عزت، فخر |
| سرپرست | نگهبان، محافظ |
| سَرڪرڻ | فتح ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ |
| سرگردان | حيران، پريشان |
| سرگرداني | حيراني، پريشاني |
| سَر | پوڙي جو ڊگهو پن |

| | |
|---|---|
| سِرُ | مٽيءَ مان ٺهيل ڪچي يا پڪي چڪي، جيڪا گهرن اڏڻ ۾ ڪم اچي |
| سِرُ | مٿو بدن جو هڪ مکيه حصو |
| سر تري تي رکڻ | ڪنهن به جوکائتي ڪم لاءِ تيار رهڻ |
| سر تي اچڻ | مٿان اچڻ |
| سر جهڪائڻ | ڪنڌ هيٺ ڪرڻ، شرمندو ڪرڻ |
| سر جهڪڻ | ڪنڌ هيٺ ٿيڻ، شرمنده ٿيڻ |
| سر ڏيڻ | قرباني ڏيڻ، نثار ٿيڻ، جان ڏيڻ |
| سر سان | پاڻ سان گڏ |
| سر سلامت هجڻ | جان محفوظ هجڻ |
| سر قلم ٿيڻ | قتل ٿيڻ |
| سر قلم ڪرڻ | مارڻ |
| سُر | آواز |
| سِراب | خمار، ڪيف، خوف |
| سراسر | سڄو بلڪل، اول کان آخر تائين |
| سراسري | هڪ جيتري ورهاست |
| سِراڻ | هٿيارن کي تکو ڪرڻ جو پٿر |
| سَراءِ | مسافر خانو |
| سَرائي | سرمي پائڻ جي ڪاني |
| سِرائي | هڪ ذات، ڪنهن معزز جو لقب |
| سِرائڪي | هڪ ٻولي |
| سربراهه | اڳواڻ |
| سربراهي | اڳواڻي، بندوبست |
| سُرباٽ | سنهو آواز |
| سرتاج | اڳواڻ، مٿي جو ڇٽ |
| سُرت | عقل، سمجهه، ياد، خبر، خيال |
| سرٽيفڪيٽ | سند |

| | |
|---|---|
| سرپرست | مددگار |
| سرجن | جراح، آپريشن ڪندڙ |
| سِرجڻ | نسرڻ، اُپرڻ، نڪرڻ |
| سرجٺهار | خلقيندڙ پالينڌڙ |
| سرچشمو | پاڻي نڪرڻ جي بنياد وارو هنڌ |
| سرچڻ | پرچڻ |
| سرچاءُ | پرچاءُ، صلح |
| سرچائڻ | پرچائڻ |
| سرحد | دنگ، حد (مقرر ٿيل) |
| سرخرو | مانائتو نامور، خوش |
| سُرخرو ٿيڻ | خوش ٿيڻ |
| سرخاب | ڊنڀ جي پکيءَ جو هڪ قسم |
| سُرخي | عنوان، ڳاڙهاڻ |
| سرد | ٿڌو، نريل |
| سردي | ٿڌ |
| سردي گرمي | ٿڌ ۽ گرمي |
| سردي گرمي | ڏک سُک |
| سردار | مُک، اڳواڻ، امير |
| سَردر | پٽ جي ٽيڪ لاءِ دروازي جي مٿان رکيل ڪاٺي |
| سردو | هڪ مٺي ميوي جو قسم، جيڪو اونهاري جي مُند ۾ ٿئي ٿو. |
| سرزمين | اصل هنڌ، اصل جاءِ |
| سَرِسُ | وڌيڪ، گهڻو |
| سرسبز | سائو آباد |
| سرسري نظر | مٿاڇري نظر |
| سرشار | مالا مال، ڀرپور |
| سرشتو | نظام بندوبست |

| | |
|---|---|
| سرشتيدار | جج يا مئجسٽريٽ جو هيٺيون عملدار |
| سرطانُ | آسماني برج جو نالو |
| سرطان | هڪ بيماري |
| سرفراز | سُرخرو، بلند، معزز |
| سرڪار | حڪومت |
| سرڪاري | حڪومتي |
| سرڪش | نافرمان، باغي |
| سرڪشي | نافرماني، بغاوت |
| سرڪل | دائرو |
| سرڪل | ٻه يا ٻن کان وڌيڪ تپن تي مشتمل تعلقي جي مقرر ٿيل حد |
| سُرڪڻ | چرڻ، ترڪڻ |
| سُرڪاٽ | سُرڪو |
| سُرڪائڻ | چورڻ، کسڪائڻ |
| سِرڪو | هڪ وکر جو قسم |
| سُرڪي | هڪ ذات |
| سرگردان | گهمندڙ، حيران، پريشان |
| سرگرم | محنتي، پُرجوش |
| سرگرمي | آمادگي، سعيو، شوق، چاهه |
| سرگس | جلوس، تماشو |
| سرمايو | ملڪيت، دولت |
| سرمائيدار | ملڪيت وارو |
| سَرمد | قائم، دائمي |
| سَرمد | هڪ ولي الله جو لقب |
| سرمست | متوالو، مدهوش |
| سرمست | هڪ صوفي شاعر "سچل" جو لقب |
| سُرمو | اکين ۾ پائڻ لاءِ ڪاري رنگ جو هڪ پٿر، جنهن |

| | |
|---|---|
| | کي پيهي سنهون ڪري اڪين ۾ وڌو ويندو آهي. |
| شرنامو | عنوان، مُنڍ |
| سرندي | آسودگي |
| سرندي ڀڄندي | هوند، آسودگي |
| سرندي وارا | هوند وارا، ملڪيت وارا |
| شرندو | هڪ قسم جو ساز |
| شرنگ | سوراخ، اهو بند ٿيل رستو جيڪو جبلن جي وچ مان گذري |
| سِرنهه | تيلي ٻج جو هڪ قسم |
| سِرنهن | وڻ جو هڪ قسم |
| سِرڻ | پکي جو هڪ قسم (ڇِل) |
| شرڻو | جيت جو هڪ قسم |
| شرو | جيت جو هڪ قسم، جيڪو ڪاٺ کي کائيندو آهي. |
| سرواڻ | اڳواڻ |
| سُرود | راڳ، نغمو |
| سرور | سردار، حضرت محمد ﷺ جن جو لقب |
| سُرور | مزو، خوشي، لذت |
| سروس | نوڪري |
| سرويئر | زمين جي پيمائش ڪندڙ عملدار |
| سرهو | خوش |
| سرهائي | خوشي |
| سُرهو | خوشبوءِ دار |
| سُرهاڻ | خوشبوءِ |
| سُرهيا | هڪ ذات |
| سرءُ | خزان، هڪ مند جو نالو |
| سرءُ جو تپ | موسمي بخار، مليريا جي بيماري يا بخار |

| | |
|---|---|
| سريراڳ | هڪ راڳڻي جو نالو شاهه سائين جي رسالي ۾ هڪ سُر جو نالو |
| سِري | سسي، ڳچي |
| سُرياني | هڪ قديم زبان جو نالو |
| سَرير | جسم، بدن، بُت |
| سريلو | سٺي آواز وارو سُر وارو سُريلي آواز وارو |
| سَڙڪ | رستو، واٽ، لنگهه |
| سڙڻ | ٻرڻ، پچڻ |
| سڙهه | بادبان، ٻيڙي جو ڪپڙو |
| سزا | عذاب، تڪليف |
| سزاوار | سزا جي لائق |
| سَسُ | زال جي ماءُ يا مڙس جي ماءُ |
| سست | ٿورڙي، ڪمزور |
| سُستي | ڪمزوري |
| سَستو | سهانگو، گهٽ قيمت وارو |
| سُس پُس ڪرڻ | آهستي ڳالهائڻ |
| سُسڻ | گهٽجڻ |
| سَسُئي | سهڻي عورت، چنڊ جيان گول مُنهن واري عورت |
| سِسي | مُنڍي |
| سطح | مٿاڇرو |
| سعدي | ايران جي مشهور شاعر جو لقب، جنهن جو نالو شيخ مصلح الدين هو ۽ هُو شيخ سعدي جي نالي سان مشهور آهي. |
| سعيو | ڪوشش، محنت |
| سفارش | پارت |
| سفر | مسافري، سياحت |
| سفرنامو | سفر جو لکيل احوال |
| سفيد پوش | فضيلت وارو، اڇو اجرو |

| | |
|---|---|
| سفير | ايلچي |
| سقل | فائدي وارو ڪارگر |
| سقراط | يونان جي هڪ مشهور فلسفي جو نالو جنهن کي زهر جو پيالو پياري ماريو ويو هو. |
| سِڪَ | پيار، قرب، اُڪير، محبت |
| سُڪَ | خُشڪي |
| سَڪَ | مضبوط |
| سڪار | آبادي ۽ خوشحاليءَ وارو وقت |
| سُڪائڻ | خُشڪ ڪرڻ |
| سڪرات | موت جو وقت |
| سِڪڻ | واجهائڻ، اُداس ٿيڻ |
| سُڪڻُ | خُشڪ ٿيڻ |
| سِڪو | سرڪاري طرح منظور ٿيل ناڻي جو هڪ حصو |
| سُڪون | آرام، آسوده حال، اطمينان |
| سُڪونت | رهائش |
| سڪيلڌو | سِڪ وارو سِڪ ۽ پيار سان حاصل ڪيل |
| سِکُ | گُرو نانڪ جو پوئلڳ، مُريد |
| سُکُ | آرام، سهنج، راحت |
| سڪا | باش، اُميد، تڏرانو |
| سُڪان | ٻيڙي يا جهاز کي ڦيرائڻ جو هڪ اوزار |
| سَکر | وڻندڙ عزت وارو موچارو |
| سَکر | هڪ شهر جو نالو |
| سِکڻ | پرائڻ حاصل ڪرڻ |
| سَکڻو | خالي |
| سکيا | تربيت، تعليم، علم |
| سُکيو | آسودو خوشحال |
| سِگري | لوهه جي چُلهه |
| سِگنل | اِشارو |

| | |
|---|---|
| سُگنڌ | خوشبوءِ |
| سڳو | ڌاڳو |
| سڳورو | پلارو |
| سگهه | طاقت |
| سُگهڙ | سليقيمند، عقلمند، سهڻو ناهيندڙ گهر جي سجاوٽ ڪندڙ |
| سُگهڙ | شعر ٻڌائيندڙ سليقيمند |
| سگهڙائپ | هنرمندي، سٺي ناهه ٺوهه |
| سگهو | طاقتور، تندرست |
| سِگهو | تڪڙو، جلدي، يڪدم |
| سڱ | مٽي مائٽي، رشتيداري |
| سِڱ | جانور جي هڪ عضوي جو نالو جيڪو ان جي مٿي تي هوندو آهي، جنهن کي هو بچاءَ طور استعمال ڪندو آهي. جمع سِڱ |
| سُگر | ڪنڊي جي وڻ جي ڦرهي |
| سلاست | رواني، فصاحت |
| سلام | سلامتي جو ڪلمو (السلام عليڪم) |
| سلامت | محفوظ، حفاظت ۾ |
| سلامتي | بچاءُ، امن، خيريت، عافيت |
| سلامي | سلام ڪرڻ |
| سُلجهڻ | کُلڻ ضد اُلجهڻ |
| سُلجهائڻ | سنوارڻ، سڌارڻ، کولڻ |
| سُلجهائيندڙ | سنواريندڙ |
| سُلڇڻو | سٺين عادتن وارو، چڱن لڇڻن وارو |
| سِلسلو | ترتيب، لاڳيتو رشتو سرشتو |
| سِلسليوار | ترتيب وار، لاڳيتو |
| سُلطان | بادشاهه، حڪمران |
| سُلطاني | بادشاهي |

| | |
|---|---|
| سلطنت | بادشاهت، حڪومت |
| سلڻ | ٻڌائڻ |
| سلوا | پکيءَ جو هڪ قسم |
| سِلوڪ | چوڻي، شعر |
| سُلوڪ | برتاءُ، هلت |
| سِلهه | بيماريءَ جو هڪ قسم، ڦڦڙن جي بيماري، ٽي بي |
| سِليٽ | لکڻ لاءِ پٿر، لوهہ يا ٽين جي تختي |
| سليپر | هلڪي جُتي |
| سليقو | نمونو ڍنگ، طريقو |
| سليمان | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو |
| سِمَ | زمين مان نڪتل ڪِنو پاڻي، گپ |
| سماٽ | هڪ قوم |
| سماج | قوم، برادري، معاشرو |
| سماچار | خبر چار |
| سماڌي | قبر، ماڻهوءَ جي ساڙيل لاش واري جاءِ يا هنڌ |
| سَماع | صوفي فقيرن جي راڳ واري محفل، جنهن ۾ الله جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. |
| سما | هڪ ذات |
| سماءُ | خبرگيري، خبر، سُڌ، خيال |
| سمائڻ | اندر ٽيڻ |
| سمائجڻ | پورو اچڻ، هڪ جهڙو ٿيڻ |
| سمجهہ | ڄاڻ |
| سمجهڻ | ڄاڻڻ |
| سمجهاڻي | شرح، ڄاڻ، معلومات، نصيحت |
| سمجهائڻ | مطلب ٻڌائڻ، هدايت ڪرڻ |
| سمجهدار | عقلمند، ڄاڻو |
| سَمر | مسافريءَ جو سامان |
| سمنڊ | وڏو پاڻي، مهراڻ، بحر |

| | |
|---|---|
| سمورو | سڀ جملي، سڀئي |
| سمهڻ | ننڊ ڪرڻ، آرام ڪرڻ ليٽڻ |
| سمهاڻي | سمهڻ جو وقت، عشاء جو وقت |
| سميٽڻ | گڏ ڪرڻ |
| سمي پوٽا | هڪ ذات |
| سميجا | هڪ ذات |
| سن | شهر جو نالو |
| سَنَ | هڪ ذات |
| سَنُ | سال |
| سَنُ | هڪ جيڏو |
| سن عيسوي | حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدائش جي وقت کان شروع ٿيندڙ سال |
| سن هجري | حضرت محمد ﷺ جن جڏهن مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪئي، تڏهن کان هجري سال شروع ٿيو. |
| سُن | سناٽو خاموشي، مات، بي دردي |
| سناٽو | خاموشي، چُپ چاپ |
| سناسي | فقيرن جو هڪ قسم |
| سنب | گهوڙي جو کُر |
| سنبت | تياري |
| سنبت | هندي سال، جيڪو وڪرماجيت کان شروع ٿيو هو. |
| سنبرڻ | تياري ڪرڻ |
| سنبو | لوهه مان ٺهيل هڪ سيخ |
| سنڀار | سنڀال، ساڃ خبر، ياد |
| سنڀارڻ | ياد ڪرڻ سنڀالڻ |
| سنڀال | خيال، پرورش |
| سنڀالڻ | خيال رکڻ، سنڀارو ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| سنياليندڙ | نگهبان، سرپرست |
| سنيڙڻ | تياري ڪرڻ |
| سَنت | ڀڳت، درويش، ساڌو |
| سُنّت | حضور ڪريم ﷺ جن جي رهڻي ڪهڻي، دستور |
| سُنت | ڏُهر |
| سنت ابراهيمي | حضرت ابراهيم عليه السلام جو اختيار ڪيل عمل |
| سنت نبوي | حضور ﷺ جن جو طريقه عمل |
| سنتوشي | خوش، راضي |
| سَنجُ | گهوڙي جي ساز وسامان مان هڪ سامان، جيڪو گهوڙي جي پٺيءَ تي وجهبو آهي. |
| سنجراڻي | هڪ ذات |
| سنجيدو | بُردبار |
| سنجيدگي | بُردباري |
| سنجيده | بُردبار |
| سنجها | شام، سانجهي |
| سنجهورو | شهر جو نالو |
| سَند | پاس ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ، پاس ٿيڻ جو تصديق نامو |
| سَند يافته | سَند حاصل ڪيل |
| سُندر | سهڻو خوبصورت |
| سندراڻي | هڪ ذات |
| سَندرو | هڱهه جي چيلهه سان ٻڌڻ وارو ڪپڙو |
| سَندو | جي تو جهڙو |
| سندس | هُن جو هن وارو |
| سندن | انهن جو انهن وارو |
| سندي | جي واري |
| سنديسو | نياپو پيغام |

| | |
|---|---|
| سنديلا | هڪ ذات |
| سَنڌ | بدن جي اندر هڏن جي جوڙ وارو هنڌ |
| سنڌائتو | پوري هنڌ تي |
| سِنڌ | صوبي جو نالو |
| سنڌو درياءُ | صوبي سنڌ مان وهندڙ ندي، سنڌو ندي |
| سِنڌي | هڪ ٻولي |
| سِنڌي | صوبي سنڌ جو رهاڪو |
| سنڌي سونهون | سنڌي درسي ڪتاب ۾ آيل نون لفظن جي معنيٰ وارو ڪتاب، سنڌي رهبر |
| سنڌي لغت | سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي معنيٰ وارو ڪتاب |
| سنڌان | لوهه جو هڪ اوزار، جنهن کي لوهار وغيره ڪم آڻين ٿا. |
| سِنڌڙي | شهر جو نالو |
| سنڌڙي | هڪ پراڻي بندر جو نالو |
| سنڌو | حد، نشان، تفاوت، ويڇو |
| سنڍ | اولاد نه ڄڻيندڙ عورت |
| سنسار | دنيا، جهان، جڳ، ڪائنات |
| سنگهار | زنجير |
| سُنسان | بيابان، غير آباد، اُجڙيل |
| سنسڪرت | هندوستان جي هڪ قديم ٻوليءَ جو نالو |
| سنکيو | هڪ زهريلي دوا |
| سنگ | سِٽي پوک جو چوٽيءَ وارو حصو |
| سنگتراش | پٿر ڇليندڙ، پٿر گهڙيندڙ |
| سنگدل | سخت دل، ڪٺور، بي رحم |
| سنگدلي | بي رحمي |
| سنگسار | پٿر هڻي مارڻ جي سزا |
| سنگ مرمر | هڪ قسم جو قيمتي اڇو پٿر |
| سنگت | دوستي |

| | |
|---|---|
| سنگتي | دوست |
| سنگترو | نارنگي، ميوو |
| سنگراسي | هڪ ذات |
| سنگين | هڪ هٿيار جو نالو |
| سُنگهڻ | نڪ صاف ڪرڻ |
| سنوارڻ | سڌارڻ، ٺاهڻ، سڌو ڪرڻ |
| سنواز | سڌار |
| سنوت | سڌائي، هڪجهڙائي |
| سنورڻ | ٺهڻ، سينگار ڪرڻ |
| سنهو | هلڪو آيرو |
| سنهي | باريڪ، هلڪي، ايري |
| سنئون | سِڌو |
| سنئون سڌو | بلڪل سڌو |
| سنئين ليڪ | سڌي ليڪ |
| سُني | مسلمانن جي هڪ فرقي جو نالو |
| سنياس | فقيري |
| سنياسي | جوڳي، تارڪ دنيا |
| سنيهو | نياپو پيغام |
| سٿائو | سولو |
| سٿپ | چربي، چڪنائي |
| سٿپو | چربي وارو، گيهه وارو |
| سِٿي | هڪ پوک جو قسم |
| سو | اُهو اُهوئي |
| سؤ | هڪ عدد (100) |
| سُو | پاسو طرف |
| سوا | هڪ سڄو ۽ ٻئي جو چوٿون پاڱو |
| سوا | علاوه، جدا، ڪان سواءِ |
| سُوا | تازو وياءل چوپايو مال |

| | |
|---|---|
| سواد | لذت، مزو ذائقو |
| سوادي | مزيدار |
| سوار | سواري ڪندڙ |
| سواري | ڪنهن وهٽ يا مشيني ڪل، جهڙوڪ: ريل گاڏي يا موٽر گاڏي تي ويهڻ |
| سواري ڪرڻ | چڙهڻ |
| سوال | پڇا، عرض، درخواست |
| سوالي | گهرجائو پينو سوال ڪرڻ وارو |
| سوامي | درويش، جوڳي، بزرگ، گوسائين، مرشد، پير |
| سوانح | واقعو احوال، ڳالهه قصو |
| سوانح عمري | ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو احوال |
| سوانح نگار | حال احوال لکندڙ انسانو يا ڪهاڻي لکندڙ |
| سوڀ | فتح، جيت، ڪٽڻ |
| سوڀارو | ڪٽيندڙ فاتح |
| سوڀيا | سونهن، خوبصورتي |
| سوڀياوان | سونهن وارو |
| سوٽ | تمام ٿورو ذرو (هڪ انچ جو ڏهون حصو) |
| سوٽلي | سِٽي جو ڏاڳو |
| سوٽُ | چاچي جو پٽ |
| سوٽِ | چاچي جي ڌيءَ |
| سوٽهڙ | واڌو ڏکڻ |
| سوٽي | سٽ مان ٺهيل |
| سوٽي ڪپڙو | سٽ مان ٺهيل ڪپڙو |
| سوپاري | هڪ وڻ جي ٻوٽي، هڪ وڻ جو ميوو |
| سوجي | ڪڻڪ جو مغز |
| سوچ | ٽوٽر |
| سوجهرو | روشني، روشنائي |
| سوچڻ | ويچارڻ، خيال ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| سوچ | ويچار، خيال، فڪر |
| سوچ ويچار | غور ۽ فڪر، سوچ ۽ سمجهہ |
| سوچي سمجهي | ڌيان سان |
| سُودُ | وياج |
| سُود خور | وياج وٺندڙ |
| سودمند | فائدي وارو |
| سودائي | مايوس، غمگين |
| سوداگر | واپاري، واپار ڪندڙ |
| سوداگري | واپار، تجارت |
| سوڊا | ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪار |
| سوڍر | هڪ ذات |
| سوراخ | ڏر، ٽُنگ |
| سورت | قرآن شريف جو ڪوبہ پاڱو يا حصو |
| سُورت | شهر جو نالو |
| سورٺ | هڪ راڳڻي جو نالو شهڻي، خوبصورت |
| سورج | سج |
| سورج گل | گل جو هڪ قسم |
| سورج مُکي | گل جو هڪ قسم سج ڏانهن منهن ڪندڙ گل |
| سورج منڊل | نظامِ شمسي |
| سُورمو | بهادر دلير |
| سورڻ | چورڻ |
| سورهيہ | بهادر دلير |
| سورهيائي | بهادري، دليري |
| سورهن | هڪ عدد (16) |
| سُوري | بيماري جو هڪ قسم |
| سوڙهہ | تنگي، مشڪلات |
| سوڙهو | تنگ |
| سُوز | رنج، غم، ڏک |

| | |
|---|---|
| سوسائٽي | جماعت، انجمن، سنگت |
| سوسي | ڪپڙي جو هڪ قسم |
| سوشل | سماجي |
| سوغات | سوکڙي پيتا |
| سوفا | آرامده ڪرسي |
| سوڪ | ڪڙڪ |
| سوکو | خوشحال، آسودو، سولو |
| سوکڙي | سوغات، پيتا، نذرانو |
| سوڳ | ڏک، ارمان، افسوس، رنج، غم |
| سوگهو | قابو، مضبوط |
| سول | قومي، ملڪي، انتظامي |
| سول جج | انصاف ڪندڙ ديواني مقدمن جا فيصلا ڪندڙ |
| سول سرجن | اعليٰ درجي جو سرڪاري ڊاڪٽر، سول اسپتال جو وڏو ڊاڪٽر |
| سول ڪورٽ | ديواني ڪورٽ |
| سولو | سهنجو، آسان، سليس |
| سولائي | آساني |
| سولجر | فوج جو سپاهي |
| سولنگي | هڪ ذات |
| سولي | ڦاسي |
| سولي تي چڙهڻ | ڦاسي تي چڙهڻ |
| سولي چاڙهڻ | ڦاسي ڏيڻ |
| سولي چڙهڻ | ڦاسي تي چڙهڻ |
| سومر | هفتي جي هڪ ڏينهن جو نالو |
| سومرا | هڪ ذات |
| سمرقند | هڪ مشهور شهر جو نالو |
| سومنات | هندستان جي هڪ شهر جو نالو |
| سومهٽي | عشاء جو وقت، سانجهيءَ کان پوءِ وارو وقت |

| | |
|---|---|
| سونُ | ھڪ اعليٰ قسم جو ڌاتو |
| سونارو | سون جو ڪم ڪندڙ |
| سونا ورق | سون جا ناھيل سنھا پردا |
| سون چاندي | ڌن دولت |
| سونو | سون جو |
| سونھري | سون جي رنگ جھڙو |
| سونپڻ | حوالي ڪرڻ |
| سونڍ | ھاٿيءَ جو نڪ |
| سونڍا | ھڪ ذات |
| سونمياڻي | ڪراچي ڀرسان ھڪ بندر جو نالو |
| سُونھن | خوبصورت, حُسن |
| سوئر | ڀرون. جھنگلي جانور جو ھڪ قسم |
| سوئڻ | چونڊڻ |
| سُوئُو | لوھ جي وڏي شئي |
| سويرو | صبح جو وقت |
| سويل | سوير |
| سھارو | آسرو اُميد, ڀرجھلو |
| سُھاڳ | ھڪ ذات |
| سھانگو | سستو توري قيمت وارو |
| سھانگائي | سستائي |
| سھائتا | مدد, واھر, ھمدردي |
| سُھاءُ | سوجھرو, روشني, چمڪ |
| سُھائو | روشني, چانڊوڪي, صاف |
| سھائي | چانڊوڪي, روشنائي |
| سھرو | گيت جيڪو شادي وغيره جي موقعي تي ڳايو ويندو آھي. |
| سھرو | ڙال جو پيءُ, مڙس جو پيءُ |
| سھسين | بيشمار تمام گھڻا |

| | |
|---|---|
| سهڪار | ايڪو اتحاد, ٻڌي, ميل جول |
| سهڪڻ | زور زور سان ساهه کڻڻ |
| سهڪو | دمڪشي, دم جي بيماري |
| سهمائي | سج لهڻ کان پوءِ وارو وقت |
| سهنج | سُک, آرام, آسائش |
| سهنجو | سولو |
| سهڻ | برداشت ڪرڻ |
| سهڻو | خوبصورت, وڻندڙ |
| سهڻي | خوبصورت, دلپسند |
| سهو | خرگوش, سيهڙ هڪ جانور جو نالو |
| سهول | هڪ ذات |
| سهولت | سولائي |
| سُٺا | کير ڏيندڙ چوپايو مال |
| سُئڻ | فقير جي صدا, سوال |
| سئنيما | فلم وسيلي ڏيکاريل کيل تماشو |
| سُئي | سبڻ جو سنهو اوزار |
| سي | أهي (ضمير) |
| سياپو | ماتم, ڏک, شور |
| سياح | سير ڪندڙ |
| سياحت | سير, سفر |
| سيارو | هڪ منڊ جو نالو جنهن ۾ ٿڌ پوندي آهي. |
| سياست | علم, ڄاڻ معلومات, ملڪي انتظام, حڪومت, |
| سياستدان | ملڪ جو انتظام هلائيندڙ |
| سيال | هڪ ذات |
| سيالڪوٽ | هڪ شهر جو نالو |
| سياڻو | عقلمند, ڏاهو سمجهدار |
| سياڻپ | عقل, ڏاهپ, سمجهه, هوشياري, عقلمندي |
| سياهُ | ڪارو, اونداهو, ڪاري رنگ جو |

| | |
|---|---|
| سياھ ڪار | بدڪار |
| سيبائڻ | دل کي وڻڻ، وڻڻ |
| سيباٽو | دل گھريو مناسب، لائق |
| سيٽُ | شين جو مجموعو |
| سيٽڻ | سخت ڪرڻ، پختو ڪرڻ |
| سيٺ | شاھوڪار، دولتمند |
| سيتار | ھڪ ذات |
| سيپارو | قرآن مجيد جي ٽيهن سيپارن مان ھڪ پارو يا ھڪ حصو، قرآن پاڪ جو ٽيهون حصو |
| سِيتا | راجه رام چندر جي زال، مجازاً پاڪدامن |
| سِيتاڦل | ميوي جو ھڪ قسم |
| سِيٽ | ماڻهوءَ جي ويهڻ جي جاءِ، بينڪ |
| سيپٽمبر | عيسوي سال جي نائين مهيني جو نالو |
| سيج | شاديءَ وقت گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ سينگاريل بسترو |
| سِيخ | لوھ جي شيخ |
| سَيد | سردار، بزرگ، پيشوا، امام |
| سيڌو | ڪچو سامان وغيره، خوراڪ جو سامان |
| سيرُ | مڻ جو چاليهون حصو، تور جو ھڪ وٽ (ھڪ مڻ ۾ چاليھ سير ٿيندا آھن). |
| سَيرُ | گهمڻ، تفريح |
| سيرگاھ | گهمڻ جي جاءِ |
| سِيرُ | درياھ جي وچ وارو حصو، پاڻي جو تيز وهڪرو |
| سِير | حلال مال کي ذبح ڪرڻ |
| سيراندي | کٽ جي مٿي رکڻ وارو پاسو |
| سيرت | عادت، هلت چلت، اخلاق |
| سِيرو | حلوو |
| سيڙپ | لڳت |
| سيڙجڻ | ترسجڻ، روڪجڻ |

ايندو آهي

سينگاڙ — سونهن، سجاوٽ

سينگارڻ — سنوارڻ، ٺاهڻ

سينو — ڇاتي، بدن جو حصو

سينو پٽڻ — ڇاتي پٽڻ، ماتم ڪرڻ

سينہ بہ سينہ — اُها ڳالهہ جيڪا نسل در نسل هلندي اچي، سلسليوار

سينو ساهڻ — برابري ڏيکارڻ، سامهون ٿيڻ

سينو سپر ڪرڻ — سامهون ٿيڻ، روبرو هجڻ

سينو چاڪ ٿيڻ — صدمي ڪان ڇاتيءَ جو ڦاٽي پوڻ

سيني تي مڱون هڻڻ — ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ

سينور — بيٺل پاڻيءَ جي مٿين سطح تي ترندڙ ساٺو چارو

سيڻ — سڱابندي ڪرڻ ڪان پوءِ واري مائٽي، رشتيداري

سيٽپو — سڱابنديءَ جو رشتو برادري

سيڻ — گاهہ جو هڪ قسم

سيوا — بندگي، خدمت، ٽهل ٽڪور، عبادت

سيو — سيءُ، ٿڌ، سيءُ سان ايندڙ تپ

سيُون — ڪاڌي طور استعمال ٿيندڙ ميدي مان ٺهيل ڌڳهيون لامون، جنهن ۾ ڪنڊ وغيره وجهي کائبو آهي

سيونگ بئنڪ — پئسن جمع ڪرڻ واري بئنڪ، دولت کي محفوظ رکڻ جي جاءِ

سيوا — خدمت، پوڄا، بندگي

سيوهڻ — شهر جو نالو

سيهڙ — هڪ ذات

سيهڙ — سهو

سيهو — هڪ قسم جو ڏاڙهو شيهو

سيءُ — ٿڌ، سردي

سي — اُهي (ضمير)

## (ش)

| | |
|---|---|
| ش | **سنڌي الف – ب جو اوٽتيھون نمبر اکر** |
| شاباس | آفرين، تعريف، خوش ھجو |
| شاخ | ٽاري |
| شاخ | واھ مان نڪتل ننڍي ڪسي |
| شاد | خوش، بي غمو |
| شاداب | سرسبز، تازو |
| شادي | خوشي، سرھائي، وھانءُ، جشن |
| شاذ | عجيب، الڳ، تنھا، اڪيلو اڪيلو، انوکو (جمع شذوذ) |
| شاذر | سڀني کان مختلف، منفرد، الڳ، حضرت علي عليه السلام جو لقب |
| شارح | معنيٰ ڪندڙ، کولي بيان ڪندڙ |
| شارع | وڏو رستو، وڏي سڙڪ، شاھراھ |
| شارڪ | ساموندي مڇيءَ جو ھڪ قسم |
| شاستر | ھندن جو ڌرمي ڪتاب |
| شاعر | شعر ٺاھيندڙ ڪوي |
| شاعري | شعرن ٺاھڻ جو ھنر |
| شافعي | امام شافعي جي پيروي ڪندڙ |
| شافي | شفا ڏيندڙ |
| شاڪر | شڪر ڪندڙ احسان مڃيندڙ |
| شاگرد | تعليم وٺندڙ علم سکندڙ چيلو مُريد |
| شاگردي | علم حاصل ڪرڻ ڪم سِکڻ |
| شالَ! | جيئن خدا گُھرين بخدا ڪري |
| شالَ | اوني چادر |

| | |
|---|---|
| شالامار | هڪ باغ جو نالو |
| شام | سانجهي، سج لهڻ وارو وقت |
| شام | هڪ ملڪ جو نالو |
| شامي | شام ملڪ جو رهاڪو |
| شامل | گڏيل، مليل |
| شاميانو | وڏي ڇتي، خيمي جو هڪ قسم |
| شان | مان، عزت، مرتبو |
| شاناٺتو | شان وارو، عزت وارو، مان مرتبي وارو |
| شاندار | شاناٺتو، رونق وارو، وڏو |
| شاهه | سيد، وڏو آقا، حاڪم |
| شاهاڻو | شان شوڪت وارو، شاهي |
| شاهه بلوط | وڏو وڻ، ڏيال |
| شاهه رڳ | وڏي رڳ |
| شاهڪار | سڀ کان وڏو ڪم، انوکو ڪم |
| شاهي رَستو | وڏو رستو |
| شاهد | گواهي ڏيندڙ |
| شاهوڪار | دولتمند، امير ماڻهو، ملڪيت وارو |
| شاهي | بادشاهي |
| شاهين | شهباز، وڏو باز، پکيءَ جو هڪ قسم |
| شاهينگ | چورُ |
| شائستو | لائق، عزت وارو |
| شائستگي | قابليت، لياقت، فضيلت |
| شايع | ظاهر، ڇپيل، پڌرو ڪرڻ |
| شب | رات |
| شب برات | شعبان مهيني جي پندرهين تاريخ واري رات |
| شبِ قدر | وڏي رات، عزت واري رات، ماهه رمضان جي ستاويهين تاريخ واري رات |

| | |
|---|---|
| شباب | جواني |
| شجاعت | بهادري، دليري |
| شجر | وڻ |
| شجرو | نسب نامو بنياد، پيڙهي |
| شخص | ماڻهو |
| شخصي | ماڻهوءَ جي |
| شخصيت | ماڻهپو شان، انسانيت |
| شدّ | پد تي زور، مضبوطي (ـّ) |
| شديد | سخت |
| شراب | نشيدار عرق |
| شرارت | حرڪت، بچڙائي |
| شرارتي | حرڪتي، بچڙائي ڪندڙ |
| شرافت | انسانيت، چڱائي |
| شربت | پيئڻ جو مٺو پاڻي، جنهن ۾ کنڊ جي چاش مليل هوندي آهي. |
| شرح | سمجهاڻي، معني، مطلب |
| شرط | مقابلو، داءُ، بازي، گوءِ |
| شرع | اسلامي قانون، قرآني طريقو |
| شرعًا | اسلامي قانون مطابق |
| شرعي | اسلام جي قانون موجب |
| شرف | عزت، بزرگي، مان شان |
| شرڪ | الله تعاليٰ جي پاڪ ذات ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ، پائيواري |
| شرڪت | شموليت، ساٿ، گڏجاڻي |
| [illegible] | ٻوٽي جي هڪ قسم جيڪو هميشه لاءِ [illegible] [illegible] |
| شرمسار | [illegible] |

شرمساري لڄ، شرم، حيا
شرمناڪ لڄ وارو
شرمندگي پشيماني
شرناءِ ساز جو هڪ قسم، توتاري
شروع منڍ، اول، ابتدا
شروعات شروع، منڍ، ابتدا ڪرڻ
شروعاتي ابتدائي، منڍ کان، پهرئين کان
شِرِي مان وارو، ڀاڳ وارو
شريان جسم کي رت پهچائيندڙ رڳ يا نس
شرير خراب، بڇڙو، شرارت ڪندڙ، حرڪتي
شريعت اسلامي قانون، قانونِ الاهي، سڌو رستو
شريف عزت وارو، ڀلارو
شريڪ حصيدار، ڀاڱيوار، گڏيل، مليل
ششماهي ڇهه ماهي، ڇهن مهينن جو
شطرنج هڪ راند جو نالو
شعاع روشني، ڪرڻا
شعبان هجري سال جي هڪ مهيني جو نالو
شعلو چمڪو روشني
شعور عقل، سمجهه، ڄاڻ
شُغل مشغولي، ڪم ڪار ڪرت، وندر
شفا تندرستي، صحت، چڱڀلائي
شفا خانو بيمارن جي علاج جي جاءِ، اسپتال
شفاياب نيڪ ناڪ، ڇاق، چڱو ڀلو
شفاف صاف سٿرو
شَقُ چيرڻ، چيريل، ڦاٽل، چير، ٽڪرا ٽڪرا
شق القمر حضور اڪرم ﷺ جن جو چنڊ ٻه چير ڪرڻ وارو معجزو

| | |
|---|---|
| شڪ | گمان، وهم، خيال |
| شِڪار | پکين يا جانورن کي مرڻ يا ڦاسائڻ |
| شڪار گاهہ | شڪار جي جاءِ |
| شڪاري | شڪار ڪندڙ |
| شڪارپور | هڪ شهر جو نالو جتان جو آچار پوري دنيا ۾ مشهور آهي. |
| شڪايت | گلا، بدي، غيبت |
| شڪايتي | فريادي، شڪايت ڪندڙ |
| شڪر | مهرباني، ٿورو احسان |
| شڪر گذار | احسانمند، ٿورائتو |
| شڪر گذاري | احسانمندي |
| شِڪرو | پکيءَ جو هڪ قسم |
| شڪست | هار، ڪوٽ |
| شڪست کائڻ | هارائڻ |
| شڪل | صورت، منهن، مهانڊو |
| شلوار | سٿڻ |
| شمار | ڳاڻيٽو، ڳڻپ، ڳڻڻ |
| شماري | ڳاڻيٽو، ڳڻپ |
| شمر | مردود، بد ذات، ظالم |
| شمس | سج |
| شمسي | سج وارو |
| شمشير | تلوار |
| شمع | بتي، ميڻ بتي، موم بتي |
| شمعدان | بتي رکڻ جي جاءِ |
| شميم | مهڪ، خوشبوءِ، سرهاڻ، مٿانهين شيءِ، اعليٰ |
| شناخت | سڃاڻپ |
| شناس | ڄاڻو، واقفڪار |

| | |
|---|---|
| شناسي | واقفيت |
| شوال | اسلامي سال جي هڪ مهيني جو نالو |
| شوخ | شرير، زبان دراز، بيهودو |
| شودر | گهٽ ذات وارو |
| شور | گوڙ، ھُل، آواز |
| شورا | هڪ ذات |
| شوربو | رڌل ڀاڄي جو رَسُ |
| شورو | ڌاتو جو هڪ قسم |
| شوروو | رڌل ڀاڄيءَ جي رَس |
| شوق | چاھہ، خواهش، آرزو، تمنا |
| شوقين | خواهشمند، تمنائي، چاھہ رکندڙ |
| شوڪارڻ | تڏو ساھہ پرڻ |
| شوڪارو | تڏو ساھہ |
| شوم | ڪنجوس |
| شھہ رڳ | وڏي رڳ |
| شهزادو | بادشاھہ جو پٽ |
| شهزادي | بادشاھہ جي ڌيءَ |
| شهزور | بهادر، طاقتور، سگهارو |
| شهمير | وڏو امير |
| شهاب | ڪِرندڙ تارو، شعلو، لاٽ |
| شهاب ثاقب | چمڪندڙ تارو |
| شهادت | الله جي راھہ ۾ جان ڏيڻ |
| شهادت | گواهي، شاهدي |
| شهاڻي | هڪ ذات |
| شهباز | وڏو باز، سخي |
| شهپر | ڦڳَ |
| شهداد ڪوٽ | شهر جو نالو |

| | |
|---|---|
| شهر | گهڻي آبادي واري جاءِ يا هنڌ. گهڻن ماڻهن جي رهڻ جو هنڌ |
| شهر خموشان | قبرستان. خاموشيءَ واري جاءِ يا هنڌ |
| شهري | شهر ۾ رهندڙ شهر وارو |
| شهريت | شهر ۾ رهڻ جا قاعدا قانون |
| شُهرت | مشهوري. ناماچاري |
| شهنشاهه | وڏو بادشاهه |
| شهوائي | هڪ ذات |
| شهيد | الله پاڪ جي راهه ۾ مارجي ويل. قربان ٿيڻ |
| شيءِ | جنس |
| شِيٽ | هڪ قسم جو ڪپڙو |
| شيث | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو حضرت آدم عليه السلام جو فرزند. |
| شيخ | اڳواڻ. بزرگ. مرشد. پير. اُستاد. هڪ ذات. جمع شُيوخ |
| شيخياڻي | شيخ جي زال. شيخ جي گهرواري |
| شيخ الاسلام | اسلام جو وڏو پيشوا |
| شيخ الرئيس | حڪيم بوعلي سينا جو لقب |
| شِيخ | لوهه جي ٿلهي تار يا راڊ |
| شيخاڻي | بلوچن جي هڪ ذات |
| شيخ پرڪيو | هڪ بزرگ جو نالو |
| شيدائي | عاشق |
| شِيدي | هڪ قوم. حبشي. حبشي قوم جو لقب |
| شيرِ خدا | حضرت علي رضه جو لقب |
| شير دل | بهادر. سورهيه |
| شيرمال | کنڊ. کير ۾ ميدي مان ٺهيل ماني |
| شيراز | ايران جي شهر جو نالو |

| | |
|---|---|
| شيرازي | شيراز شهر جو رهاڪو |
| شهنشاهه | بادشاهن جو بادشاهه |
| ڇيڇمُ | وڻ جو هڪ قسم، جنهن جي ڪاٺي ڪاري ٿئي ٿي |
| شيش محل | اميرن جو گھر |
| شيشو | ڪائو ڪانچ، آئينو |
| شيشي | شيشي جي ننڍي بوتل |
| شيطان | نافرمان، ابليس، شرير، سرڪش، گمراهه ڪندڙ ڀٽڪائيندڙ جمع شياطين |
| شيطاني | لچائي، بدمعاشي، شرارت، حرڪت |
| شِيعہ | مددگار، تابعدار |
| شِيعو | مسلمانن جو هڪ فرقو، حضرت علي رض جو پوئلڳ |
| شيلُ | گھمڻ، چڪر، سير، تفريح |
| شينهن | ڪيهر، جهنگ جي جانورن جو بادشاهه، هڪ جهنگلي جانور جيڪو گوشت خور آهي |
| شينهڻ | شينهن جي مادي |
| شيهو | ڏاتو جو هڪ قسم، سيهو |
| شيوا | بندگي، عبادت، ٽهل ٽڪور، خدمت |
| شيوا ڪرڻ | خدمت ڪرڻ، بندگي ڪرڻ، عبادت ڪرڻ |

## (ص)

| ص | سنڌي الف – ب جو ٽيهون نمبر اکر |
|---|---|
| صابر | صبر ڪندڙ صدمي يا مصيبت تي خاموش رهڻ وارو |
| صابڻ | ڪار، سوڏا ۽ تيل وغيره مان ٺهيل ڪپڙن ڌوئڻ ۽ وهنجڻ جي لاءِ ٽِڪي جي شڪل ۾ هڪ قسم جو مصالحو. |
| صابي | هڪ مذهب ڪان ٻئي مذهب ڏانهن ڦرڻ وارو |
| صاحب | مالڪ، سائين، جناب، حاڪم، حضرت، ساٿي، دوست |
| صاحب دل | پرهيزگار، ديندار |
| صاحبِ جمال | حَسين، خوبصورت، سهڻو |
| صاحب زمان | حضرت امام مهدي جو لقب |
| صاحبي | اميري، وقت، دور، زمانو، بادشاهي |
| صاحب جي صاحبي | قادر جي قدرت |
| صادق | سچو، سچار، منصف، وفادار |
| صاف | چٽو، اڇو اجرو، بي داغ |
| صالح | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو |
| صالِحُ | نيڪ، سٺين عادتن وارو، پرهيزگار |
| صالِحه | نيڪ عورت |
| صائب | دُرست، نيڪ، پهچڻ وارو |
| صائم | روزيدار، روزو رکندڙ |
| صائم الدهر | هميشه روزو رکندڙ |
| صَبا | اوڀر طرف کان ايندڙ ٿڌي هوا |
| صُبح | سج اڀرڻ وارو وقت |
| صبح جو تارو | رهائو تارو |
| صبح صادق | فجر جو وقت |
| صبح ڪاذب | صبح صادق کان اڳ واري مهل |

| | |
|---|---|
| صَبر | خاموشي، تحمل، ماٺ |
| صَبُور | صبر ڪندڙ |
| صحابي | حضور اڪرم ﷺ جن جو ساٿي، دوست |
| صحابہ | صحابي جو جمع |
| صحافت | اخبار نويسي |
| صحافي | اخبار نويس |
| صُحبت | سنگت، دوستي |
| صحبتي | دوستي وارو، سنگتي |
| صحت | تندرستي، چڱيلائي |
| صِحت بخش | شفا ڏيندڙ، تندرست رکندڙ |
| صِحت نامو | ڪتاب جي ڇپجڻ بعد ڏنل فهرست، غلطين جي فهرست، ڇپائيءَ ۾ غلط لفظن کي درست ڪرڻ |
| صحتياب | چاق، چڱو ڀلو، تندرست |
| صحرا | بيابان، ريگستان، واريءَ سو ميدان |
| صحرائي | ريگستاني، جهنگلي |
| صَحن | اڱڻ |
| صحيح | هٿ اکري، دستخط |
| صحيح | ٺيڪ، درست |
| صحيح سلامت | جيئن جو تيئن |
| صَحيفو | ڪتاب جو لکيل صفحو |
| صدا | پڙلاءُ، آواز، گونج |
| صدارت | اڳواڻي، رهبري |
| صداقت | سچائي، خلوص |
| صد برگ | گل جو هڪ قسم |
| صدر | اڳواڻ، مکيہ، خاص |
| صدر بازار | وڏي بازار |
| صَدري | ننڍو ڪوٽ |

| | |
|---|---|
| صدف | سِپي، سِپ جنهن مان موتي نڪرندو آهي، سامونڊي جيت |
| صدقو | الله تعاليٰ جي نالي تي ڏنل شيءِ |
| صَدقہ جاريہ | اُهي سنا ڪم، جن جو ثواب هميشہ ملندو رهي، |
| صدقي | قربان، گهوري |
| صدمو | رنج، ڏک، اچانڪ حادثو |
| صَدي | هڪ سؤ سال جو زمانو هڪ سؤ سال |
| صديق | سچ ڳالهائيندڙ بيحد سچار |
| صديقي | هڪ ذات |
| صُراحي | گگهي |
| صراط | واٽ، رستو راهہ |
| صراف | پارکو سون جو پارکو امين، منصف |
| صرف | نج، خالص، فقط |
| صرفو | واڌارو زيادتي |
| صغير | ننڍو نابالغ |
| صَفّ | قطار |
| صَف بندي | قطار ناهڻ |
| صفا | صاف، اڇو اجرو چٽو |
| صفائي | پاڪائي، پاڪيزگي |
| صفاتي | ملبل |
| صفت | ڪنهن شيءِ جو اهڃاڻ يا نشاني وغيره |
| صفت | تعريف، خوبي، ساراهہ واکاڻ |
| صفحو | پني جو هڪ پاسو |
| صفر | اسلامي سال جي هڪ مهيني جو نالو |
| صِفر | ڪجهہ بہ نہ، ٻڙي |
| صُفو | رڏو ڪمرو |
| صلاح | هدايت، مشورو نصيحت، تجويز |
| صلاحڪار | صلاح ڏيندڙ |

| | |
|---|---|
| صلاحيت | لياقت، سمجھ، فھم، عقل |
| صُلح | امن، ٻڌي، اتحاد |
| صُلح نامو | راضي نامو |
| صلواة | نماز، درود، الله تعاليٰ جي تعريف |
| صليب | ڦاسي، سُولي |
| صليبي | بهادر، مجاهد، دلير |
| صندل | خوشبوءِ دار وڻ جو هڪ قسم |
| صندوق | پيٽي |
| صنعت | هنر، ڪاريگري |
| صنعتي | هنري |
| صنف | قسم، نمونو |
| صنم | مٽي، ڪاٺي يا پٿر جو بُت |
| صنم | پيارو، پرين، دوست |
| صنوبر | وڻ جو هڪ قسم |
| صُوبو | ملڪ جو حصو، پرڳڻو |
| صوبيدار | پوليس جو عملدار |
| صَوت | آواز |
| صُور | آواز ڪرڻ، وڄائڻ جو توتارو |
| صورت | نقش، شڪل، مهانڊو |
| صورتحال | سچي ڳالھ، حقيقت، ظاهري حالت |
| صورتخطي | اکر اکر ڪري لکڻ مشق، اکرن يا لفظن کي انهيءَ صورت يا شڪل ۾ لکڻ، اکرن يا لفظن کي ياد لکڻ. |
| صوف | ميوي جو هڪ قسم |
| صُوفي | پرهيزگار، الله وارو درويش |
| صوفياڻو | صوفين وارو، فقيرن وارو، درويشن وارو |
| صوفياڻي | پرهيزگاري |
| صَياد | شڪاري، شڪار ڪندڙ ظالم |
| صيغو | اصل ٺهيل لفظ، گردان |

(ض)

| | |
|---|---|
| ض | **سنڌي الف – ب جو ايڪٽيهون نمبر اکر** |
| ضابطو | قاعدو، قانون |
| ضابطو فوجداري | فوجي قانون |
| ضبط | ڪنهن شيءِ کي قبضي ۾ ڪرڻ، قابو ڪرڻ |
| ضامن | ذمو کڻندڙ، ذميوار، طرفدار |
| ضائفان | عورت |
| ضايع | برباد، اجايو، بيڪار |
| ضد | اُبتڙ |
| ضدي | هٺيلو، تڪراري |
| ضرب | علم رياضي مطابق ٻن عددن جي ٻي سگهه. ڪنهن عدد کي ڪوڙن ذريعي ٻيڻو ٽيڻو، چوڻو وغيره ڪرڻ. مثال طور: 2=1×2 ـ 4=2×2 |
| ضرور | لازم، فرض، واجب، اڻ ٽر |
| ضرورت | گهرج |
| ضرورتمند | گهرجائو، محتاج |
| ضروري | لازمي |
| ضعيف | ڪمزور، هيڻو، ٻي طاقتو |
| ضعيفائي | ڪمزوري، هيڻائي |
| ضلع | مُلڪي حد، ڀڃ يا ٻن کان وڌيڪ تعلقا ملي هڪ ضلعو ٺهي ٿو. |
| ضمانت | ذميداري، جوابداري |
| ضميمو | ڪتاب پوري ٿيڻ کان پوءِ ڏنل مواد، وڌايل مواد، وڌايل لفظ |

## (ط)

| | |
|---|---|
| ط | سنڌي الف - ب جو ٻٽيهون نمبر اکر |
| طارق | صبح جو تارو هڪ مشهور اسلامي سپهه سالار جو نالو (طارق بن زياد). |
| طاعُون | هڪ وچڙندڙ بيماريءَ جو نالو (پليگ) |
| طاق | در جو هڪ پٽ. در جو ٻيو تختو اُهو عدد جيڪو ٻن سان پورو نه ونڊجي سگهجي |
| طاقت | سگهه. قوت |
| طاقتور | طاقت وارو |
| طالب | گهرندڙ طلب ڪندڙ عاشق |
| طالب دنيا | دنيا جو طلبگار |
| طاهر | پاڪ. صاف. مؤنث طاهره |
| طاهري | ڳُڙ پر پڪل چانور |
| طالُوت | بني اسرائيل قوم جي هڪ سردار جو نالو |
| طائر سِدره | حضرت جبرئيل عليه السلام |
| طائِف | سعودي عرب جي هڪ شهر جو نالو جيڪو مڪي شريف جي ويجهو آهي |
| طائي | عربستان ۾ رهندڙ هڪ قبيلي جو نالو |
| طِب | حڪمت. علاج. ويدڪ |
| طبابت | طب جو فن. طب جو علم |
| طَبع | مزاج. فطرت. عادت. چاپڻ |
| طباعت | ڇپجڻ. ڇپائي |
| طبعي | فطرتي. پيدائشي. خلقي |

| | |
|---|---|
| طبقو | منزل، درجو، پاڳو |
| طبل | وڏو ڍول، ڏڪڙ |
| طبلائي | طبلو وڄائيندڙ |
| طبلو | وڏو ڍول |
| طِبي | ڊاڪٽري، حڪيمي، طب سان لاڳاپيل |
| طبيب | علاج ڪندڙ حڪيم، ويڄ، ڊاڪٽر |
| طبيعت | عادت، مزاج، خصلت |
| طبيلو | گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ |
| طرابلس | شام ملڪ جي هڪ شهر جو نالو |
| طرح | نمونو، قسم، ڍنگ |
| طرز | اڏاوت، بناوت، انداز، ريت |
| طرف | پاسو |
| طرفان | طرف کان، پاسي کان |
| طرفدار | پاسو ڪندڙ |
| طُرو | ڪلنگي، چوٽي، پٽڪي جو ٻاهريون پاسو |
| طريقت | واٽ، رستو، صوفين جي طريقي پريٺي درجي واري منزل |
| طريقو | نمونو، راهه، رستو، ترڪيب |
| طعام | کاڌو، خوراڪ |
| طعنو | مهڻو |
| طلاق | عورت کي شريعت مطابق ڇڏي ڏيڻ |
| طلب | ڳولا، جستجو، خواهش، گهرج |
| طلبگار | گهرجائو، ڳولائو، جستجو ڪندڙ |
| طمع | لالچ، لوڀ |
| طنبورو | ساز جو هڪ قسم |
| طواف | ڪعبة الله شريف جي چوڌاري ڦرڻ |

| | |
|---|---|
| طُور سينا | طُور جبل |
| طوطو | هڪ پکيءَ جو قسم، چٽون |
| طُوفان | زوردار هوا |
| طهارت | پاڪائي |
| طُهر | ختنو سُنت |
| طيب | پاڪ، صاف، سنو |
| طيبہ | مديني پاڪ جو نالو |

(ظ)

| ظ | سنڌي الف - ب جو ٽيٽيھون نمبر اکر |
|---|---|
| ظالم | پاپي، ظلم ڪندڙ ڏاڍو بي رحم |
| ظاهر | نروار، ڪليل، ڏسڻ ۾ ايندڙ عيان، پڌرو چٽو |
| ظاهردار | منافق، مڪار |
| ظاهرداري | منافقي، مڪاري، ڏيکاءُ |
| ظاهري | صاف، نروار ٿيل، کليل، پڌرائي |
| ظرف | لياقت، دانائي، هوشياري |
| ظرف | اهو لفظ جيڪو جاءِ يا وقت جي معنيٰ ڏيکاري |
| ظرف | ٿانءُ |
| ظلم | ڏاڍ، بي رحمي |
| ظهور | پڌرو ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ |
| ظهير | مددگار، دوست |

## (ع)

| | سنڌي الف - ب جو چوٿيهون نمبر اکر |
|---|---|
| ع | |
| عابد (مذڪر) | عبادت ڪندڙ بندگي ڪندڙ پرهيزگار جمع عُباد |
| عابده (مؤنث) | عبادت ڪندڙ عبادت گذار بندگي ڪندڙ پرهيزگار |
| عاج | هاٿي جو ڏند |
| عاجز | لاچار بيوس، مجبور، نا اُميد، مسڪين |
| عاجزي | عجز انڪساري، منت، لاچاري، بيوسي، مسڪيني، نااُميدي، مجبوري |
| عاد | اُها قوم، جنهن تي حضرت هود عليه السلام نبي مقرر ٿيا. حضرت هود عليه السلام جي قوم جيڪا عاد بن سام بن نوح جي نسل مان هئي. |
| عادت | هيرَ، علت، لڇڻ، خصلت، جمع عادتون |
| عادِل | انصاف ڪندڙ پرهيزگار، جنهن جي شرعي طور تي گواهي معتبر هوندي آهي، جج |
| عادِي | عاد قوم سان لاڳاپيل |
| عادِي | هيراڪ، علتي، اُهو شخص جنهن کي ڪنهن شيءِ جي عادت پئجي وڃي. |
| عار | وڏائي، شرم، غيرت، عيب |
| عارياتي | هڪ ذات |
| عارضي | ٿوري وقت لاءِ، جيڪو مستقل نه هجي. |
| عاشِق | حد کان وڌيڪ پيار ڪندڙ چاهيندڙ ديوانو مدهوش، جمع عُشاق |
| عاشقي | محبت، عشق |
| عاشورا، عاشورو | محرم الحرام مهيني جي ڏهين تاريخ، جنهن تي حضرت امام حسين عليه السلام شهيد ٿيا. |

| | |
|---|---|
| عاصِم | نگھبان، حفاظت ڪندڙ |
| عاصِي | گنھگار، نافرمان |
| عاطِف | مھرباني ڪندڙ، مھربان |
| عافيت | سلامتي، خيريت، صحت ۽ سلامتي، نيڪي، ڀلائي |
| عاق | ماءُ پيءُ جو نافرمان، والدين سان سرڪشي ڪندڙ |
| عاق نامو | ملڪيت يا ميراث مان اولاد کي محروم ڪرڻ جو ڪاغذ يا لکت وغيره |
| عاقب | نائب، پٺيان ايندڙ |
| عاقبت | انجام، پڇاڙي، نتيجو، آخرت |
| عاقل | عقل وارو، سمجھدار، داناءُ، هوشيار |
| عاقِلہ | عاقل جي مؤنث، عقلمند عورت |
| عالَم | دنيا، جھان، سنسار، ڪائنات، مخلوقات، الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيون سڀ شيون |
| عالَم | صورت، حالت، طريقو |
| عالم آشڪار | دنيا ۾ پڌرو، نالي وارو |
| عالم الارواح | روحن جو جھان، چارئي عنصر |
| عالمِ برزخ | روحن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ، موت کان پوءِ قيامت تائين روحن جي رهڻ جي جاءِ |
| عالمِ اسباب | دنيا، جو ته هن جا سڀئي ڪم سبب سان لاڳاپيل آهن. |
| عالم پناھ | مخلوقات کي پناھ ڏيندڙ بادشاھ |
| عالِم | ڄاڻو، علم وارو، ڏاهو، داناءُ، پڙهيل لکيل، ڄاڻندڙ |
| عالِيہ | بلند مرتبي واري، عورتن جو لقب |
| عالمائي | هڪ ذات |
| عاليشان | وڏي شان وارو، وڏي مان وارو، رونق وارو |
| عالمگير | سڄي دنيا ۾ مشھور، مغل بادشاھ اورنگزيب جو لقب - |

| | |
|---|---|
| عام | رواجي، گهڻ، ادني، مشهور |
| عام خاص | ننڍو وڏو |
| عام راهه | سڀني ماڻهن جي راهه |
| عامري | سن شهر ۽ لکيءَ جي وچ ۾ هڪ قديم شهر، بني عامر قبيلي سان لاڳاپيل |
| عامل | عملدار، عمل ڪندڙ ڪاريگر، حاڪم، ڪم ڪندڙ |
| عبادت | بندگي، خدا جي ياد |
| عبادت گاهه | عبادت ڪرڻ جي جاءِ |
| عبارت | مضمون، بيان، لکت، تحرير |
| عباس | حضور ﷺ جن جي چاچي سائينءَ جو نالو، جنهن جي اولاد مان عباسي خليفا آهن. |
| عباسي | حضور ﷺ جن جي چاچي حضرت عباس رضه جي خاندان جو لقب، حضرت عباس رضه جو اولاد |
| عباسي | هڪ ذات |
| عبد | ٻانهو، بندو |
| عبدالله | الله جو ٻانهو |
| عبدالمطلب | حضور اڪرم ﷺ جن جي ڏاڏي سائينءَ جو نالو |
| عبراني | يهودين جي ٻولي |
| عبرت | حيرت، تعجب |
| عبرت ۾ پوڻ | حيرت ۾ پوڻ |
| عجائب | اچرج جهڙو، عجيب وغريب |
| عجائب خانو | عجائب گهر |
| عجب | حيرت، اچرج، حيراني |
| عجب اسرار | عجيب تسر جا رنگ، عجب جهڙي شيءِ، حيران ڪندڙ شيءِ |
| عجز | نياز نوڙت |

| | |
|---|---|
| عجيب | حيران ڪندڙ |
| عدالت | انصاف ڪرڻ جي جاءِ |
| عداوت | وير، دشمني |
| عداوتي | ويري، دشمن |
| عدد | انگ، تعداد، شمار |
| عدد | رياضي ۾ هڪ کان وڌيڪ تعداد ڏيکاريندڙ عدد، گهٽا عدد |
| عدد شماري | انگن جي ڳڻپ |
| عدد قطاري | سلسليوار انگ |
| عدد مرڪب | علم رياضي مطابق جزن ۾ تقسيم ٿيندڙ انگ |
| عدد مفرد | اڪيلو عدد، علم رياضي موجب جزن ۾ تقسيم نہ ٿيندڙ عدد |
| عدد واحد | اڪيلو عدد، واحد عدد |
| عدل | انصاف، مساوات، برابري |
| عدم | آخرت، فنا جو ملڪ |
| عدن | بهشت، جنت، جنتي باغ |
| عذاب | ايذاءُ، سختي، سزا |
| عذر | معافي، اعتراض |
| عذر خواهي | ڪنهن جي مري وڃڻ تي غم جو اظهار تعزيت |
| عراق | ملڪ جو نالو |
| عراقي | عراق ملڪ جو رهاڪو |
| عرب | هڪ قوم |
| عرب | ملڪ جو نالو جتي حضور اڪرم ﷺ جن جي ولادت ۾ لاڏاڻو ٿيو |
| عربستان | عربن جي رهڻ جي جاءِ |
| عرس | ڪنهن بزرگ جي ياد ۾ سندس ملهايل ڏينهن |
| عرش | تخت، تختِ خداوندي، آسمان |

| | |
|---|---|
| عرصو | وقت، مدت، زمانو |
| عرض | سوال، التجا، منٿ، گذارش |
| عرفات | مڪي شريف جي پرسان هڪ ميدان جو نالو |
| عرق | رس، جوهر |
| عرق النساء | هڪ رڳ جو نالو |
| عُروج | اوچائي، بلندي، مٿانهين، ترقي |
| عروض | شعر جي وزن ۽ بحر معلوم ڪرڻ جو علم |
| عريضي نويس | درخواست لکڻ جو ڪم ڪندڙ |
| عزّوجل | اعليٰ، وڏائيءَ جي لائق، قادر |
| عزادار | ماتم ڪندڙ مري ويل جو غم ڪندڙ |
| عزازيل | شيطان جو نالو |
| عزت | مان، مرتبو شان شوڪت، وقار |
| عزرائيل | موت جو فرشتو |
| عزم | ارادو نيت |
| عزيز | پيارو رشتيدار، مائٽ |
| عشر | ڏهه |
| عُشر | ڏهون حصو ڏهين پتي |
| عصا | لٺ |
| عصر | ڏينهن جو آخري حصو زمانو وقت |
| عضوو | بدن جو هڪ حصو |
| عطا | بخشش، انعام |
| عطار | عطر ٺاهيندڙ عطر وڪڻندڙ |
| عطائي | قدرتي طرح ڪنهن فن ۾ هوشيار |
| عطر | سرهاڻ، خوشبوءِ |
| عظمت | وڏائي ڪبريائي |
| عُظميٰ | وڏو بلند، اعليٰ |
| عظيم الشان | وڏي شان وارو |

عقاب پکيءَ جو قسم، شڪاري پکي، باز
عقل سمجهه، ڏاهپ، سياڻپ
عقلمند سمجهه وارو سياڻو ڏاهو
عقلمندي هوشياري، سياڻپ، ڏاهپ
عقيدت پروسو اعتقاد
عقيدو پروسو يقين
عُقيلي هڪ ذات
عَڪس پاڇو پاڻي يا آئيني ۾ ڪنهن شيءِ جي نظر ايندڙ شڪل
علاج دوا
علائقو ڪنهن ملڪ جي حد يا علائقو ضلعو تعلقو وغيره
علامت اهڃاڻ، نشان، آثار
علامہ عالم، گهڻو علم ڄاڻيندڙ
عِلاوه ڪان سواءِ
عِلت عادت
علحدو جدا، الڳ
علحدگي جدائي، وڇوڙو
عَلم جهنڊو
علمبردار جهنڊو کڻندڙ
عِلمُ تعليم، ڄاڻ، واقفيت، آگاهي
علم ادب علم بيان، ڳالهائڻ جو علم
علمائتو علم سان لاڳاپو رکندڙ
عِلم بيان بيان ڪرڻ جو علم، ڳالهائڻ جو علم
علم تصوف روحاني علم
علم تمدن شهري انتظام جو علم
علم تاريخ گذريل واقعن جو علم

| | |
|---|---|
| علم حديث | حديث جو علم |
| علم حساب | علم رياضي، علم عدد |
| علم حيوانات | حيوانن جو علم |
| علم رياضي | حسابن جو علم |
| علم طبعي | ڪائنات جي ڄاڻ جو علم |
| علم فقه | شريعت جي حڪمن جو علم |
| علم ڪيميا | شين جي جزن کي الڳ ڪرڻ يا ملائڻ جو علم |
| علم لُغت | ٻوليءَ جي لفظن جي تحقيقات جو علم |
| علم نباتات | وڻن ۽ ٻوٽن جو علم |
| عِلمي | علم وارو |
| عِلميت | قابليت، ڄاڻ، سکيا، تعليم |
| عُلوي | بلند، مٿانهون، اعليٰ درجي وارو |
| علوم | علم جو جمع، گهڻا علم |
| عَلِي | اعليٰ، مٿانهون، بلند |
| علي | اسلامي سلطنت جي چوٿين خليفي جو نالو |
| عليم | ڄاڻندڙ علم وارو |
| عليه رحمت | الله جي ان جي مٿان رحمت هجي. |
| عليه السلام | الله هن کي سلامت رکي. |
| عمارت | جاءِ، گهر |
| عمارت ساز | جايون ٺاهيندڙ |
| عمارت سازي | جايون ٺاهڻ جو فن، اڏاوت جو فن |
| عمدو | اعليٰ، اوچو سٺو نفيس، وڻندڙ |
| عمر | حياتي، زندگي |
| عمر | اسلامي سلطنت جي ٻئي خليفي جو نالو |
| عمراڻي | هڪ ذات |
| عمرڪوٽ | شهر جو نالو |
| عمرو | حج کان سواءِ ٻئي ڪنهن موقعي تي ڪعبة الله |

| | |
|---|---|
| | شريف جو طواف ڪرڻ |
| عمل | ميڄڻ، پوئيواري، بجا آوري |
| عملي | ڪارگر، ڪم وارو |
| عملدار | انتظام هلائيندڙ |
| عملداري | انتظام |
| عملو | ڪنهن آفيس وغيره ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو |
| عُمود | تنبوءَ جي اُڀي ڪاٺي، ٿنيو |
| عُمودي | اُڀو |
| عموماً | اڪثر، گهڻو ڪري |
| عميق | اونهو |
| عنايت | مهرباني، احسان، ٿورو |
| عنصر | اصلي جزو |
| عنوان | مُنڍ، موضوع، شروعات |
| عوام | عام ماڻهو |
| عورت | مائي، زال، زائفان |
| عهد | انجام، قول، واعدو اقرار |
| عهدنامو | تحريري معاهدو |
| عُهدو | درجو، مرتبو |
| عهديدار | عهدي وارو، عملدار |
| عياش | عياشي ڪندڙ آرام پسند، آرام سان زندگي گذاريندڙ |
| عياشي | نفس پرستي، عيش ۽ عشرت |
| عيال | ڪٽنب، گهر ٻار، ٻار ٻچا |
| عيالدار | ٻارن ٻچن وارو، ڪٽنب وارو، خاندان وارو |
| عيان | ظاهر، نظر ايندڙ صاف، چٽو اعلانيل |
| عيب | اوڻائي، گهٽتائي، نُقص، بُرائي |
| عيد | خوشيءَ جو ڏينهن |

| | |
|---|---|
| عيد الاضحيٰ | قربانيءَ واري عيد |
| عيدالفطر | رمضان جي ختم ٿيڻ کان پوءِ واري عيد، جيڪا پهرين شوال تي ملهائي ويندي آهي. |
| عيدگاهه | عيد جي نماز پڙهڻ واري جاءِ |
| عيدي | عيد جي خرچي، عيد جو انعام، خوشيءَ جي ڏينهن جو انعام |
| عيسيٰ | الله جي هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو جيڪو مريم عليها السلام جي بطن (پيٽ) مان بغير پيءُ جي پيدا ٿيو هو. مُردن کي زنده ڪرڻ سندس هڪ معجزو هو. |
| عيسوي سن | حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جنم کان شروع ٿيل سن، انگريزي سن |
| عيسائي | هڪ ذات |
| عيسائي | حضرت عيسيٰ عليه السلام جا پوئلڳ، نصراني، مسيحي |
| عيش | خوشي، موج، آرام، سُک، چين، سٺي زندگي |
| عيش ڪرڻ | شهرت، لطف، نفس پرستي |
| عيش محل | عيش ڪرڻ جي جاءِ، خواب گاهه، آرام واري جاءِ |
| عيش عشرت | خوشي خوشي، موج مستي |
| عين | اک |
| عين اليقين | ڪنهن شيءِ کي ڏسي يقين ڪرڻ |
| عينڪ | چشمو، اهو شيشن وارو فريم، جيڪو اکين تي پاتبو آهي، اکين جو چشمو |
| عيوض | بدلو، معاوضو |
| عيوضو | بدلو، اُجورو |
| گمنام | اڻ واقف، نامعلوم، لِڪل |
| گُناهه | پاپ، ڏوهه، قصور، خطا |
| گنهگار | ڏوهي، پاپي |
| گنبذ | ڦُبو |
| گنج | ڍڳ، ڍڳ، ڪوڙ انبار |
| گنجائش | ضرورت |
| گنجي | قميص جي اندران پائڻ لاءِ ننڍي چولي |
| گند | ڪچرو |
| گندگي | گدلاڻ، ميراڻ |
| گندو | خراب، گدلو، ميرو، غليظ |

| | |
|---|---|
| گندي | خراب، بڇڙي، ڪني، غليظ |
| گندرف | معدني شيء جيڪا پارڻ وغيره جي ڪم اچي |
| گندرو | مهاڻو ملاح |
| گندرا | هڪ ذات |
| گندري | ٿهاڻي |
| گندڻ | سڇيءَ جو قسم |
| گنگا | هندوستان جي هڪ نديءَ جو نالو |
| گنوائڻ | وڃائڻ، ضايع ڪرڻ |
| گنوائين | وڃائين، ضايع ڪرين، لُٽائين |
| گنهگار | ڏوهي، پاپي، قصوروار |
| گڻ | خاصيت، اخلاص، خصلت |
| گٺگ | دغاباز، وڏو هوشيار، چالاڪ |
| گوادر | بلوچستان صوبي ۾ هڪ سامونڊي بندر |
| گوار | ٻوٽي جون ڦريون، جيڪي رڌي کائيبون آهن. |
| گواهه | شاهد، گواهي ڏيندڙ شاهدي ڏيندڙ |
| گواهي | شاهدي، تصديق، ثابتي |
| گوبر | چوپائي مال جو ڇيڻو |
| گوبي | سبزيءَ جو قسم، گوبيءَ جا ٻه قسم ٿيندا آهن، پر ٻـ قسم تہ عام آهن: گل گوبي ۽ بند گوبي |
| گوتم | ٻڌمت جي ڌرم جو بنياد وجهندڙ |
| گوٽناٽ | ٽارڻ، ٽٽائڻ، جند ڇڏائڻ |
| گوپانگ | هڪ ذات |
| گوج | مڇيءَ جو قسم |
| گود | جهولي، هنج |
| گوڏڙي | ڇتيون لڱل ٻهراڻ جيڪو اڪثر فقير پهرينندا آهن. |
| گودي | جهازن جي بيهڻ جي جاءِ، سامان وغيره رکڻ جي جاءِ |

| | |
|---|---|
| گوڏ | گوڏن تائين پهچڻ جو ڪپڙو |
| گوڏا کوڙڻ | ماري ميجائڻ |
| گور | قبر، مزار، تربت |
| گورپٽ | قبر کوٽيندڙ هڪ جانور جو قسم |
| گورک | اعليٰ، وڏو، ڏکيو، مٿانهون، اُوچو |
| گورک | ضلعي دادو ۾ هڪ جبل جو نالو (گورک هل). گورک جبل تي هڪ تفريحي مقام |
| گورکنات | جوڳين جو وڏو گُرو |
| گورنر | صوبي جو حاڪم |
| گورنر جنرل | گورنرن جي مٿان مقرر ٿيل حاڪم |
| گورنمينٽ | حڪومتي، سرڪار |
| گورو | اڇو انگريز قوم جو هڪ فرد |
| گورو | اُٺ جو ٻچو |
| گورو | پينسل جي گهڙيل چهنب يا نب وغيره |
| گوڙُ | شورُ، هُلُ |
| گوسائين | سنت، فقير |
| گوسڙو | ڳُسائيندڙ |
| گوشت | ماس |
| گوشو | ڪنڊ، پاسو |
| گوشه نشين | اڪيلو اڪيلائي پسند |
| گوگڙو | سبزيءَ جو هڪ قسم |
| گول | گهيري جو اندريون حصو، ڦيرو |
| گولائون سطح | گولائيءَ وارو مٿاڇرو |
| گولائون مخروط | گولائين چوٽي |
| گولائي | ڦيرو، گولاڻ |
| گولائين ليڪ | گهيري واري ليڪ |

| | |
|---|---|
| گولائين ماپ | گول جي ماپ |
| گول مٿهن | ڦهڪو مٿهن، چنڊ جهڙو گول مٿهن |
| گولا | هڪ ذات |
| گولو | خدمت ڪندڙ ٻانهو غلام، گولا قوم جو فرد |
| گولي | شيهي مان ٺهيل گولي جيڪا پستول ۾ وجهبي آهي. |
| گولي | ٻانهي، نوڪرياڻي، خدمتگار |
| گوناگون | رنگين، قِسمين قِسمين |
| گونج | وڻ جا ڪچا پن |
| گوند | جابلو ڪونئر |
| گُوندر | غم، فڪر، ڳڻتي، ڏُک |
| گونگو | زبان کان معذور جيڪو ڳالهائي نہ سگهي. (گونگا انسانن ۾ بہ ٿين تہ جانورن ۾ بہ). |
| گون گون | نندي ٻار جو آواز غُون غُون |
| گوني | جاميٽريءَ جي علم ۾ ڪنڊ جو هڪ قسم |
| گوني ڪُنڊ | جاميٽريءَ ۾ نوي درجن جي هڪ ڪنڊ (°90) ▲ |
| گوهر | سپ مان نڪتل موتي |
| گُوهو | ٿڻن مان نڪتل کير جي لاڙ |
| گوهي | گُهٽ، پنتي ڦري اچڻ، وڪڙ |
| گوهي | ڪن ٽار، سستي، گوتناٽ |
| گوءِ | بازي، شرط ڏاڪڻ ۾ گهوڙن جي ڊوڙ جو مقابلو |
| گهرو | اونهو، گهاٽو نزديڪ |
| گهراڻ | گهاٽاڻ، گهاٽائي |
| گهکر | رڳڙ، ڦهڪو |
| گِهلڻ | ڪاهڻ، ڇڪڻ، ريڙهڻ |
| گؤسالا | ڏڳين جي ٻيهڻ جي جاءِ |
| گؤنج | وڻ جا ڦٽيل تازا ڪچڙا پَنَ |

| | |
|---|---|
| گيارس | چنڊ جي يارهين تاريخ، جنهن تي مندو گوشت ۽ مڇي يا ٻيو ماس ڪون کائين. |
| گيان | علم، ڄاڻ، سمجهه، علم معرفت |
| گياني | پڙهيل لکيل، فاضل، عارف، عالم |
| گيت | راڳ، تعريف وارو بيت |
| گيتلو | جُتي |
| گيدي | ڀڄڻو، ڪانئر، ٻزدل |
| گيچڻ | چاٽي |
| گيرب | مغروري، وڏائي، فخر، ناز |
| گيڙو | ڳاڙهي مٽي، صوفين ۽ سنياسين جي پهراڻ جو هڪ قسم جيڪو ڳاڙهاڻ مائل ٿئي ٿو (نارنگي رنگ سان ملندڙ جلندڙ) |
| گيندو | جانور جو هڪ قسم |
| گيندو | گل جو هڪ قسم، جيڪو پيلي يعني زرد رنگ جو ٿئي |
| گيسو | زُلف، لٽ |
| گِيسي ڪرڻ | توبهه ڪرڻ |
| گيلان | هڪ شهر جو نالو جيڪو عراق ۾ آهي. حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيؒ جي ڄمڻ جو شهر. نوٽ: گيلان بغداد شهر جي ويجهو آهي. |
| گيلاني | گيلان جو رهاڪو |
| گيلاني | هڪ ذات |
| گيلري | گهر ۾ ويهڻ ۽ لنگهڻ جي جاءِ |
| گيلن | پاڻياٺي شين جي ماپ، جيڪا 277 ڪعب انچن جي ٿيندي آهي. ۽ سير ڏهن ڇٽانگن جو هڪ ماپو. |
| گيھ | ستُپ |

## (ڳ)

| | |
|---|---|
| ڳ | **سنڌي الف - ب جو ٻائيتاليھون نمبر اکر** |
| ڳاٽ | ڳانو ڳچي، ڪنڌ. ڪَرُ |
| ڳاچ | گيت. ڳيچ |
| ڳاتي ڀڳا خرچ | تمام گھڻا خرچ |
| ڳار | حل ٿيل، مٽيءَ وانگر ڳريل (پاڻيءَ ۾) |
| ڳاراچو | ڳالھيون ٻولھيون، حال احوال، خوشيءَ جي محفل |
| ڳارو | ڳرڻ، زاري، روئڻ |
| ڳارائڻ | ٻٽي ڪان راڳ چورائڻ |
| ڳارَڻ | پگھارڻ رجائڻ |
| ڳاڙڻ | وھائي ڪيرڻ |
| ڳاڙ | ڳڙيءَ وسي |
| ڳاڙھ | لعلائي |
| ڳاڙھو | ھڪ رنگ جو نالو |
| ڳاڙھاڻ | ڳاڙھي رنگ جھڙو لالاڻ |
| ڳاڙھيرو | ڳاڙھاڻ مال |
| ڳاگا | جبل جا وڻ ۽ ميوا. ڳاگي وڻ جو ڦلُ |
| ڳالھ | ماجرا، بيان، گفتگو |
| ڳالھ ٻولھ | گفتگو، ڳالھيون |
| ڳالھ رکڻ | چيو مڃڻ، راز ۾ رکڻ |
| ڳالھين جو ڳھير | گھڻيون ڳالھيون ڪندڙ |
| ڳالھائڻ | گفتگو ڪرڻ |
| ڳالھاءِ | گفتگو ڪر |
| ڳانڍاپو | واسطو تعلق، جوڙ |
| ڳانو | اُن جو ٺھيل ڌاڳو ڦندڻ، ڳٽ، طوق، ريشمي يا سوٽي |

| | |
|---|---|
| | رنگين ڏوري، جيڪا اڪثر ڳچيءَ ۾ پاتي ويندي آهي، جمع ڳانا |
| ڳاني | ڪنهن پوک جي سنگ جو ميٺيون حصو طوطي جي ڳچيءَ ۾ جيڪو قدرتي ڳاڙهو پٽ ٿيندو آهي، تنهن کي به ڳاني چون. |
| ڳاهه | پرولي، علامت، اهڃاڻ، نشاني، ڳجهارت |
| ڳاهه | ڪاڏو، ڪاڄ |
| ڳاهڻ | صاف ڪرڻ، عذاب ۾ وجهڻ، ڏکيو ڪرڻ |
| ڳاهه ڪرڻ | هر هلائڻ، سنگن مٿان ڏڳا هلائي ان ڪيڻ، سٽڻ، ان کي تهن کان ڌار ڪرڻ |
| ڳاهون | ٻوليون، مٺيون ڳالهيون، راڳ، شعر |
| ڳائڻ | تنوارڻ، سُر ڪيڻ، راڳ ڪرڻ |
| ڳڻ ڳائڻ | ڪنهن جي تعريف ڪرڻ |
| ڳائڻو | راڳيندڙ |
| ڳائو | ڳئونءَ جو |
| ڳائو گوشت | ڳئون جو گوشت |
| ڳائو کير | ڳئونءَ جو کير |
| ڳائي نہ وائي | ساڳي |
| ڳڀرو | ڇوڪر، جوان، نينگر |
| ڳڀو | ٽُڪر |
| ڳت | ڇَڳ |
| ڳتِ | ڳالهه ٻولهه، ڳچا ڳاچا، خبر چار |
| ڳتڻ | ڳنڍيون ڏيڻ |
| ڳٽ | ڳچيءَ ۾ ٻڌل رسو |
| ڳٽو | ڳلُ، منهن جو حصو |
| ڳٽيون | هٿڪڙيون، قيدين جي ٻڌڻ جا رسا |
| ڳنڙي | ڊڙ، ڳنڍ |

| | |
|---|---|
| ڳجھ | ڏوڻ ڪاڻيندڙ مڪ پکيءَ جو قسم |
| ڳجھ | لِڪ، رازداري، پردو لڪل ڳالھ |
| ڳُجھ | چرخي جي وچ مان جيڪا ڪاني يا شيخ لنگھي ٿي |
| ڳجھارت | پرولي، اشارو ڳجھو سوال |
| ڳجھاندر | تمام اونھو راز، ڳجھو لڪل، مخفي |
| ڳجھو | لِڪل |
| ڳجرو | ڏڙ |
| ڳجڙي | ڪچهري، دربار |
| ڳچ | ٽُڪر، ٽُڪرو ماني يا ڪنھن شيءِ جو حصو |
| ڳچي | سپي |
| ڳچو | ڳچو |
| ڳڙ | ڳودو |
| ڳڙ | اندر ڳجھ ڳوھ، لِڪ ڇُپ ڀر |
| ڳڙدار | ڳروارو، ڳودي وارو |
| ڳرھڻ | حال بيان ڪرڻ، اورڻ، ڳالھيون ڪرڻ |
| ڳرڻ | رجڻ، ڳُرڻ، ڪمزور ٿيڻ |
| ڳرو | وزنائتو وزندار |
| ڳري | ڪمند يا ڪاني جي ٻن ڳنڍين جي وچ وارو حصو |
| ڳڙ | ڪمند جو ڪاڙهيل رس، ڀِناڻ |
| ڳڙداني | لاٽي (ڳڙ مان ٺهيل) |
| ڳڙکيون | دريون، سوراخ، ٽُنگ |
| ڳڙکائڻ | ڳِھي ڇڏڻ |
| ڳڙو | مينھن ۾ ڪِرندڙ برف جو ٽُڪر |
| ڳڙھ | قلعو ڪوٽ |
| ڳڙھي خيرو | ضلعي جيڪب آباد جو هڪ تعلقو |
| ڳڙي | گوشت جو ننڍو ٽڪر، بصر جي ڳڙي، ثوم جي ڳڙي |
| ڳل | ڳلو ڳچي |

| | |
|---|---|
| ڳلڦڙو | ڳلي هڪ بيماري |
| ڳلو | ڳچي |
| ڳلي ۾ | ڳچيءَ ۾ |
| ڳلي | گهٽي، ڪوچو |
| ڳنڊر | گاهه جو هڪ قسم |
| ڳنُ | مٿيون ڏستو |
| ڳنير | هڪ ذات |
| ڳنڌڻ | ٻوءِ وٺڻ، واس وٺڻ، سُگند وٺڻ، سنگهڻ، ڳولڻ |
| ڳنڍ | وڪڙ |
| ڳنڍڻ | جوڙڻ، ملائڻ، وڌائڻ، گڏ ڪرڻ |
| ڳنڍ ڪرڻ | ڳنڍ ۾ ٻڌڻ، وٺڻ، هٿ ڪرڻ |
| ڳنڍو | ڪنهن به شيءِ جو ٿلهو ٽڪرو |
| ڳنڍير | ڳاهه جو هڪ قسم |
| ڳنڍيري | چليل ڪمند جو ٽڪرو يا ڳنرو |
| ڳنڙ | سائي ڀاڄي جهڙو ساڳ ۽ پالڪ جو ڪچو گونچ |
| ڳنوار | ڳئون چاريندڙ اڻ پڙهيل |
| ڳنهڻ | خريد ڪرڻ، وٺڻ |
| ڳڻ ڪرڻ | فڪر ڪرڻ |
| ڳُڻ | خاصيت، عادت، لڇڻ |
| ڳڻ | احسان، ڀلائي، لياقت |
| ڳڻ ڳائڻ | ساراهه ڪرڻ |
| ڳڻائڻ | شمار ڪرائڻ، ڳڻپ ڪرائڻ |
| ڳڻت | ڳاڻيٽو |
| ڳڻتي | فڪر، اونو |
| ڳڻپ | ڳاڻيٽو شمار |
| ڳڻڻ | شمار ڪرڻ، حساب ڪرڻ |
| ڳوٺ | ٿورن ماڻهن جي آبادي وارو علائقو ضد شهر |

| | |
|---|---|
| ڳوناٺو | ڳوٺ جو رهاڪو |
| ڳوناٺي | ساڳئي ڳوٺ وارو |
| ڳوٺڙو | ننڍڙو ڳوٺ |
| ڳوريٽ | هڪ جهنگلي جانور جيڪو قبرن مان مُردا ڪوٽي کائيندو آهي. |
| ڳورڙ | هڪ ذات |
| ڳورڻ | ڳولڻ |
| ڳورو | ڳولا ڪندڙ |
| ڳورو | وزندار، گهڻي وزن وارو |
| ڳوري | گهڻي وزن واريءَ قبر، مصيبت |
| ڳوڙهو | مٽيءَ جو پنوڙو ڪنهن شيءِ جو گول ڳنڍيو |
| ڳوڙهو | لڙڪ، جمع لڙڪ |
| ڳوڙهو | اونهو، ويجهو لڪل، گهرائي سان، موڳو مت جو موڙهو بي انت |
| ڳهر | غفلت، نشو |
| ڳهر | سستي، غفلت، موڳائي، آس، آرس |
| ڳهڙ | وڏو ماٿو، شڪيو ماٿو |
| ڳولڻ | جاچڻ، ڳولا ڪرڻ، تلاش ڪرڻ |
| ڳولائڻ | ڳولا ڪرائڻ، تلاش ڪرائڻ |
| ڳوله | جاچ، سُڌ، سماءُ |
| ڳوهڻ | مهٽڻ، ڳنڍڻ، اٽي ۾ پاڻي ملائي ملڻ |
| ڳيٽيٽي | هٿ ڪئي، ورتي |
| ڳيٽرم | ورتم |
| ڳيهي وجڻ | ڪاٺي وجڻ |
| ڳهيلو | ڦرڪيو توريءَ سمجهه وارو |
| ڳيٽرم | ورتم |

## (گھہ)

| | |
|---|---|
| گھہ | **سنڌي الف – ب جو ٽيتاليهون نمبر اکر** |
| گهات | مارڻ |
| گهاتو | شڪاري، سمنڊ جو ٽوبو مڇي مارينڌڙ مهاڻا، ماهيگير |
| گهاٽ | گهيڙ، پتڻ، پوليس چونڪي، سپاهين جي رهڻ جي جي جاءِ، گهڙڻ يا وهنجڻ جي جاءِ |
| گهاٽ گهڙڻ | تجويز ڪرڻ، رٿ رٿڻ، سازش سٽڻ، سازش ڪرڻ، دوکو ڪرڻ، مارڻ لاءِ ڪا تياري ڪرڻ |
| گهاٽي | جبل مان لنگهڻ جو رستو |
| گهاٽو | ڳوڙهو رنگ، گهرو، گهاٽو |
| گهاٽائي | گهرائي |
| گهارڻ | ڪاٽڻ، رهڻ، گذارڻ |
| گهارو | ڪنڊ، ڪاٽ، ڏونڻ |
| گهانڊار | ڊورءِ وهٽ جن کي گهنڊ يا گهنڊڙيون ٻڌيون آهن |
| گهاڙيٽو | گهڙت، نمونو |
| گهاگهر | پاڻي ڀرڻ لاءِ پتل يا ٽامي جو ٿانءُ |
| گهانگهرا | هڪ ذات |
| گهاڻو | تيل ڪڍڻ جي مشين، ٻجن کي پيڙڻ واري مشين |
| گهاڻي | جنهن ۾ جانيون سرنهه وغيره جو ٻج وجهي پيڙي تيل ڪڍجي |
| گهاءِ | زخم، ڦٽ، چير |
| گهائل | زخمي، ڦٽيل، وڍيل |
| گهايل | زخميل، ڦٽيل |
| گهاءِ | زخم ڦٽ |

| | |
|---|---|
| گهبراهٽ | پريشاني، فڪر، خيال |
| گُهٽ | پاڻيءَ ۾ ٻُڏي هٽڻ، گوهي هٽڻ، هڪ طرف اوچتو ڊوڙڻ |
| گهٽ | ٿورو، ڪوتاهي، ڪمي، عيب، ڪمبختي |
| گهٽُ | دل، جگر، اندر |
| گهٽتائي | خامي، نُقص، عيب، ڪمي |
| گهٽ وڌ | ٿورو گهڻو |
| گهٽُ | خيال، ڌيان، دل |
| گهٽ اندر گهوڙا | وجود جي اندر زور پريا آواز اچڻ |
| گهٽا | ڪارن ڪڪرن جو ميڙ، گهاٽا ڪڪر |
| گهٽائڻ | گهٽ ڪرڻ، ٿورو ڪرڻ |
| گُهٽجڻ | ٻوساٽجڻ |
| گهٽڻ | ٿورو ٿيڻ |
| گهٽو | ڏنبس، گهيٽو، مؤنث رڍ |
| گُهٽو | نڙيءَ تي زور ڏئي جهلڻ، نڙي بند ڪرڻ |
| گِهٽي | سوڙهي لنگهه، سوڙهو رستو جيڪو جاين جي وچ مان گذري |
| گهرُ | رهڻ جي جاءِ، اجهو |
| گُهرُ | الله جي رضا، خدا جي مرضي |
| گهرٻار | ٻار ٻچا |
| گهر ڌياڻي | مالڪياڻي |
| گهر ڌڻي | گهر جو مالڪ |
| گهرُ | گهريلو، گهر سان تعلق رکندڙ |
| گُهرُ | طلب، مرضي، چاهُه |
| گُهرجڻ | ضروري هئڻ |
| گهرج | ضرورت، مرضي |
| گُهرجي | کپي |

| | |
|---|---|
| گھرگھلو | ويڪرو موڪرو ڍلو |
| گُھرڻ | طلب ڪرڻ، وال ڪرڻ |
| گھڙت | بناوت، جوڙجڪ، گهاڙيٽو، جڙاوٽ |
| گھڙڻ | ٺاهڻ، جوڙڻ |
| گھڙيچ | ٺاهہ ٺوهہ |
| گھڙڻ | داخل ٿيڻ |
| گھڙو | ڊِلو، مٽ |
| گھڙي | وقت جو هڪ حصو اندازاً 24 منٽن جو وقت، ساعت |
| گھڙي | واچ |
| گھڙيال | وقت ڏيکاريندڙ هڪ اوزار |
| گُھگھہ | تمام گھٽي اونداهي |
| گھگھرو | عورتن جي پائڻ جوءِ گهو چولو وڏي گهير وارو چولو |
| گِھگو | گُھٽيل آواز |
| گھگھي | صراحي، سوڙهي منهن سان پاڻيءَ لاءِ ٺڪر جو ٿانءُ |
| گُھلڻ | هوا جو لڳڻ |
| گِھم | پاڻيءَ جي سِم |
| گُھم | مصدر گُھمڻ |
| گھمائڻ | چڪر ڏيارڻ، ڦيرائڻ، هلائڻ |
| گُھمرو | پيرا، دفعو |
| گھمسان | ماڻهن جو ميڙ، چٽي ويڙهہ |
| گھمندڙ | سير ڪندڙ سياح، سيلاني |
| گُھمنڊ | وڏائي، مغروري |
| گُھمڻ | تفريح ڪرڻ |
| گھمڻ ڦرڻ | چڪر هڻڻ، سير ڪرڻ |
| گھنٽو | هڪ ڪلاڪ جو وقت، سٺ منٽن جو عرصو |
| گھنٽو | جريب جو ويهون حصو (زمين جي ماپ). |
| گھنٽي | ننڍو گهنڊ |

| | |
|---|---|
| ڳُھنج | وڪڙ |
| گھنجڻ | ور وڪڙ ٿيڻ |
| ڳِھنڊُ | وڄائڻ جو ساز |
| گھنڊڙي | ننڍڙي گھنٽي |
| ڳُھنڊيدار | ورن وڪڙن سان |
| ڳِھنگھرُ | ڇيرَ، ٻارن جي پير جا زيور |
| ڳُھنگھور | گھاٽن ڪڪرن جو ميڙ |
| ڳِھنيا | هڪ ذات |
| گھٽ | گھٽائي |
| گھٽُ | جيت جو هڪ قسم |
| گھٽو | ٻَجھو زياده |
| گھٽائي | جھجھائي |
| ڳُھٽو | سُرو ان کي کائيندڙ جيت |
| گھوپاٽو | هَر لاءِ لوهه جي چوني، لٽِ |
| گھوبو | زمين کي کيڙڻ لاءِ لوهه جو ٺهيل اوزار |
| گھوبي | ٺڳي، فريب، دوکو |
| گھوتو | غوطو ٻُڏڻ، ٽُٻي |
| گھوٽ | تازي شادي ڪيل مرد |
| گھوٽا | هڪ ذات |
| گھوٽالو | اٽڪاءُ |
| گھوٽڻ | گھرڻ، رڳڙڻ |
| ڳُھورڻ | نهارڻ، گُھورڻ، گھور ڪري نهارڻ، ڄُوهه سان ڏسڻ |
| گھور | صدقو خيرات |
| گھورڙيو | شيءِ وڪڻندڙ |
| ڳُھورڻ | جانچڻ، جانچي ڏسڻ، تلاش ڪرڻ |
| ڳھورَ | تيز نظر، شوخ نگاهه، ڇڙمان نهارڻ، ڪاوڙمان ڏسڻ، غصو رنج، ڪاهه، ڄُوهه سان ڏسڻ، يادگيري، |

| | |
|---|---|
| | خيال، پور، فور |
| گھوري | راند جو هڪ قسم |
| گھوريس | صدقي ٿيس، قربان ٿيس |
| گھوڙا گھوڙا! | افسوس، هاءِ هاءِ (حرفِ ندا) |
| گھوڙو | هڪ جانور، مؤنث گھوڙي، جمع گھوڙا، گھوڙيون |
| گھوڙي سوار | گھوڙي جي سواري ڪندڙ |
| گھوگھو | گھٽو ڳچيءَ جي چوڌاري هٿن جي زوردار پڪڙ سان ڪنهن کي گھٽو ڏئي مارڻ |
| گھوگھو | سپ جو هڪ قسم |
| گھوگھو | هڪ قسم جو آواز |
| گھوماتي | موڳي، پريشان ٿيل |
| گھونگھٽ | نقاب، پردو |
| گھيتلو | ويڪري جُتيءَ جو هڪ قسم، جيڪا ڏکڻ ۾ نوڪدار ٿيندي آهي. |
| گھيٽو | دُنبو، هڪ جانور |
| گھير | پکيڙ، ويڪر، موڪر |
| گھيرت | نند جو خمار |
| گھيرڻ | سوڙهو ڪرڻ |
| گھيرو | گول جي ٻاهرين ليڪ، گول جي ٻاهرين حد، چئني طرفن کان ٿيرو حملو |
| گھيڙ | پٽڻ، لنگهه، رستو |
| گھيڙ | ٽڙ، درياهه ۾ گھرڻ جي جاءِ، پاڻي پيرڻ جي جاءِ |
| گھيڙ | وڃهه، حملو ڪاهه |
| گھيڙڻ | اندر ڪرڻ |
| گھيڙي گھٽ | گھٽ ۾ گھيڙيئي، ڳچيءَ يا نڙيءَ ۾ وڌيئي، ڪليجي ۾ وڌيئي. |

## (ل)

| | |
|---|---|
| ل | **سنڌي الف – ب جو چوئيتاليھون نمبر اکر** |
| لا (عربي لفظ) | نہ، بغير، سواءِ |
| لاٽِ | شعلو، چمڪو |
| لاج | لڄ، ننگ، شرم |
| لاجواب | لاثاني، بينظير، جنهن جو جواب نہ هجي، سوال جو جواب نہ ڏئي سگهندڙ |
| لاچار | مجبور، بيوس |
| لاچاري | اڻهوند، تنگي |
| لاحد | لامڪان، حد کان ٻاهر، اها جاءِ جيڪا حد يا مڪان کان ٻاهر آهي |
| لازوال | غير فاني، هميشہ قائم هجڻ وارو |
| لاشريڪ | جنهن جو ڪو شريڪ نہ هجي |
| لاشڪ | بيشڪ، ضرور |
| لاعلاج | جنهن جو علاج نہ ٿي سگهي |
| لاوارث | يتيم، نڌڻڪو |
| لابارو | پڪل پوک کي لُڻڻ، فصل کي ڪپڻ |
| لاڀ | فائدو، منافعو |
| لاڀائتو | فائدي وارو، نفعي وارو |
| لاتِ | پکين جو مٺو آواز |
| لاتُ | هڪ بُت جو نالو جنهن کي حضور اڪرم ﷺ جن جي حڪم سان ختم ڪيو ويو. |
| لاٽِ | ڪمي |
| لاٽُ | باهہ جو شعلو، سج جا ڪرڻا، روشني |
| لاٽون | قرٽي، ٻارڻ جو رانديڪو جيڪو پلاسٽڪ يا |

| | |
|---|---|
| | ڪاٺ وغيره جو ٽڪر |
| لاٽير | قد ۾ ٽورو ننڍو |
| لاڀ | نفعو حاصل |
| لاڏ | ناز نخرو انگل ماڻو |
| لاڏو | گهوٽ، مڙس |
| لاڏو | گيت يا سهري جو هڪ قسم، جيڪو اڪثر شاديءَ يا خوشيءَ جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي. |
| لاڏ ڪوڏ | ناز نخرو پيار محبت |
| لاڏلو | سڪيلڌو دادلو |
| لاڏاڻو | وفات، رحلت، وصال، مري وڃڻ |
| لاڏائو | لڏيندڙ |
| لاڏوڻو | لاڏاڻو روانگي |
| لاڏوڻو | لڏ، بار، سامان سرو |
| لاري | سواري جي گاڏي، بس |
| لاڙ | هيٺيون حصو لڙيل حصو سنڌ جي قدرتي ڀاڱن مان هڪ جو نالو |
| لاڙڪ | هڪ ذات |
| لاڙڪاڻو | شهر جو نالو |
| لاڙڻ | لاهه وارو ڪرڻ |
| لاڙو | چاهه، پاسو شوق، مائل ٿيڻ |
| لاڙي | لاڙ جو رهندڙ |
| لاڙي بندر | سنڌو درياءَ جي هڪ پراڻي بندر جو نالو |
| لازمي | ضروري |
| لاش | مڙهه، مئل ماڻهوءَ جو جسم |
| لاشاري | هڪ ذات |
| لاغر | ڏٻرو ڪمزور، ضعيف |
| لاڳر | ننڍپڻ کان وٺي، تائين، هن وقت کان |

| | |
|---|---|
| لاکر | کان وني، تڏهانڪر، ان وقت کان وني |
| لاڳون | کان وني، تائين، واسطي |
| لاکوني | ڪوڙي ناهي، ماڻهو جهڙو وير يا دغا ڪندڙ ناهي |
| لاک | ٻير جي وڻ جو ڪوڻر يا رس |
| لاک | ڳاڙهو رنگ |
| لاکا | هڪ ذات |
| لاکو | هڪ قبيلي جو ماڻهو جيڪو پنهنجي قوم جو سردار هو. |
| لاکو | لاکا ذات جو ماڻهو |
| لاکيڙا | لکن جهڙا ماڻهو خوبصورت ماڻهو |
| لاکيڻو | ڳاڙهو |
| لاکيڻو | لکن جهڙو قيمتي، پلارو سخي، اُتم، چڱين عادتن وارو، عمدو قيمتي |
| لاڳت | مزوري، خرچ، ڪَپت |
| لاڳاپو | ڳانڍاپو واسطو |
| لاڳيتو | لڳاتار، تسلسل، ڳنڍيل |
| لال | قيمتي پٿر جو هڪ قسم |
| لال | دوست، خوب، گهوٽ |
| لال | حضرت قلندر شهباز جو لقب (لال شهباز قلندر) حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جو لقب (لال لطيف). |
| لال | ڳاڙهو |
| لالاڻ | ليلاڻ، آزيون ۽ زاريون ڪرڻ |
| لالاڻي | ڳاڙهاڻ، سرخروئي، پرم، حيا |
| لالن | پيارا، سڄڻ، محبوب |
| لالي | چپن يا ڳلن کي لاڻ جو ڳاڙهو رنگ |
| لام | شاخ |

| | |
|---|---|
| لالچ | حرص، لوڀ، ھٻڇ |
| لالچي | لوڀي، مطلبي |
| لامارو | پکيءَ جو شڪار مٿان جھپو ھڻڻ |
| لانچ | ٻيڙيءَ جو ھڪ قسم، جيڪا گيس تي ھلندي آھي. |
| لانڍي | ڪچو گھر، ڪچي جھوپڙي |
| لانگوٽو | گوڏ ھڻڻ جو ڪپڙو |
| لانگاھ | ھڪ ذات |
| لانگھو | لنگھڻ جو رستو |
| لاٽو | ڪلراٺي زمين جو گاھ |
| لاٽي | ٻوٽي جو ھڪ قسم |
| لاھ ڪيڻ | ٻوٽي کي پاڙن سميت ڪيڻ |
| لاھڻ | ھيٺ آڻڻ، ڍاھڻ |
| لاھوت | ڪراچيءَ شھر کان 36 ڪوھن جي فاصلي تي ھڪ زيارت گاھ جو نالو |
| لاھُوتي | جوڳي فقيرن جو ھڪ قسم |
| لاھور | شھر جو نالو |
| لائق | قابل، سمجھ وارو ھوشيار |
| لائڻ | لڳائڻ |
| لائون | شاديءَ جو ھڪ ساٽ، رسم، گھوٽ ڪنوار جا مٿا ملائڻ واري رسم |
| لائين | ليڪ، قطار |
| لباس | پوشاڪ، ڪپڙا، وڳو |
| لبنان | ھڪ ملڪ جو نالو |
| لَبيس | ھار سينگار |
| لبيڪ | حاضر آھيان |
| لباڙ | ٻاڙ ٻتاڪ |
| لُبڙ | ڪاڏو خراب ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| لَپڻ | هٽ ڪرڻ |
| لَٽ | جنگهه |
| لَٽ | ڦٽي، ڏڙ |
| لُٽ | ڦُرمار |
| لُٽ جو مال | ڦُر جو مال |
| لُٽائڻ | ڦُرائڻ |
| لَٽڪڻ | لڙڪڻ |
| لٽڪائڻ | لڙڪائڻ |
| لُٽڻ | ڦُرڻ، ضايع ڪرڻ |
| لَٽِ | ڏنڊو لَڳڻ |
| لَپ | ڪنهن شيءِ سان پريل مُٺ |
| لَپيٽ | گهيرو، ڦيرو |
| لپيٽڻ | ويڙهڻ، بند ڪرڻ |
| لَڄ | حيا، شرم |
| لڄارو | لڄ وارو |
| لڄ رکڻ | عزت ڪرڻ |
| لڄ وڃائڻ | شرم وڃائڻ |
| لڄي ٿيڻ | شرمندو ٿيڻ |
| لڄائڻ | شرمندو ڪرڻ |
| لچڪدار | ڦرندڙ گهرندڙ |
| لَڇڻ | عادت، گڻ |
| لُڇڻ | ڦتڪڻ |
| لحاظ | خيال، طرفداري |
| لحاظ وارو | مروت وارو |
| لُڏڙو | پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم |
| لَڏ | سامان، مال اسباب |
| لڏپلاڻ | هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ وڃڻ |

| | |
|---|---|
| لڏائڻ | شهر نيڪالي ڏيڻ |
| لُڏڻ | پينگهه تي لوڏا کائڻ |
| لڏو | ڪنيل سامان، اهل عيال |
| لذيذ | مزيدار، سوادي |
| لَرزڻ | ڏڪڻ، ڪنبڻ |
| لرزش | ڏڪڻي، ڪنبڻي |
| لُڙڪ | اکين مان نڪتل پاڻي، ڳوڙها |
| لڙهڻ | پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ |
| لَس | ڇَر، لساڻ، واريءَ جو ڍِڳ، جُهڙ، مڪجهڙائي |
| لِسان | ٻولي، زبان، لُغت |
| لس ٻيلو | بلوچستان جي هڪ شهر جو نالو هڪ علائقو |
| لسو | هموار، چمڪندڙ |
| لَسي | سِڌي، صاف |
| لَسِي | ڇڊو ڏُڌُ |
| لشڪر | ڪٽڪ، سپاهه |
| لطافت | نفاست، صفائي، سُهڻائي |
| لُطف | مهرباني، مزو، ڀلائي |
| لطيف | نفيس، نازڪ، نرم، مزيدار، مقدس، پاڪ |
| لطيفو | ٻوڳ چرچي واري ڳالهه |
| لُعاب | ٿُڪي، پِڪ |
| لَعلُ | قيمتي پٿر |
| لعلُ | ڳاڙهو سُرخ |
| لَعنت | ڦِٽڪار، ڦِٽ پاراتو |
| لَعنتي | ڦٽيل، لعنت وارو |
| لغام | گهوڙي جي واڳ |
| لُغت | زبان، ٻولي، هڪ ڪتاب جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ سمجهايل هجن. |

| | |
|---|---|
| لُغت نويس | لُغت ناميندڙ |
| لَغڙُ | سنهي رنگين ڪاغذ جو ٺهيل هڪ پاراٽو رانديڪو پر وڏا بہ ان سان راند ڪن. |
| لِفافو | ڪاغذ جي ڳوٿري، ڪاغذ جي ٿيلهي |
| لفظ بہ لفظ | هُوبهو جيئن تيئن، ساڳيون اُهڙوئي |
| لفظي | اصلي، حقيقي |
| لِقَ | ٿلهوڪٺو |
| لقا | نظارو ڏيکاءُ، ڏيکُ |
| لَقب | عزت وارو پيو نالو |
| لُقمان | هڪ مشهور بزرگ هستي ۽ جو نالو جنهن جا حڪمت پريا نُڪتا اڄ بہ مروج آهن. سندس ذڪر قرآن مجيد ۾ آهي ۽ قرآن پاڪ ۾ سندس نالي جي مناسبت سان هڪ سورت بہ آهي (سورة لقمان). |
| لَڪُ | ٽڪرين ۽ جبلن جي وچ مان ويندڙ رستو يا پيچرو |
| لِڪُ | لُڪجھ، ڍڪُ |
| لِڪ چپ ۾ | ماٺ ميٺ ۾ |
| لُڪُ | گرم هوا، لُوءِ، جھولو |
| لَڪڙو | ڪاٺي، لَٺِ |
| لَڪُڻ | ڇهڪ، ڏنڊو، ڇڙهي |
| لِڪڻ | لُڪڻ، ٿي وڃڻ |
| لَڪِي | هڪ جبل جو نالو |
| لڪياري | هڪ ذات، سيدن جو هڪ قبيلو |
| لَڪير | لِيڪ |
| لَکَ | خبر، سُڌِ |
| لَکُ | هڪ سؤ هزار، هڪ مِلين. |
| لکپتي | شاهوڪار، دولتمند |
| لَکَ | خبر، جاڻ، معلوم ٿيڻ |

لِکَ: ذرو، ٿورو، قسمت

لُکَ: لُڪ، گرم هوا

لِکائڻ: ڄاڻائڻ، ظاهر ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ، تحرير ڪرائڻ

لکاوت: لکپڙھ

لِکت: هٿ اکري

لکت پڙهت: لکپڙھ

لک پڙھ: لکڻ پڙهڻ، لکاوت، تحرير

لِکَڻُ: لکائي ڪرڻ، نوٽ ڪرڻ، تحرير ڪرڻ، تصنيف ڪرڻ

لِکڻ هار: ليکاري، لکندڙ مصنف، ڪاتب، ليکڪ

لِکڻ: هَٿ اکر، صورتخطي، تحرير، عبارت، قَلَم

لکي: شڪارپور شهر ۾ هڪ دَرَ جو نالو (لکي دَر).

لکي: هڪ قديم شهر جو نالو

لِکيت: تحرير، لکت ۾

لِکيو: لکيل، تحرير ڪيل، تخليق ڪيل، تصنيف ڪيو

لِکيو: ڀاڳ، قسمت

لَڳِ: جي ڪري، واسطي

لڳيڳ: قريب قريب، ڏري گهٽ

لڳاتار: سانده، مسلسل، لاڳيتو

لڳاءُ: تعلق، واسطو

لڳائڻ: پٽ يا ڪنهن ڪاغذ تي ڪونئر سان فوٽو وغيره چنبڙائڻ، چهٽائڻ

لَڳڻ: هوا يا طوفان وغيره جو گُهلڻ، نسبت رکڻ، ڄُڙڻ، ٻيهڻ

لڳولڳ: گڏوگڏ، لاڳيتو، گڏ، ساڻ

لڳي: وڄڻ، بجي، ڄيڻ؛ واچ يا گهڙيال ۾ 10 لڳي 10 منٽ ٿيا آهن.

| | |
|---|---|
| لڳھ | جهڙ سبب ٿيل اوندھ |
| لڳا | پيرو پيري دفعو دفعي |
| لِڱ | بدن جو عضوو |
| لِڱ | بدن جا عضوا |
| لِڱ ڪانڊارجڻ | خوف وٺي وڃڻ |
| لله | خدا ڪارڻ، الله جي واسطي |
| للڪارڻ | جوش ڏيارڻ، پڪارڻ |
| لَمائڻ | چورائڻ، چوري ڪرڻ |
| لمحو | گهڙي، ساعت، ٿورو وقت |
| لَمليت | ليمن جو پاٽي |
| لَنبُ | هڪ ذات |
| لَنبي | بغير ٻچ جي نانگ جو هڪ قسم |
| لَنڪا | هڪ ٻيٽ جو نالو |
| لَنگر | جهاز يا ٻيڙيءَ کي بيهارڻ لاءِ هڪ لوهہ جو اوزار |
| لنگور | باندر جو هڪ قسم |
| لنگها | مڱٿهار |
| لنگهڻ | گذرڻ |
| لنگهہ | لنگهڻ جو رستو |
| لنگهو | دهلاري، مڱٿهار |
| لنوائڻ | ٽِنائڻ |
| لَنئُن | پيار محبت، سِڪ |
| لُڻڻ | پڪل فصل کي ڪٽڻ، لاباروڪرڻ |
| لُو | گرم هوا، لَڪ، لُڪ |
| لوڀ | لالچ، حرص |
| لوڀي | لالچي، حرصي |
| لوڦيو | لوفر، لُچ، رولاڪ، بدمعاش، فاحش، لُچو |
| لوچ | ڳولا |

| | |
|---|---|
| لوحُ | لکيو، قسمت، نصيبت |
| لوح قلم | قدرت يا عرش جي تختيءَ قلم، قسمت، ڀاڳ، بخت |
| لوڙ | ڪتن جو ميڙ |
| لوڏي | هڪ ذات |
| لوڏڻ | جهولڻ |
| لوڏو | جُهولو |
| لوڍا | هڪ ذات |
| لوري | طلب، گُهرج، بيقراري |
| لوڙائو | ضرورتمند، گهرجائو |
| لوڙهہ | لوهہ جي لٺِ |
| لوڙهڻ | پوڙهڻ |
| لوڙهو | ڍنگرن جي آڙَ |
| لوڙي | گاهہ جو هڪ قسم |
| لُوط | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو |
| لُوطي | حضرت لوط عليه السلام جي قوم |
| لوڪ | ماڻهو انسان، سنسار |
| لوڪان | ميوي جو هڪ قسم |
| لولاڪ | حضور ﷺ جن جي تعريف ۾ چيل هڪ ڪلمو |
| لولو | مٺي ماني، ننڍي ماني |
| لُولو | هٿن پيرن کان معذور |
| لولي | راڳ جو هڪ قسم |
| لومڙ | هڪ جهنگلي جانور |
| لُون | رڳ، تند، تار |
| لونبڙ | جهنگلي جانور جو هڪ قسم |
| لونگ | خوشبودار مصالحي جو هڪ قسم |
| لُونگي | پٽڪي سندرو |

| | |
|---|---|
| لَونڻ | پکين جو ٻولڻ |
| لُوڻ | سمنڊ مان پيدا ٿيندڙ کاري مصالحي جو هڪ قسم (لوڻ کاڻين مان بہ کڍيو ويندو آهي. لوڻ جا ٽي قسم آهن) |
| لوڻانو | لوڻ وارو |
| لوڻڪ | سائي پن جي ڀاڄيءَ جو هڪ قسم |
| لوهہ | ڌاتو جو هڪ قسم |
| لوهار | لوهہ جون شيون ٺاهيندڙ |
| لوهر | لوهہ جو ڪم ڪندڙ |
| لوهي | لوهہ جو ٿهيل |
| لوهيڙو | وڻ جو هڪ قسم |
| لوءِ | رهڻ جي جاءِ، گهر |
| لوڙهڻ | پاڻي سان گهوڙڻ |
| لوئي | اوني ڪپڙي مان ٺهيل چادر |
| لوئي لڄائڻ | بي عزتي ڪرڻ |
| لَهہ چڙهہ | هيٺ مٿي |
| لِهہ | گاهہ جو هڪ قسم |
| لَهجو | اُچار، لفظن جو آواز |
| لَهر | سمنڊ يا درياءَ جي موج |
| لَهڻ | هيٺ اچڻ، هيٺ ٿيڻ |
| لَئہ | مزو موج، سُرن ۽ سازن جو ميل |
| لَئہ لڳڻ | محبت ٿيڻ، عشق ٿيڻ |
| لِئار | وڻ جو هڪ قسم |
| لئبرري | ڪُتب خانو ڪتابن رکڻ جي جاءِ |
| لَئن | عشق، محبت، پيار |
| لَئي | جي واسطي، جي ڪري |
| لَئِي | وڻ جو هڪ قسم |

| | |
|---|---|
| لَڙي | الي مان ٺاهيل، ڪوٺڙو |
| لياري | ڪراچيءَ ۾ هڪ علائقي جو نالو |
| لياقت | قابليت، جوڳيت |
| ليتي ڏيتي | حساب ڪتاب، ڏي وٺ |
| ليٽرڻ | زمين تي اُٿلڻ پٿلڻ |
| ليٿو | پريس جو هڪ قسم |
| ليٽڻ | آرامي ڏيڻ ٿي پوڻ |
| ليٽ | پاڻي جي اُٿل |
| ليٽائڻ | هيٺ ڪيرائڻ |
| ليپو | مٽي جو چاپوڙو |
| ليڙ | پراڻي اڳڙي، پراڻو ڪپڙو |
| ليڙون ليڙون | ڦاٽل ڪپڙا |
| ليڙو | آڏو ڪرڻ |
| ليڙُ | ريگو، مسند |
| ليسوڙو | وڻ جي ميوي جو هڪ قسم |
| ليڪ | نشان ڪڍڻ، ليڪر ڪڍڻ، سنڌ ۾ ٻن ٻچڪن کي ملائڻ سان ليڪ ٺهندي آهي يعني ٻه، ٻچڪن جي وچ وارو مفاصلو |
| ليڪچر | سبق، درس |
| ليڪڻ | ليڪون ڪڍڻ |
| ليڪ ڏيڻ | رد ڪرڻ |
| ليکو | نشان، نقطو، ليکو |
| ليکو لنگهڻ | حد لنگهي وڃڻ |
| ليکڪ | ڪتاب، مضمون وغيره لکڻ وارو |
| ليکارو | لکاري، حساب ڪتاب ڪرڻ وارو |
| ليکاري | ليکڪ، لکڻ جو ڪم ڪندڙ |
| ليکو | حساب ڪتاب |

| | |
|---|---|
| لَيل | رات |
| ليلة القدر | عزت واري رات، اُها رات جنهن تاريخ تي قرآن پاڪ نازل ٿيو يعني 27 رمضان المبارڪ واري رات. |
| ليلة المعراج | حضور ﷺ جن جي معراج تي وڃڻ واري رات. |
| لَيل ونهار | رات ڏينهن |
| ليلان | چنيسر جي گهر واري جو نالو جنهن جو داستان ليلان چنيسر جي نالي سان مشهور آهي. |
| ليلائڻ | ايلاز منٿ ڪرڻ، عرض ڪرڻ، ڏاڍهون ڪرڻ، آزيون ڪرڻ، زاريون ڪرڻ |
| ليلائج | منٿون ميڙون ڪجِ، عاجزي ڪرڻ |
| ليلائيندي | ڏاڍهون ڪندي، عاجزي ڪندي |
| ليلا | قيس (مجنونءَ) جي محبوبه جو نالو |
| ليمو | وڻ جي ميوي جو هڪ قسم، جيڪو ذائقي ۾ کٽو ٿئي ٿو. ليمي ۾ قدرتي طور تي وٽامن سي جو مقدار تمام گهڻو آهي. |
| لينگهو | ليڪ، نشان، داغ |
| ليهان | تڪليفون، ايذاءَ، ليڪون، انگ (قسمت جا). |
| ليئو | جهاتي، نظر ڪرڻ |
| ليءَ | ڪِڪ |

## (م)

| | |
|---|---|
| م | سنڌي الف – ب جو چاڻيتاليھون نمبر اکر |
| مَ | نہ |
| ماتِ | شڪست |
| مات | مردو ماريل، نيست، نابود، فنا، زبون |
| ماتا | ماءُ، امان، امڙ |
| ماتحت | ڪمر ۾ مدد ڪندڙ - |
| ماتر | رڳو فقط اڪيلو |
| ماترا | ماپ، مقدار، انداز، وزن |
| ماتا پتا | ماءُ پيءُ |
| ماتم | ماتم، افسوس |
| ماتم | ڪنهن جي وفات تي غم ڪرڻ |
| ماتمي | ماتم جو |
| ماٿري | اُهو علائقو جنهن جي چوڌاري جبل هجن. |
| ماٿ | اوس، ماڪ |
| ماٽو | مٽيءَ مان ٺهيل ٿانءُ، وڏو ڪٽُ، وڏي ڇاڏيءِ چاڏو |
| مانيٽڙا | ماٽيءَ تي مڇي ماريندڙ |
| ماٽي | ٺڪر جو ٿانءُ، چاڏي |
| ماٽيجو ماٽيلو | هڪ پيءُ ۽ ٻن ماٽرن وارو ٻار |
| ماٽيلي ماءُ | پيءُ جي ٻيءُ زال |
| ماٺِ | چُپ، خاموشي، سانت |
| ماٺ ميٺ | چپ چاپ ۾ |
| ماٺو لڳڻ | ڏکيو لڳڻ |
| ماٺي | هلڪي، ڄهڪي |
| مانيٺو | صابرين، صبر وارو خاموش |

| | |
|---|---|
| ماپ | پيٽ، پئمائش، تخمينو |
| ماپڻ | ڪڇڻ، ماپ ڪرڻ |
| ماپو | ماپ ڪرڻ جو اوزار |
| ماجرا | ڳالھ ڪهاڻي، قصو حال احوال |
| ماجوج | هڪ قوم جيڪا حضرت يافث بن حضرت نوح جو اولاد آهن. |
| ماچڙ | وٽن جا گونچ يا ٻور، ساوا ڦ |
| ماچ | ٿلهائي، ٿولهه |
| مارا | مارينڌڙ دشمن |
| ماچيس | باھ ٻارڻ وارين تيلين جي دٻي |
| ماڇي | مڇي مارينڌڙ |
| ماڇي | هڪ ذات |
| ماحول | جيڪي ڪجھ آس پاس يا چوڌاري حالتون هجن، تنهن کي ماحول چئبو آهي |
| ماخذ | ڪنهن شيءِ جي نڪرڻ جو هنڌ يا جاءِ، ڏاتو، منڍ، پاڙ بنياد |
| ماخوذ | ورتل |
| ماخوليا، ماليخوليا | اُداسي، غمگيني |
| مادو | هر شيءِ جو اصل، ڏاتو جڙ پاڙ اُها شيءِ جيڪا محسوس ٿي سگهي ۽ ان کي ڏسي سگهجي، جسم جوصلو عقل |
| مادِي | اصلي، ذاتي، جسماني، فطرتي، نر جو ضد |
| مادر | ماءُ |
| مادرِ وطن | پنهنجو وطن |
| مادري | ماءُ جو ماءُ جي طرفان |
| مادري زبان | ماءُ جي زبان، گهر جي زبان، خانداني زبان، پنهنجي ٻولي |

| | |
|---|---|
| مارڪيٽ | بازار |
| مارا | عجبي لفظ جيڪو ڪنهن ڳالهه يا واقعي سبب چيو ويندو آهي، بلي! |
| مارَ | سٽڪو، ڪٽڪو، سزا |
| مارَڳ | رستو، لنگهه، گس، گذرگاهه |
| مارڻ | ختم ڪرڻ، ساهه ڪيڻ |
| مارڻ | تير هڻڻ |
| ماريل | مارجي ويل |
| مارائڻ | مار جو ڪم ڪنهن ٻئي کان ڪرائڻ |
| مارجڻ | مري وڃڻ، ڪٽجڻ |
| مارڪٽ | ويڙهه، جهيڙو، ڪٽڪو، سٽڪو |
| مارو | قتل عام، خونريزي، جنگ، ويڙهه |
| مارو | سڄڻ، پيارا، پرين، مال چاريندڙ جهنگلي، مسڪين مالدار |
| مارو | هڪ ذات |
| ماريچي | مارو ذات جي عورت |
| ماروٽُ | مامي جو پٽ |
| ماروٽِ | مامي جي ڌيءُ |
| مارئي | ناول سن جي هڪ مشهور عورت جو نالو |
| مارِي | شڪاري، شڪار ڪندڙ |
| ماريچا | هڪ ذات |
| ماريچا | ٽري، ٽر جا رهاڪو |
| ماڙ | گهر جو مٿيون حصو |
| ماڙهو | ماڻهو |
| ماڙي | گهر جو مٿيون طبقو |
| ماش | گوشت |
| ماسي | سندس ماءُ |

| | |
|---|---|
| ماس | مهينو |
| ماساٽ | ماسيءَ جو پٽ |
| ماساڻ | ماسيءَ جي ڌيءَ |
| ماستر | علم سيکاريندڙ اُستاد |
| ماسڙ | ماسيءَ جو مڙس |
| ماسو | اٺ رتيون تولي جو ٻارهون حصو (1/12 تولو). |
| ماسِي | ماءُ جي ڀيڻ |
| ماشاءَالله | الله تعاليٰ جي مرضيءَ سان |
| ماضي | گذريل وقت |
| ماڪ | مات، شبنم، ڪِهڙ، اوس |
| ماڪا | هڪ ذات |
| ماڪڙ | جيت جو هڪ قسم |
| ماڪوڙو | جيت جو هڪ قسم |
| ماکي | ماکي جي مکين جو گلن تان گڏ ڪيل رس |
| ماڳ | رهڻ جو هنڌ، جاءِ، منزل |
| ماڳون | هنن جو ماڳ، هنن جي منزل، هنن جي جاءِ |
| ماڳهين | انهيءَ جاءِ تي، آئلو اصل، بنهه، پڪ، مُور، اُتي جو اُتي، شروع کان |
| ماڳر | هڪ ذات |
| مال | ملڪيت، جائداد |
| مالا مال | مال سان ڀرپور، شاهوڪار |
| مالدار | مال واري شاهوڪار، دولتمند |
| مالداري | شاهوڪاري، دولتمندي |
| مالِ غنيمت | جهاد ڪندي هٿ آيل مال، جنگ جي ميدان مان هٿ آيل مال |
| مال متاع | ڌن دولت |
| مالي | ملڪيت، مال جو ڌڻي ڌوڪڙ واري |

| | |
|---|---|
| ماليات | مالي |
| ماليت | ملڪيت، دولت |
| مالٽو | ميوي جو هڪ قسم |
| مالش | رڳڙ چمڪو جسم کي مهٽڻ |
| مالڪ | ڌڻي، آقا |
| مالڪاڻو | قبضي جي قيمت، مالڪيءَ جو |
| مالڪِي | وارثي |
| مالها | تسبيح، هڪ زيور جيڪو ڳچيءَ ۾ پائبو آهي، هار، مٽڪن جو هار، مٽين جو هار |
| مالهي | باغ جو ڪم ڪندڙ باغ جو رکوالو |
| مامِرو | معاملو ڦڏو فساد جهيڙو |
| مامِ | دل جو مطلب، محبت، حقيقت، صلاح، رٿ |
| مامِ | مطلب، اشارو |
| مامو | ماءُ جو ڀاءُ |
| مامِي | مامي جي زال |
| مامور | امر ڪيل، حڪم ڪيل، مقرر ڪيل، نصيب ۾، قسمت ۾ |
| ماموئي | فقيرن جو هڪ فرقو سنڌ ۾ ماموئي فقيرن جا بيت به مشهور آهن |
| مان | آءٌ، مون، وچان، وچ مان |
| مانَ | شل، شال، هوند |
| مانُ | عزت، شان |
| ماناٽتو | مان وارو شان وارو |
| مانوارو | عزت وارو |
| مانارو | ماڪيءَ جي مکين جو ڇتو يا گهر، ڏينبن جو گهر |
| مانجهاندڙي | وڻ جو هڪ قسم |
| مانجهاندو | منجهند جي ماني، ٻن پهرن جي وقت ٿورو آرام يا |

| | |
|---|---|
| | ڪاڏي گهڙي ڪن جو آرام |
| مانجهاندي جو ماڳ | وقتي رهائش |
| مانجهڻ | صاف ڪرڻ |
| مانجهي | ٻيڙيءَ جو ونجهه هلائيندڙ ٻيڙي هلائيندڙ |
| مانجهي | بهادر سورهيه پهلوان |
| مانجهي | هڪ ذات |
| ماندو | آسائتو آسروند |
| مانداڻي | انتظار فڪر ڳڻتي |
| مانڊاڻ | فساد جهيڙو جهڳڙو |
| مانڊاٺو | جهنگلي گاهه جو هڪ قسم |
| مانڊاٺي | ڏڌ ولوڙڻ لاءِ ڪاٺ جو اوزار، جهيرڻو |
| مانڊاڻ | آسمان ۾ ڪڪرن جو ڇانئجڻ |
| مانسر | هڪ ڍنڍ جو نالو |
| مانگر | مهاڻن جي هڪ ذات |
| مانگرمڇ | پاڻيءَ جو هڪ خطرناڪ جانور، جيڪو پنهنجي شڪار کي ڳهي ويندو آهي |
| مانگري | سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم |
| مانگهه | سينڌ |
| مانهن | دال جو هڪ قسم |
| ماني | ڪڻڪ جي اٽي مان پڪل لولو لولي، ڪاڏي ڦلڪو غذا، خوراڪ |
| ماڻڪ | موتيءَ جو هڪ قسم، ملوڪ، ڏاهو |
| ماڻڪي | اک جو وچون ڪارو ٽڪو |
| ماڻڪي | ڪلنگي، دستار موتي |
| ماڻڻ | استعمال ڪرڻ، واپرائڻ |
| ماڻهو | انسان، بني آدم شخص |
| ماڻهپائي | انسانيت |

| | |
|---|---|
| ماٺيو | انسانيت |
| ماهُ | گوشت، ماس |
| ماهه | چنڊ، چانڊوڪي |
| ماهه | مهينو |
| ماهتاب | چنڊ جي روشني، چانڊوڪي |
| ماهه جبين | چنڊ جي پيشانيءَ وارو |
| ماهوار | مهيني سر، مهيني جو مهيني وارو |
| ماهيانو | هر مهيني مقرر ٿيل وظيفو يا پگهار |
| ماهيو | ميٺهن جو |
| ماءُ | امان، امڙ، والده |
| مائٽ | عزيز، مِٽ، رشتيدار |
| مائٽي | رشتيداري واسطو تعلق |
| مائٽياڻي | رشتيدار، مِٽ، عزيز |
| مائٽي ڪرڻ | سڱ ڪرڻ |
| مائل | لاڙو، جُهڪيل |
| مائل ٿيڻ | جُهڪڻ، لڙڻ |
| مائو | مٽيءَ جو هڪ قسم |
| مائي | ڪابه عورت |
| مايا | ڌن، دولت، ملڪيت |
| مايا | قدرتي طاقت |
| مايو | اصلي مادو |
| مايوس | نااميد، دل شڪستو |
| مايوسي | نااُميدي |
| مباحثو | بحث، تڪرار، سوال جواب |
| مبارڪ | واڌائي، شاباس، جَسُ |
| مُبارڪُ | پلارو، پاڪ، سڳورو |
| مبتلا | قائل، گرفتار، ورتل |

| | |
|---|---|
| مُبصر | ڏسندڙ جاچيندڙ |
| مبلغ | رقم جو تعداد، انداز، مقدار |
| مُبهم | ڳُجهو لِڪل، شڪي |
| مُبين | ظاهر ظهور، ظاهر، نروار، روشن، صاف |
| مت | سمجهه |
| مت ڦرڻ | هوش گم ٿي وڃڻ |
| مت ڪسجڻ | سمجهه وڃڻ |
| مَتُ | فرقو، ڌرم، مذهبي ٽولو |
| متاثر | اثر قبول ڪندڙ، اثرائتو، ڪارگر |
| متارا | هڪ ذات |
| متارو | ٿُلهو صحتمند |
| متاع | گهر جو سامان، گهر جا ٿپڙ وغيره |
| متان | نه، بلڪل نه |
| متحد | گڏيل، ڳنڍيل، مليل |
| متحرڪ | چُرپُر ڪندڙ، حرڪت ڪندڙ |
| مُترجم | ترجمو ڪندڙ |
| متڙڪو | هٿوڙو |
| متشابه | هڪ شڪل، هُوبهُو |
| مُتشڪي | شڪ وارو، شڪي |
| متعدي | سامهون ٿيندڙ، اعتراض ڪندڙ |
| مُتعارف | نالي وارو، ناميارو، مشهور |
| متعدد | شمار ڪيل، ڳڻيل |
| متعدي | پکڙندڙ، وچڙندڙ |
| متعصب | تعصب ڪندڙ، ڪٽر |
| مُتعلق | تعلق رکندڙ، لاڳاپو رکندڙ |
| متعلم | تعليم حاصل ڪندڙ، شاگرد |
| متفرق | فرق ڪيل، جدا جدا، الڳ الڳ |

| | |
|---|---|
| متفق | اتفاق ڪندڙ |
| متقي | پرهيزگار پرهيز ڪندڙ |
| متڪلم | ڳالهائيندڙ |
| متمني | خواهشمند، آرزو رکندڙ |
| متن | ڪتاب جي اصل عبارت |
| مترو | اصول، قاعدو، قانون |
| متوالو | ديوانو سودائي، نادان |
| متوجهه | ڌيان ڏيندڙ |
| متوسط | وچولو درميانو |
| متوفي | فوت ٿيل |
| متوڪل | خدا تي ڀروسو رکندڙ |
| مٿ | ڄاڻ، غور، ويچار |
| مٿاڇرو | مٿين سطح وارو، مٿان مٿان |
| مٿاڪُٽ | سخت محنت |
| مٿان | مٿي کان، شروع کان |
| مٿانهون | اوچو، بلند |
| مٿانهين | اوچائي، بلندي، اُتاهين |
| مٿو | مٿُ، کوپڙي، مغز |
| مٿو پٽڻ | افسوس ڪرڻ، ڏک ڪرڻ |
| مٿو چٽ ٿي وڃڻ | ناسمجهه ٿي وڃڻ، حافظو موڪلائي وڃڻ |
| مٿو ڌوڻڻ | انڪار ڪرڻ، نه ۾ جواب ڏيڻ |
| مٿو ڏارڻ | مٿو قارڻ، مٿو چيرڻ |
| مٿو ڏيڻ | منهن ڏيڻ |
| مٿو ڦرڻ | مٿي ۾ چڪر اچڻ |
| مٿو نمائڻ | ڪنڌ هيٺ ڪرڻ |
| مٿو هڻڻ | مغز هڻڻ، ڪوشش ڪرڻ |
| مٿي تي کڻڻ | ڪم پنهنجي ذمي ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| مٿي تي هٿ رکڻ | مدد ڪرڻ، سرپرستي ڪرڻ |
| مٿي جو سور | مٿي جي تڪليف، مورگو |
| مٿي جو سور ٿيڻ | مٿي ۾ درد يا تڪليف ٿيڻ |
| مٿي جو موڙ | مٿي جو تاج، مٿي جو ڇٽ |
| مٿير | سردار، سورمو، پهلوان، طاقتور |
| مٿي ڪرڻ | بُلند ڪرڻ، اوچو ڪرڻ |
| مٿي ۾ هوا ڀرجڻ | مغروري اچڻ، مستي ڀرجڻ |
| مٿي | بلند، اوچائي تي، بلندي تي |
| مٿيون | مٿانهون، اُوچو، بُلند |
| مٽ | بدل، ڦير |
| مَٽ | ثاني، برابر، جوڙ |
| مٽُ | وڏو گهڙو پاڻيءَ لاءِ، ٺِڪر جو ٿانءُ |
| مِٽُ | مائٽ، عزيز، رشتيدار |
| مٽا | عيوض، مٽ، بدل، ڏي وٺ |
| مٽا سٽا | ڏي وٺ، مٽ سٽ |
| مٽائڻ | بدلائڻ، تبديل ڪرڻ، ڦيرائڻ |
| مِٽائڻ | ڊاهڻ، ڪُرڙڻ |
| مٽجڻ | بدلجڻ، ڦرڻ، تبديل ٿيڻ |
| مِٽجڻ | ڊهڻ، مِٽڻ، برباد ٿيڻ |
| مٽر | اناج جو هڪ قسم |
| مِٽڻ | ڊهڻ، ڇٽ ٿي وڃڻ، برباد ٿي وڃڻ |
| مٽي | ننڍو مٽُ |
| مِٽي | لٽ، ڌوڙ، زمين، ڌرتي |
| مٽي جو ٿانءُ | ٺڪر جو ٿانءُ |
| مِٽي مائٽي | رشتيداري، پنهنجائپ، مائٽي |
| مٽياري | هڪ شهر جو نالو |
| مٽُ | ڪرڙ ڪپٽ |

| | |
|---|---|
| مٺ | ٻڪوڙيل هٿ، مُڪ |
| مِٺاس | مِٺاس، چَس |
| مٺائي | کنڊ ۽ گيهه ۾ ٺهيل مٺي شيءِ |
| مِٺڙو | مٺو پيارو دل گهريو |
| مِٺڙي | چمڙي، ڇُمي |
| مٺو | خراب، بڇڙو، بُرو، بد |
| مِٺو | مٺاڻ وارو ماکيءَ جهڙو مزيدار |
| مِٺو | طوطو مٺو ڳالهائيندڙ وڻندڙ |
| مِٺي | پياري، ڇُمي دل واري |
| مٺي زبان | خوش بيان |
| مٺيان | ٻچان، ڪاوڙ غصو ناراضگي |
| مٺياڻي | شهر جو نالو |
| مثال | نمونو تشبيهه، پيٽ، چوٽي، حِڪايت، مثل |
| مثانو | جسم جو هڪ عضوو |
| مِثل | جهڙو وانگر، جيئن |
| مثنوي | جدا جدا قافين وارو شعر |
| مجاز | هٿ، وڏائي، مغروري، ظاهري اها شيءِ، جنهن ۾ حقيقت نه هجي |
| مجازي | غير حقيقي، فرضي، ظاهري |
| مجال | پهچندي وَسُ، طاقت |
| مجاور | پاڙيسري، درگاهه جو رکوالو چوڪيدار، پهريدار |
| مجاهد | ڪوشش ڪندڙ الله جي راهه ۾ جنگ ڪندڙ |
| مجبور | لاچار بيوس، پريشان |
| مجبورا | لاچاريءَ سان، مجبوريءَ لاچاريءَ |
| مجبوري | لاچاري، بيوسي، پريشاني |
| مجتهد | ڪوشش ڪندڙ مذهبي رهبر |
| مجدد | ايجاد ڪيل |

| | |
|---|---|
| مجذوب | الله جي راهه ۾ غرق |
| مجرم | گنهگار، ڏوهه ڪندڙ ڏوهاري |
| مُجسم | جسم وارو، جاندار سهڻو خوبصورت، حسين، سهڻي روپ وارو |
| مجسمو | جاندار جهڙو |
| مُجلد | جُلد وارو جلدن سان |
| مجلس | ڪچهري اجلاس، ماڻهن جو ميڙ، ويهڻ جي جاءِ |
| مجلس جو مور | ڪچهريءَ جو سردار، سياڻو ڏاهو هوشيار |
| مجموعو | ميڙ، هجوم، انبوهه، گڏ ٿيل ماڻهو |
| مجموعي | جُملي، ڪل، سڀ |
| مجنون | ليليٰ جي عاشق قيس جو مشهور نالو ديوانو چريو (عشق ۾) |
| مجوسي | باهه جو پوڄاري |
| مجهول | نامعلوم، اڻ ڄاڻ، گرامر موجب اهو فعل، جنهن جو فاعل يعني ڪم ڪندڙ ظاهر نه هجي |
| مڃ | سرن جي ڪانن جون گتيل ڪلون، جن مان نوڙيون ٺهن، گاهه جو هڪ قسم |
| مڃائڻ | قبول ڪرائڻ |
| مڃتا | عزت، مانُ مرتبو مڃڻ، خيال |
| مڃر | گل جو هڪ قسم، ڪنديءَ جي وڻ جو ٻور يا گل |
| مڃڻ | قبول ڪرڻ، اقرار ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ |
| مَچ | باهه جو پنيٽ، گهٽي باهه |
| مچ مچائڻ | باهه دکائڻ، باهه ٻارڻ |
| مُچ | ٿهو ميڙ، گوڙهو ڪوڙي |
| مچائڻ | باهه ڏيارڻ، ڀڙڪائڻ، اُٻارڻ |
| مچڻ | اُبرڻ، وڌڻ، طاقت وٺڻ |
| مڇ | چين جي ملڪ اُبريل وار شهر |

| | |
|---|---|
| | ڏاڍو وغيره. |
| مُحرم | عزت وارو اسلامي سال جي پهرين مهيني جو نالو (محرم الحرام). |
| مَحرم | مڙس، مڙس جو پيءُ، واقف |
| محروم | نااميد، ناڪامي، بدنصيب |
| مُحسن | احسان ڪندڙ مهرباني ڪندڙ ڀلائي ڪندڙ مٺو سلوڪ ڪندڙ نيڪي ڪندڙ |
| محسوس | معلوم ٿيڻ جوڳو پڌرو جاڻ ۾ آيل |
| محشر | قيامت جو ڏينهن، جزا جو ڏينهن |
| محفل | ڪچهري، مجلس، رهاڻ |
| مُحقق | تحقيق ڪندڙ ثابت ڪندڙ |
| مُحڪم | مضبوط، پختو جٽادار |
| محڪمو | کاتو |
| محلُ | وڏي عمارت، بادشاهه جو گهر، جمع محلات |
| محلو | پاڙو شهر جو ننڍو حصو (علائقو حد بندي ڪيل) |
| مُحمّد | گهڻو ساراهيل، تعريف ڪيل، واکاڻيل الله تبارڪ وتعاليٰ جي طرفان موڪليل آخري نبي ﷺ جن جو نالو مبارڪ، جيڪو سندن ڏاڏي حضرت عبدالمطلب رکيو. |
| محمود | ساراهيل، تعريف ڪيل |
| محنت | ڪوشش، جدوجهد، جفاڪشي، پورهيو |
| محنتاڻو | مزدوريءَ جو مُلهه |
| محنت سڦلي ٿيڻ | حق حاصل ٿيڻ |
| محور | مدار |
| مُخاطب | خطاب ڪندڙ روبرو ڳالهائيندڙ |
| مُخالف | دشمن، ويري، ڌڌمي، بڇڙ آڏو |
| مخالفت | عداوت، وير، ڪڙت، ڪينو |

| | |
|---|---|
| مُخبر | خبر آڻيندڙ جاسوس |
| مُخبري | جاسوسي |
| مختصر | گهٽايل، گهٽ ڪيل، خُلاصو |
| مختلف | جدا جدا، الڳ الڳ هڪ ٻئي کان نه هڪ |
| مختيار | اختيار ڪيل، آزاد، پاڻ پرو |
| مختيارڪار | تعلقي جو سنڀاليندڙ ڪم ڪندڙ سنڀال ڪندڙ |
| مختيارڪاري | ڪم جي سنڀال، سربراهي، انتظام |
| مختيارنامو | اختيار نامو وڪالت نامو |
| مختياري | اختياري اجازت، آزادي |
| مخدوم | خدمت ڪيل، جنهن جي خدمت ڪجي، عزت وارو مان وارو |
| مخروط | گجر جهڙي شڪل جي ڪا شيءِ جنهن جو مٿيون حصو تلهو ۽ پڇڙي سنهي هجي |
| مخزن | رسالو، اهو رسالو جنهن ۾ مختلف مضمون شامل هجن |
| مخصوص | خاص، اهم، مکيه علحده |
| مخفف | ٿورو ڪيل، گهٽ ڪيل |
| مخفي | ڳجهو لڪل، نامعلوم |
| مُخلص | سچو صاف دل، سچار همدرد |
| مخلصي | سچائي، صاف دلي، همدردي |
| مخلوط | مليل، گڏيل |
| مخلوق | پيدا ڪيل، خلقيل، اُپايل، جوڙيل |
| مخلوقات | پيدا ڪيل سمورو جهان، دُنيا |
| مُخمس | پنج ڪنبو |
| مُخمل | ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم |
| مخمور | مست، متوالو خمار چڙهيل |
| مخير | خيرات ڪندڙ |

| | |
|---|---|
| مد | ڏيکاري، گرامر موجب ڪنهن بہ اُچار کي ڇڪ ڏيندڙ نشاني (ـــ) |
| مداحُ | تعريف ڪندڙ ساراهہ ڪندڙ |
| مداحَ | تعريف، ساراهہ واکاڻ |
| مُداخلت | اٽڪاءُ، دخل اندازي |
| مدار | گهيرو دائرو گول، گردش ڪرڻ جي جاءِ، آسماني گرهہ جي ڦرڻ جي جاءِ، پروسو ذميواري |
| مداري | بازيگر، اٽڪلي، چالاڪي سان ڪيل ڏيکاريندڙ |
| مدافعت | روڪ، جهل، منع |
| مدام | هميشہ سدائين، سدا، نِتُ |
| مُدبرُ | عقلمند، هوشيار، داناءُ، انتظام رکندڙ |
| مُدت | وقت، عرصو مهل |
| مدحت | ساراهہ واکاڻ تعريف |
| مددگار | مدد ڪندڙ واهر ڪندڙ ساٿي |
| مددگاري | سهائتا، واهر، مدد |
| مددي | مدد ڏيندڙ همراهہ |
| مدرس | استاد، معلم، سکيا ڏيندڙ |
| مدرسو | مڪتب، درسگاهہ اسڪول |
| مُدعا | طلب، گهُر، تمنا، مراد |
| مُدعا عليہ | اُهو ماڻهو جنهن تي دعوي ڪجي، جوابدار |
| مُدعي | دعوي ڪندڙ |
| مدفن | مُقام، دفن ڪرڻ جي جاءِ |
| مدفون | دفن ڪيل، پوريل |
| مدني | مديني شريف جو رهاڪو حضور ﷺ جن جو لقب |
| مدو | خراب، بڇڙو بد، بُرو |
| مدائي | بڇڙائي بُرائي، خرابي |

| | |
|---|---|
| مُدو | عرصو وقت، مهل |
| مدهوش | حيران، پريشان، متوالو خُمار ۾ |
| مدهوشي | بيهوشي، خُمار، نشو |
| مدي | بُرائي، بڇڙائي، خرابي، مندائي، بدخواهي، ويرُ، ڪينو |
| مدينو | سعودي عرب جي هڪ متبرڪ شهر جو نالو جتي حضور ﷺ جن هجرت ڪري آيا ۽ سندن مرقد (تربت مبارڪ) آهي |
| مُدُ | نشو شراب، ماکي |
| مُدّ | عورت |
| مدّر | سُريلو آواز مٺو آواز پيارو وڻندڙ |
| مِدِي | سامان، ٽپڙ، مال اسباب، ملڪيت |
| مذاق | مسخري، ٺٺولي، يوڳ چرچو |
| مذڪر | نر |
| مذهب | دين، سلامتي وارو رستو |
| مُرَ: ظرف | ڀلُ ڀلي، بيشڪ |
| مُرُ | ميراڻ، مٽي، گندگي |
| مُراد | مطلب، ارادو نيت، مقصد، اُميد |
| مُراقبو | هڪ هنڌ ويهي ڪنڌ جُهڪائي ڪيل فڪر، غور، تصور، خدا جي ياد |
| مُربو | مِٺي چٽڻي |
| مربوط | سنواريل، سُڌاريل |
| مُربي | پرورش ڪندڙ سهائتا ڪندڙ بزرگ، مددگار |
| مرتب | ترتيب ڏنل، سنواريل، ڪنهن ڪتاب ۾ مضمونن کي ترتيب ڏيڻ |
| مرتبو | رُتبو، درجو عُهدو |
| مُرتدُ | دين کان ڦريل، ڦلحد دين، اسلام جو منڪر |

| | |
|---|---|
| مُرتضيٰ | چونڊيل، پسنديده، حضرت علي ڪرم الله وجهه جو لقب |
| مُرت | گاهه جو هڪ قسم |
| مرثيو | ڪربلا جي واقعي بابت هڪ دردناڪ نظم، اوسارو، ميت جي ساراهه يا صفت |
| مرجان | پٿر جو هڪ قسم |
| مِرچ | مصالحي طور ڪم ايندڙ وکر جو هڪ قسم |
| مِرچائي | مرچن وارو |
| مِرچائي پڪوڙو | مرچن وارو پڪوڙو |
| مرحبا | ڀلي ڪري آيا، ڀليڪار جَسُ، شاباس، آفرين، آدرڀاءُ، آجيان، استقبال |
| مرحلو | منزل، درجو، مرتبو |
| مرحمت | رحمت، قياس، ٻاجهه |
| مرحوم | مري ويل، وفات ٿيل، رحمت ڪيل |
| مرد | نر (ماڻهو) مذڪر طور ڪم ايندڙ لفظ، شخص |
| مردانگي | مڙسي، بهادري، جُرئت، جوانمردي، دليري |
| مردانو | مرد جو، مرد وارو، مڙسيءَ وارو |
| مرداني زال | دلير عورت، همت واري عورت |
| مرد ماڻهو | مڙس ماڻهو ڪويه شخص |
| مُردار | اُهو مري ويل جانور، جنهن تي تڪبير نه پڙهي هجي، |
| مُردو | مُئل ماڻهو لاش، مڙهه |
| مردود | رد ڪيل، بي عزت، ذليل، خارج |
| مرزا | مغلن جو هڪ لقب |
| مُرسل | موڪليل، رسول، پيغمبر |
| مُرشد | هدايت ڪندڙ الله جو رستو ڏيکاريندڙ، رهنمائي ڪندڙ |
| مرشدي | ديني هدايت، رهنمائي |

| | |
|---|---|
| مرض | بيماري، تڪليف، ناچاقي |
| مرضي | ارادو، خواهش، تمنا، آرزو، خوشي |
| مُرڪب | گڏيل، مليل، ملاوت ڪيل |
| مرڪز | وچ، نڪيءِ هنڌ، خاص جاءِ، گول شيءِ جو وچ |
| مرڪز ثقل | ڳرتيءَ جو اهو وچون خالي نقطو جنهن ڏانهن سڀ شيون ڇڪجن ٿيون. |
| مُرڪ | مشڪڻ، مُشڪ، خوشي |
| مُرڪڻو | کِلڻو، کِلڪڻ، مُشڪڻو |
| مرڪنڊ | هڪ ذات |
| مُرگو | اصل، بنهه، نون ڪڍهن بہ، مڙيئي |
| مِرگهه | هرڻ جو هڪ قسم |
| مِرگهي | بيماريءَ جو هڪ قسم جنهن ۾ ماڻهو بيهوش ٿي ڪِري پوندو آهي. |
| مُرلي | ساز جو هڪ قسم |
| مرمت | ٽُٽل شيءِ کي ناهڻ، اصلاح ڪرڻ |
| مرڻ | وفات ڪرڻ، رحلت ڪرڻ |
| مرڻو | موت، قضيو، وفات |
| مرڻينگ | مرڻ جي ويجهو مرڻ وارو مرڻ تي |
| مروت | نوڙت، لحاظ، مهرباني |
| مروج | هلندڙ جاري، عام رائج ڪيل |
| مروڙڻ | مروٽڻ، ور ڏيڻ، ڦيرڻ |
| مِرون | سوئر، خنزير، جهنگلي جانور |
| مرهم | ملم |
| مرهم پٽي | زخم جو علاج |
| مرحيات | بخشيل، جنهن تي خدا جي رحمت ٿيل هجي |
| مِري | ڪاري مرچ جو داڻو، جمع مِريون |
| مريخ | هڪ گرهه |

| | |
|---|---|
| مُريد | پيروي ڪندڙ پوئلڳ، عقيدتمند |
| مُريدي | پوئلڳي، پيروي، عقيدتمندي |
| مُربرو | ياجيءَ طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو ڏٿ |
| مريض | بيمار اگهو ناچاق |
| مريم | پاڪدامن، پاڪيزه، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي والده جو نالو |
| مڙئي | هڙئي، سيئي، سڀ |
| مڙد | مرد، مڙس، نر |
| مڙدانو | مردن وارو پهلوان |
| مُڙدو | لاش، مري ويل، مڙهه |
| مُڙس | گهروارو، مرد، ماڻهو بهادر |
| مُڙسي | طاقت، سگهه، بهادري |
| مِڙڻ | گڏجڻ، ملڻ، گڏجاڻي ڪرڻ |
| مُڙڻ | ڏنگو ٿيڻ، پوئتي موٽڻ، لڙڻ |
| مڙهه | لاش، مُردو ميت |
| مڙهڻ | متان لڳائڻ، چاڙهڻ، جڙاوت ڪرڻ |
| مڙهائڻ | موتين جي جڙت |
| مڙهي | هندو فقيرن جي رهڻ جي جاءِ، جوگي فقيرن جو آستانو |
| مِڙئي | مِڙيئي، سڄو سمورو مڙيوئي، سڀ، ڪُل (گرامر موجب صفت). |
| مِڙي | گڏجي، مِلي |
| مزاج | طبيعت، عادت، خصلت |
| مزاجي | مجازي، ذاتي |
| مزاحمت | اٽڪاءُ، تڪليف، مشڪلات |
| مزار | قبر، تربت، زيارت گاهه |
| مزاري | هڪ ذات |

| | |
|---|---|
| مزدور | پورهيت، محنت ڪندڙ |
| مزدوري | پورهيو، ڏنڌو ڪم |
| مزدوري | اجوري اُجرت، محنت جو بدلو محنت جا پئسا |
| مزمان | مهمان |
| مزماني | مهماني، خاطر تواضه، ٽهل ٽڪور، خدمت چاڪري، مهمان نوازي |
| مزو | لذت، ذائقو سواد |
| مزا ماڻڻ | عيش ڪرڻ، شوق ڪرڻ |
| مزو چکڻ | لذت وٺڻ، لذت اچڻ، سواد اچڻ، ذائقو اچڻ، لطف اچڻ |
| مزيدار | مزي وارو سوادي، وڻندڙ |
| مزور | پورهيت، پورهيو ڪندڙ |
| مَس | مشڪل سان، لاچار، فقط اجا، ورلي (گرامر موجب ظرف). |
| مس مس | مشڪل سان، ورلي، ڪڏهن ڪڏهن (گرامر موجب ظرف). |
| مَش | اکرن لکڻ جي سياهي، جمع مَشون |
| مس چُٽو | مس کي چُهندڙ ڪاغذ |
| مُسافر | سفر ڪندڙ راهگير |
| مسافر خانو | مسافرن جي رهڻ جي جاءِ، سراءِ |
| مسافري | سفر |
| مساڳ | ڏندن کي صاف ڪندڙ هڪ وڻ جو چوڙو |
| مسالو | مصالحو ڪٽيل ڏاڻا ۽ مرچ |
| مُسام | لُوڻهه، جسماني چمڙيءَ جو ننڍڙو سوراخ |
| مُسانُ | هندن جي مُردن کي ساڙڻ جي جاءِ |
| مساوات | برابري، هڪ جهڙائي |
| مُساوي | برابر، هڪ جيترو هم وزن |

| | |
|---|---|
| مسائڻ | تڪليف ڏيڻ، بگاڙڻ |
| مست | مجذوب، مجنون، متوالو ديوانو |
| مستانو | الله لوڪ، درويش، مجذوب (مؤنث مستاني). |
| مسدس | ڇهن مصرعن وارو شعر، ڇهن پاسن وارو |
| مسرت | خوشي، سرهائي، راحت |
| مسرور | خوش، سرهو راضي |
| مسقط | ملڪ جو نالو |
| مسڪن | رهڻ جي جاءِ |
| مسڪين | مفلس، نادار غريب، لاچار بيوس، نماڻو |
| مسڪيني | مفلسي، غريبي، لاچاري نماڻائي |
| مسلح | هٿياربند، هٿيارن سان |
| مسلسل | لڳاتار سلسليوار ترتيبوار |
| مسلم | مسلمان، مؤمن |
| مسلماني | مسلمان جي |
| مسلماني | ڏهر، خطنو سنت |
| مسمار | برباد، ناس، چٽ |
| مسند | گادي، تخت، پيلڪ |
| مسڻ | تڪليف ۾ اچڻ |
| مسواڙ | جاءِ جو ڪرايو |
| مسواڪ | ڏندڻ، ڏساڳ |
| مسودو | لکيل، تحرير ڪيل، خاڪي لکيل پهرين ڪاپي |
| مسوديرو | سنڌ جي هڪ ڳوٺ جو نالو، جيڪو تعلقي رتيديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي. |
| مسور | ڏهري جي دال |
| مسئلو | ڏکي ڳالهه، مشڪل ڳالهه، ڏکيو معاملو پڇڻ لائق ڪا ڳالهه |
| مسيح | حضرت عيسيٰ عليه السلام جو لقب، دوست |

| | |
|---|---|
| مسيحي | حضرت عيسيٰ عليه السلام جو پوئلڳ |
| مشابه | وانگر، مثل |
| مشابهت | تشبيهه، ڀيٽ، برابري |
| مشاهدو | ڏيک، نظارو، ڏسڻ، اکين ڏٺو |
| مشاهدو ڪرڻ | نظارو ڪرڻ، ڏسڻ |
| مشائخ | بزرگ، درويش، معزز عزت وارو (واحد: شيخ) |
| مشتاق | آرزومند، خواهشمند، تمنا رکندڙ |
| مشتبه | شڪ وارو |
| مشترڪ | گڏيل، ڀائيوار، حصيدار، ڀاڱيوار |
| مشتري | هڪ آسماني گرهه جو نالو |
| مشتق | اشتقاق ٿيل، ٽڪرا ٽڪرا ٿيل، اصل لفظ بنيادي لفظ |
| مشتمل | گڏ، شامل، شامل ٿيندڙ |
| مشرقي | اوڀر پاسي وارو اڀرندي جو |
| مشرڪ | شرڪ ڪندڙ الله سان ڪنهن شي کي شريڪ ڪندڙ |
| مشروط | شرط ڪيل |
| مشغول | رُڌل، مصروف، ڪرت ۾ لڳل |
| مشغولي | مصروفيت، ڪم، ڪِرت |
| مشق | ڪنهن ڪم کي وري وري ڪرڻ، لکڻ جو ڪم ورتاءُ |
| مشقت | تڪليف، ڏکيائي، جدوجهد |
| مَشڪ | پاڻيءَ لاءِ چمڙي جي ٿيلهي، جيڪا حلال جانورن جي کل مان ٺهيل هوندي آهي |
| مُشڪ | هڪ خوشبوءِ، جيڪا بغير سڱن واري هرڻ جي ڏن مان نڪرندي آهي |
| مُشڪ | ڏورو، گوشت جو ٽڪرو |

| | |
|---|---|
| مشڪرو | پوڳ چرچا ڪندڙ پوڳائي |
| مشڪل | اوکو ڏکيو سخت، سختي، جمع مشڪلات، مشڪلاتون |
| مشڪل ڪشا | مشڪلات دور ڪندڙ ڏک لاهيندڙ |
| مشڪڪ | چپن ۾ کلڻ، ٿورو کِلڻ |
| مشڪور | شڪر گذار، شڪرمند |
| مشڪوڪ | شڪي، شرميلو لڄارو |
| مشورو | صلاح، راءِ، رايو |
| مشوري | هڪ ذات |
| مشهور | عام، نالي وارو، ناميارو |
| مشير | صلاحڪار، صلاح ڏيندڙ چڱو مڙس |
| مشين | ڪَلَ، هٿ جو ٺاهيل اوزار |
| مصالحت | صُلح، ٺاهه |
| مصدر | اصل، بنياد، نڪرڻ جي جاءِ |
| مصر | هڪ ملڪ جو نالو |
| مصرع | بيت يا شعر جو حصو |
| مصروف | مشغول، رُڌل، جنبيل |
| مِصري | مٺاڻ جو هڪ قسم |
| مصطفيٰ | چونڊيل، پسند ڪيل، حضرت محمد ﷺ جن جو لقب |
| مصلح | اصلاح ڪندڙ سڌاريندڙ |
| مصلحت | حڪمت عملي، مناسب تجويز، نيڪ صلاح، پلو مشورو سياڻپ |
| مصلو | نماز پڙهڻ جي لاءِ ننڍو غاليچو يا تڏو |
| مصنف | ليکڪ، ڪتاب لکندڙ تصنيف ڪندڙ |
| مصنوعي | هٿرادو ٺاهيل، نقلي |
| مصور | تصويرون ٺاهيندڙ چترڪار |

| | |
|---|---|
| مُصوري | چترڪاري، چٽسالي، تصويرن ناهڻ جو ڪم، چٽ، نقش |
| مصيبت | تڪليف، ڏکيائي، مشڪل |
| مُضارع | ٿيڻ جهڙو ممڪن، شايد |
| مضبوط | پڪو پُختو سخت، سوگهو قابو ڪيل |
| مضبوطي | پُختائي، ثابت قدمي، جٽاءُ |
| مُضر | نقصان پهچائيندڙ |
| مضطرب | بي چين، بي آرام، بي قرار |
| مضمون | عبارت، مقالو ليک |
| مضمون نگار | مضمون لکندڙ ليکڪ، مضمون نويس |
| مضمون نويسي | مضمون لکڻ جو هُنر |
| مطابق | موجب، برابر، پٽاندر ان جهڙو |
| مطابقت | برابري، مُشابهت، ان جهڙائي |
| مُطالبو | گُهر، طلب، تقاضا |
| مُطالع، مطالعو | اڀياس ڪتاب پڙهڻ پڙهڻ پڙهائي، غور، توجهه |
| مطب | دوا خانو شفا خانو حڪمت خانو |
| مطبع | پريس، ڇاپڻ جي جاءِ، ڇاپخانو |
| مطبوع | ڇاپيل، ڇپيل، طبع ٿيل |
| مطلب | سمجهاڻي، معني، مقصد، مُراد، ضرورت |
| مطلبي | خود غرض، پنهنجي ضرورت وارو |
| مُطلب | حضور اڪرم ﷺ جن جي ڏاڏي سائين جو نالو (حضرت عبدالمطلب). |
| مُطلع | غزل يا قصيدي جو پهريون بيت |
| مطلوب | گُهربل، معشوق، محبوب |
| مُطمئن | بي فڪر، بي اونو |
| مُطهّر | پاڪ ڪيل، معصوم، صاف |
| مُطيع | فرمانبردار، تابعدار، حڪم مڃيندڙ |

| | |
|---|---|
| مظلوم | ستايل، آزاريل، ڏکي، ڏکيو |
| مظهر | ظاهر ڪندڙ نروار ڪندڙ عيان ڪندڙ پڌرو ڪندڙ ظاهر ٿيڻ جي جاءِ |
| معاف | بخش ڪيل، درگذر ڪيل |
| معاف ڪرڻ | بخش ڪرڻ، درگذر ڪرڻ، رعايت ڪرڻ |
| معافي | بخشش، رعايت، نجات، ڇوٽڪارو |
| معاملو | ڪم ڪار، ڳالهه، اصل حقيقت يا حال |
| مُعاون | مددگار، مدد ڪندڙ واهر ڪندڙ |
| معاونت | مدد، سهائتا |
| مُعاهدو | عهد، اقرار انجام |
| معبود | عبادت لائق، الله پاڪ |
| معتبر | معزز اشراف، اعتبار ڪيل، ڀروسي وارو |
| معتدل | وچولو، وچٿرو درميانو |
| معتقد | ڀروسو رکندڙ اعتقاد رکندڙ پيروي ڪندڙ پوئلڳ |
| مُعجزو | ڪرامت |
| معجون | دوائن جو مرڪب، خميرو |
| معدني | کاڻ مان نڪتل |
| معدنيات | کاڻ مان نڪتل شيون |
| معدو | انسان جي هڪ اندروني عضوي جو نالو جيڪو کاڌي کي هضم ڪري ٿو. |
| معدوم | مِٽايل، نيست، نابود، تباهه ٿيل |
| معذرت | معافي، بهانو عُذر |
| معذور | لاچار، بيوس، مجبور |
| معراج | مٿي چڙهڻ، بلند مرتبو بلندي، چڙهائي |
| معرفت | وسيلي، وسيلو شڃاڻ، خدا شناسي |
| معرڪو | جنگ جو ميدان، جماعت، مجلس، رهاڻ ڪچهري |
| معروف | ڄاتل سڃاتل، مشهور، عام، معلوم |

| | |
|---|---|
| معزز | عزت واري، شريف، معتبر، عزت وارو |
| معزول | نوڪريءَ تان لاٿل، بيڪار |
| معشوق | محبوب، پيارو سڄڻ، پرين |
| معصوم | بي گناهه، بي ڏوهي، بي قصور، صاف دل، ننڍو ٻار |
| معصومي | صاف دلي، بي قصوري، بي گناهي، ننڍپڻ |
| معصوميت | بي گناهي، صاف دلي، ننڍپڻ |
| مُعطر | خوشبودار، سرهو، خوشبو وارو |
| معطل | نوڪري تان لٿل، بيڪار، واندو |
| معظم | اعليٰ، عزت وارو، بزرگ |
| معقول | عقل وارو، سمجهه ۾ ايندڙ، دُرست |
| مُعلم | علم سيکاريندڙ استاد، تعليم ڏيندڙ، سکيا ڏيندڙ، ماستر |
| مُعلمي | استادي، ماستري |
| معلوم | خبر، سُڌ، ڄاڻ |
| مُعليٰ | بلند، مٿانهون، اعليٰ، بزرگ |
| مُعما | پرولي، ڳُجهه، ڏکي ڳالهه |
| مِعمار | تعمير ڪندڙ، ٺاهيندڙ |
| معماري | تعمير جو ڪم، عمارت سازي |
| مُعمر | پوڙهو، ضعيف |
| معمور | ڀرپور، ڀريل، آباد |
| معمول | روزمره جي ڪيل ڳالهه، ريت، رسم |
| معمولي | دستوري، رواجي، روزمره واري، سادو، هلڪو، ٿورو |
| معنيٰ | مطلب، سمجهاڻي |
| معنوي | معنيٰ وارو، مقصد وارو |
| معيوب | عيبدار |
| مغالطو | غلطي، خطا، ڀُل |
| مغرب | سج لهڻ جي جاءِ، هڪ طرف جو نالو، اولهه طرف |

| | |
|---|---|
| مغربي | اولهه پاسي جو يورپي |
| مغرور | هٺيلو تڪبر وارو وڏائي وارو |
| مغروري | وڏائي، گهمنڊ |
| مغز | دماغ، پيچو ميجالو ٿڌو |
| مغفور | بخشيل، معاف ڪيل |
| مغل | هڪ ذات |
| مغموم | غمگين، رنجيده |
| مغيري | هڪ ذات |
| مفاصلو | پنڌ، وٿي، ويچو |
| مفت | بنا مُلهه جي، بنا پئسي، بي فائدو اجايو |
| مفتوح | فتح ڪيل |
| مفتون | قربان، عاشق، شيدائي |
| مُفتي | شرعي حڪم موجب فتوي ڏيندڙ |
| مفرد | اڪيلو هڪڙو رياضيءَ جي علم موجب اُهو انگ يا عدد، جيڪو ورهائجي نہ سگهي يا ان جا جزا نہ ٿي سگهن. |
| مُفسر | تفسير ڪندڙ شارح، معني بيان ڪندڙ |
| مفعول | گرامر موجب اُهو اسم، جنهن تي ڪو ڪم ٿئي. |
| مُفڪر | فڪر ڪندڙ سوچ ڪندڙ |
| مُفلس | غريب، محتاج، مسڪين |
| مفهوم | مطلب، مراد، عقل، سمجهه |
| مُفيد | فائديمند، فائدي وارو نفعي وارو |
| مُقابل | سامهون، مخالف، برابر |
| مُقابلو | ڇتاپيٽي، پيٽ، مشابهت |
| مقاطعو | ٺيڪو مقرر ڪيل وقت تائين ٺيڪي تي ڪنيل |
| مقالو | مضمون، باب، قول، ڳالهه |
| مُقام | قبرستان، منزل، جاءِ، گهر |

| | |
|---|---|
| مُقامي | هڪ هنڌ بيٺل، ان زمين جو ان ڌرتيءَ جو ان علائقي جو |
| مقبول | قبول ڪيل، وڻندڙ پسنديده |
| مقبوليت | قبوليت، رضامنديءِ منظوري |
| مقتدر | طاقتور |
| مُقتدي | امام جي پٺيان نماز پڙهندڙ |
| مقتل گاهه | قتل ڪرڻ واري جاءِ، قتل ٿيڻ واري جاءِ |
| مقتول | قتل ٿيل |
| مقدار | انداز شمار وزن، تور ماپ، ڳاڻيٽو جاءِ وِٿي |
| مقدر | قسمت، پھريائين لکيل، ڀاڳ |
| مُقدس | پاڪ، سڳورو پلو |
| مقدمو | معاملو دعويٰ ڪنهن ڪتاب جي شروع واري، عبارت، ديباچو ابتدا، سرنامو |
| مُقرر | ييهاريل، برقرار معمور ڪيل |
| مقرري | معموريءِ تقرري |
| مقروض | قرضي، جنهن تي قرض هجي، قرضدار |
| مقصد | مطلب، ارادو قراد |
| مقصود | قراد، مقصد، مطلب |
| مقناطيس | چقمق |
| مقناطيسي | چقمقي، چمقمق جي خاصيت رکندڙ |
| مُڪ | ٺونشو مُٺ |
| مڪار | فريبي، مڪر ڪندڙ ٺڳ |
| مڪاري | فريب، دوکو چالبازي |
| مڪافات | بدلو عيوضو عيوض |
| مڪان | رهڻ جي جاءِ، آستان، گهر، هنڌ، اوتارو فقيرن جي رهڻ جي جاءِ |
| مڪاني | آن جو هڪ قسم |

| | |
|---|---|
| مَڪتب | اسڪول، مدرسو علم حاصل ڪرڻ جي جاءِ، درسگاهه |
| مڪتوب | لکيل |
| مڪر | فريب، دوکو ٺڳي، دولاب |
| مُڪر | مڇيءَ جو هڪ قسم |
| مڪراني | مڪران جو رهاڪو |
| مُڪرم | ٻاجهه ڪندڙ رحم ڪندڙ |
| مڪروهه | ناجائز مردار نفرت جوڳو ڪراهت جهڙو |
| مڪڙ | اڏامندڙ جيت جو هڪ قسم مؤنث مڪڙي |
| مڪڙي | پيڙي |
| مڪلي | ٺٽي شهر جي پرسان هڪ ٽڪري جو نالو |
| مڪمل | پورو، ثابت، ڪامل |
| مڪو | سعودي عرب جي هڪ پاڪ شهر جو نالو |
| مَکِ | اڏامندڙ جيت جو هڪ قسم |
| مکُ | مهٽ، مَلِ |
| مِکُ | هڏن جو طاقتور مادو گُودو هڏن جي چربي |
| مُکُ | شڪل، صورت، چهرو |
| مکڻُ | مهٽڻ |
| مکڙُ | ڪچو گيهه، ولوڙيل کير مان نڪتل گيهه |
| مکو | وڏي مَکِ |
| مکي | مکيه ماٺو اڳواڻ خاص ماڻهو چڱو مڙس |
| مکيه | خاص، اڳواڻ مهندار اعليٰ |
| مگرو | گل جو هڪ قسم |
| مگسي | هڪ ذات |
| مگن | مست، غرق، مشغول |
| مڱ | اناج جو هڪ قسم |
| مڱتو | سوالي، منگتو فقير |

| | |
|---|---|
| مڱريا | هڪ ذات |
| مڱڻ | گهرڻ، سوال ڪرڻ، پنڻ |
| مڱڻهار | سوالي، گهرندڙ |
| مڱڻو | شاديءَ کان اڳ گهوٽ ۽ ڪنوار جي سڱاوتيءَ واري رسم |
| مُلا | عالم، بزرگ |
| ملاح | هڪ ذات |
| ملاح | ٻيڙي هلائيندڙ ناکئون، ميربحر، مهاڻو |
| ملاحظو | معائنو زير نظر |
| ملازم | نوڪر، خادم، خدمتگار |
| ملازمت | نوڪري، خدمت |
| ملاقات | ميلاپ، گڏجاڻي، سڃاڻپ |
| ملاقاتي | ملاقات ڪندڙ |
| ملاڪڙو | ملهه |
| مَلالُ | رنج، غم، ڏک، درد، تڪليف |
| ملامت | لعنت، ڦِٽ، بددعا |
| ملائڪ | فرشتو نوري مخلوق |
| ملائڻ | گڏ ڪرڻ، گڏائڻ، نامي چڙهڻ |
| ملاوت | ميلاپ، ڇَٽُ، ڦيٽ |
| مُلائم | نرم، نازڪ، ڪونئرو |
| مِلت | قوم |
| ملتان | هڪ شهر جو نالو |
| مُلتوي | ڪجهه وقت رکيل، دير ڪندڙ |
| مُلحد | حق جي رستي کان ڦريل، گمراهه ٿيل |
| ملزم | جنهن تي الزام لڳايو ويو هجي |
| ملزوم | لازم ڪيل، ضروري |
| مِلس | آٽ جا وار |

| | |
|---|---|
| ملعون | لعنتي، لعنت ڪيل، مردود، ٻڇڙو |
| ملفوظات | بزرگن جو ڪلام، اوليائن يا بزرگن جي ڳالهين جو لکيل ڪتاب |
| مَلڪ | هڪ ذات |
| ملڪ الموت | عزرائيل، موت جو فرشتو |
| مَلِڪُ | بادشاهه، سلطان |
| مَلِڪہ | راڻي، بادشاهه جي زال |
| مِلڪ | ملڪيت، جائداد |
| مُلڪُ | ديس، وطن، ڏيهه |
| ملڪائي | هڪ ذات |
| ملڪيت | مال اسباب، جائداد، دولت |
| مَلَمُ | زخمن تي مکڻ جي دوا |
| ململ | سنهي ڪپڙي جو هڪ قسم |
| مَلنگ | صوفي فقير، گودڙي پوش |
| ملنگي | درويشي، فقيري |
| مَلڻ | مهٽڻ، مالش ڪرڻ |
| مِلڻ | گڏجڻ، گڏ ٿيڻ، ملي وڃڻ |
| ملڻو | ملنسار، ميلاپي، خوش مزاج |
| مَلو | بيماريءَ جو هڪ قسم |
| مَلوڪ | سهڻو خوبصورت، حَسين |
| ملوڪان | سهڻي، خوبصورت، حسين |
| ملڪائي | سونهن، سُهڻائي، خوبصورتي |
| مَلّهه | راند جو هڪ قسم |
| ملهه مارڻ | ڪامياب ٿيڻ |
| مَلُّهه | ملهه وڙهندڙ پهلوان، بهادر |
| مُلهُه | قيمت، اگهه |
| مُلهائتو | قيمتي، املهه، خريد ڪيل |

| | |
|---|---|
| من ماني | دل ڪي وڻندڙ ڳالهه |
| من مستي | وڏائي، آڪڙ، هٺ |
| منات | هڪ قديم بت جو نالو |
| مُناجات | دُعا، ساراهه، واکاڻ، تعريف، الله تعاليٰ جي تعريف ۾ چيل بيت |
| مُنادي | هوڪو، ڍنڍورو، اعلان |
| مُنارو | سرن يا پٿرن جو ٺهيل ڊگهو ٿنڀو، قبي جي نيل |
| مُناسب | ٺيڪ، لائق، درست، جائز جوڳو |
| مُناسبت | تعلق، واسطو، لاڳاپو |
| مُنافعو | فائدو، نفعو، لاڀ |
| منافق | ڪوڙو، دغاباز، مڪار |
| منائڻ | راضي ڪرڻ، خوش ڪرڻ |
| مِنبر | اوچي جاءِ، ڏاڪن واري جاءِ، مسجد ۾ خطبي پڙهڻ لاءِ ٺاهيل سرن يا ڪاٺ جي ڏکي |
| مَنتِ | باس، شُک، پيتا، نذرانو |
| مِنت | عاجزي، التجا، عرض |
| مُنتخب | پسند ڪيل، انتخاب ڪيل، چونڊيل |
| منتر | جادو ٽيڻو، ڳجهه راز |
| منتشر | هيڏانهن هوڏانهن ٽيل، ٽڙيل پکڙيل |
| منتظر | انتظار ڪندڙ، اميدوار |
| منتظم | انتظام ڪندڙ بندوبست ڪندڙ |
| منتقل | جاءِ تبديل ڪيل، بدلايل |
| مِنٿ | سوال، عرض، التجا، گذارش، عاجزي |
| مِنٽ | ڪلاڪ جو سٺيون حصو (1/60) |
| منجنيق | اڳئين زماني جي جنگين ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ مشين، جيڪا وڏا وڏا پٿر اڇلائڻ جي ڪم ايندي هئي ۽ انهن پٿرن لڳڻ سان قلعي جون مضبوط |

| | |
|---|---|
| | ديوارون ٻڌي پونديون هيون |
| منجھ | ۾، اندر، وچ ۾ (ظرف) |
| منجھان | کان، مان (حرف جر) |
| منجھون | منجھان، کان، مان (حرف جر) |
| منجھائڻ | گڏ وچڙ ڪرڻ، منجھائڻ، غلط رستو ڏيکارڻ |
| منجھند | ٻن پھرن جو وقت، ڏينھن جو وچ |
| منجھڻ | منجھي پوڻ، گمراھ ٿي وڃڻ |
| منجير | ميگر، ڪنڊي جي وڻ جو هڪ قسم |
| منچر | هڪ وڏي ڍنڍ جو نالو جيڪا ضلعي دادوءَ ۾ آهي. |
| منحصر | مدار رکندڙ، ٻئي جي آڌار |
| منحوس | نياڳو، بدبخت، ڀڇڙو |
| مندو | خراب، ڀڇڙو، بدخواھ |
| مُند | موسم، رُتِ |
| منداٺو | مندوارو، موسم وارو، موسمي، وقتائتو |
| مندر | پوڄا پاٺ جي جاءِ |
| منڌ | خراب بانس، بدبوءِ، ڌپ |
| مُنڌِ | نوجوان عورت، ناري |
| منڌيڙو | جھرڻ کير ولوڙڻ لاءِ ڪاٺ جو هڪ اوزار، ضرب جو نشان (×) |
| منڊل | سج يا چنڊ جي گولائي، تارن جو ميڙ، محفل، ڪچھري |
| منڊلي | ڪچھري، ويھڪ، ساڌو فقيرن جي ٽولي |
| مُنڍڻ | بند ڪرڻ، سوگھو ڪرڻ |
| منڍو | هڪ تنگ پڳل |
| مُنڊي | زيور جو هڪ قسم، آڱر ۾ پائڻ جو زيور |
| مُنڍ | ڍھڻ شروعات، مٿيون حصو |
| مُنڍي | مٿو، سر، سِسي |

| | |
|---|---|
| مُنڙو | ڳاهه جو هڪ قسم |
| منزل | مسافريءَ جي رستي جا مقرر ٿيل نشان، ترسڻ جي جاءِ، گهر، جاءِ |
| منشا | مرضي، ارادو خواهش |
| منسلڪ | ڳنڍيل، لڙهي ۾ پوئيل يا ڳنڍيل |
| مَن سَلوي | بني اسرائيل قوم جي لاءِ آسمان تان لٿل کاڌو جنهن لاءِ انهن پنهنجي نبي حضرت موسيٰ عليه السلام کي فرمائش ڪئي هئي |
| منسوب | لاڳاپو رکيل، واسطو رکيل، واسطيدار |
| منسوخ | رد، رد ڪيل، ڪٽيل |
| منشي | لکپڙهه ڪندڙ ڪلارڪ |
| منشيگيري | لکپڙهه جو ڪم |
| منصب | رُتبو عهدو درجو |
| مُنصف | انصاف ڪندڙ عادل، جج |
| منصف مزاج | انصاف پسند |
| منصفي | انصاف، نياءُ، فيصلو |
| منصوبو | رِٿ، حڪمت، تجويز سازش |
| منصور | فتحمند، فتحياب، سوڀارو |
| منطق | قاعدي جو بحث، گفتگو ڳالهه ٻولهه، هڪ علم جو نالو |
| منظر | نظارو سير گاهه ڏيک، لقاءُ، ڏيکاءُ |
| منظور | قبول، مڃيل، تسليم ڪيل |
| منظوم | شعر ۾ آندل، علم عروض جي وزن يا بحر ۾ آيل، پوتل، ڳنڍيل، جڙيل |
| منع | روڪ، جهل، آنڪ، انڪار |
| منع نامو | روڪ جي اطلاع |
| مُنقطع | جدا ڪيل |

| | |
|---|---|
| مُنکر | انکار ڪيل، خراب، معيوب، عيبدار |
| مُنڪِرُ | انڪار ڪندڙ انڪاري الله تعاليٰ کي نہ مڃيندڙ دهريو |
| مُنکر نکير | قبر ۾ پڇا ڪندڙ ٻن فرشتن جا نالا (منڪر ۽ نڪير). |
| منگتو | سوالي، فقير، گهرندڙ حاجتمند |
| منگر | سمنڊ جي مڇيءَ جو هڪ قسم |
| مگرمڇ | هڪ وڏو ساموندي جانور، سمنڊ جي وڏي مڇيءَ جو هڪ قسم |
| منگلا ڊيم | راولپنڊيءَ جي پرسان هڪ ڊيم، جتي پاڻيءَ جو ذخيرو ٿئي ٿو. |
| منگهہ | جاءِ جي ڇت جي مٿان هوا لاءِ لنگهہ |
| مُنگ | اَن جو هڪ قسم |
| مڱڻهار | سوال ڪندڙ فقير، گهرندڙ |
| مُنو | ڪتن جو پائو |
| مُنو | ڪنهن بہ شيءِ جي چئن حصن مان ٽي حصا (3/4) |
| مُنور | روشن، چمڪندڙ پڌرو مشهور |
| مُنهُ | ڪکائين جاءِ |
| مُنهہ | مُنهن |
| مُنهہ | آءٌ، مون، مان (ضمير) |
| مُنهان | مون کان (ظرف) |
| مُنهاندو | شڪل، صورت، شبيهہ |
| مُنهَن | ڇڄ، ڪکن ڪانن جي ڇت |
| مُنهن | ٿڪ، چهرو، مهاندو شڪل، صورت، روپ |
| مُنهن اونداهي | رات جي شروعات وارو وقت، سانجهي |
| مُنهن تي | سامهون، روبرو، آمهون سامهون (ظرف) |

| | |
|---|---|
| ڦنھن ڏيڻ | تڪليف جو مقابلو ڪرڻ |
| منھن زور | بي لغام، بي فرمان |
| ڦنھن ڦيرڻ | بي رُخي اختيار ڪرڻ، ناراض ٿي ڏيکارڻ |
| منھنداں مھندار | اڳواڻ |
| ميٺهن وساڙو | ميٺهن کان پوءِ پيدا ٿيندڙ ھڪ جيت، جيڪو رنگ جو ڳاڙھو ٿيندو آھي |
| مُني | مفڪر، ساڌو سنياسي، گھڻو ويچار ڪندڙ |
| مُنير | چمڪندڙ روشن، چِلڪندڙ |
| مڻ | نانگ جو مُھر، مٿيون قيمتي پٿر |
| مَڻُ | چاليھ سير وزن |
| مِڻڪو | ڳچيءَ جو هڏو |
| مٿيا | خاص خوبي، طاقت، هوشياري |
| مٿيادار | طاقت وارو هوشيار لائق، خوبصورت، سھڻو |
| مواد | هر شيءِ جو بنياد يا اصل، مضمون |
| موافق | وٺندڙ پورو پئي وڃڻو مناسب |
| موافقت | هڪجهڙائي، برابري |
| موالي | مستيءَ وارو مست، نشو ڪندڙ |
| موالي | عربيءَ ۾ موالي جي معنيٰ آھي ڌڻي يا مالڪ ۽ واحد اٿس مولي |
| موبي | مُک، سردار، مُربي |
| موت | مري وڃڻ، وفات، فوت، رحلت |
| موتمار | ماريندڙ |
| موتي | مٿيون هيرو سِپ مان نڪتل داڻو |
| موتيو | گل جو هڪ قسم |
| موتيو پاڻي | اکين مان هر وقت پاڻي وهڻ جي بيماري |
| موٽر | مشين تي هلندڙ سواري ڪرڻ جو هڪ قسم |
| موٽرسائيڪل | مشين تي هلندڙ سائيڪل |

| | |
|---|---|
| موٽڻ | واپس اچڻ، موٽي اچڻ |
| موٽ | واپسي، پوئتي ڦيڻ واري حالت، ورڻ |
| موٺ | دال جو قسم، گاهه جو هڪ قسم |
| موج | لهر، ڇولي، جوش، جذبو، مستي |
| موج ڪرڻ | عيش ڪرڻ، مزو ماڻڻ |
| موجون ماڻڻ | خوشيون ماڻڻ، عيش ڪرڻ |
| موجب | پٽاندڙ، مطابق، سبب، ڪارڻ |
| مُوجد | نئين شيءِ ايجاد ڪندڙ ابتدا ڪندڙ ڪنهن ڳالهه يا شيءِ جو بنياد وجهندڙ باني |
| موجود | حاضر، سامهون، روبرو |
| موجودگي | حاضري |
| موجوده | هاڻوڪو، هن وقت جو، هينئر جو حاضر، اڳيان |
| موچ | ڪنهن به سنڌ جي مڙي وڃڻ واري حالت |
| موچارو | سهڻو، خوبصورت، حسين، چڱو، سٺو، عمدو، لائق |
| موچڙو | جُتيءَ جو هڪ پير، جوتو |
| موچي | جُتيون ٺاهيندڙ |
| موچڪو | جتين ٺاهڻ جو ڪم |
| مُوحد | خدا کي هڪ ڪري ڄاڻندڙ |
| مودي | اَن جو واپاري |
| مؤذن | اذان ڏيندڙ، بانگ ڏيندڙ |
| موذي | وچڙندڙ، خطرناڪ، ڪنجوس، ظالم |
| موڙ | پکيءَ جو هڪ قسم، ڪارايل، مؤنث ڍيل |
| مورچل | مور پکيءَ جي کنڀن مان ٺهيل وِچڻو يا پکو |
| مُور | اصل، هرگز، بلڪل، ڪڏهن به (ظرف) |
| مُوڙ | اصل، بنياد، اصل رقم |
| موراڪو | مڇيءَ جو هڪ قسم، جيڪا مٺي پاڻيءَ ۾ ٿئي |
| موراڪي | مڇيءَ جو هڪ قسم جيڪا مٺي پاڻيءَ ۾ ٿئي |

| | |
|---|---|
| مُورت | شڪل، صورت، ماڻهوءَ جو ٺهيل بوتو، پتلي، پتلو بُت |
| مورتي | مورت وارو پٿر جو ٺهيل بُت |
| مورَت | مهورت، ڀلارو وقت، سڀاڳو وقت |
| مورچو | کاهي، خندق، قلعي بندي، جنگ ۾ سپاهين جي لشڪر جي قطار |
| مورخ | تاريخ لکندڙ |
| موراڙو | درياءَ جي ڪپ تي اپريل تائين تازو ملندڙ يا ڦهريل ڇن |
| موڙو | هڪ مشهور بهادر مهاڻي جو نالو جنهن ڪراچيءَ واري سمنڊ ۾ پنهنجي ڀاءُ جي ڏک سان هڪ وڏي مانگرمڇ کي ماريو هو ۽ موڙي ميربحر جي نالي سان مشهور ٿيو جنهن جي قبر ڪراچيءَ جي ڀرسان آهي |
| مُورک | بيوقوف، اڻ سمجهه، نادان |
| مُوري | ڀاڄيءَ جو هڪ قسم |
| موريا | هڪ ذات |
| موريائي | هڪ ذات |
| موڙُ | ڪلنگي، ڇٽ، شاديءَ وقت گهوٽ جي مٿي تي ٻڌل تاج |
| موڙث | وراثت، ور ڏيڻ، ڦيرائڻ |
| موڙهو | اصل، ويتر، ماڳهين، موڙ بلڪل |
| مورو | شعر جو هڪ قسم |
| مورو | هڪ شهر جو نالو |
| موروثي | ورثي ۾ مليل، ابائو خانداني |
| موري | پاڻي نيڪال ڪرڻ جي جاءِ |
| موڙُ | وڙ، وڪڙ، پيچ، پاسو |
| موڙائڻ | وڙ ڏيارڻ، وڪڙ ڏيارڻ |
| مُوڙهو | ڪانن مان ٺهيل ڪُرسي |

| | |
|---|---|
| مُوڙي | اصل رقم، هڙ ڳڻيل |
| موسم | مُند، رُت، وقت، زمانو |
| موسمي | موسم وارو، منداٽيو |
| موسمي | ميوي جو هڪ قسم |
| موسىٰ | هڪ نبي سڳوري جو نالو |
| موسيقي | ڳائڻ جو علم، ڳائڻ |
| موسيقار | ڳائڻو |
| موصول | مليل، لاڳاپيل، جڙيل |
| موضوع | عُنوان، بيان ڪيل، مضمون جو مقصد يا مُراد |
| موقعَ | موقعو وَجُهه، واقعي ٿيڻ واري جاءِ |
| موقعو | وَجُهه، وار داءُ، واقعي واري جاءِ |
| موقعو ڏيڻ | وقت ڏيڻ مُهلت ڏيڻ |
| موقعي تي | مهل تي، وقت تي (ظرف) |
| موڪر | ويڪرائي، ٻَر، ڪشادگي |
| موڪرو | ڪشادو، گهر گهلو، ويڪرو |
| موڪِل | اصيل، وڪيل ڪندڙ |
| موڪلڻ | اُماڻڻ، روانو ڪرڻ |
| موڪل | ڇوٽڪارو، آزادي، اجازت |
| موڪلاڻي | رخصتي، اجازت، روانگي |
| موکي | شراب وڪڻندڙ هڪ عورت جو نالو جيڪا شراب وڪڻندي هئي |
| موگرو | گل جو هڪ قسم |
| موڳو | مُنجهيل، بي عقل، مانڊو |
| موڳائي | سُستي، بيهوشي |
| مُولُ | اصلي، اصل، ٻاڙ علم رياضيءَ موجب سگهه جو اصل عدد |
| مولائي | مولا جو طالب، مالڪ جو طالب |

| | |
|---|---|
| مؤلف | مُرتب، ڪتاب جا مضمون گڏ ڪري ترتيب ڏيندڙ |
| مولود | رسول ڪريم ﷺ جن جي ساراهه ۾ چيل نظم |
| مولودي | مولود پڙهندڙ |
| مولىٰ | مالڪ، الله سائين، خدا، ڌڻي |
| موم بتي | ميڻ بتي |
| مومل | سهڻي، حسين، خوبصورت |
| مومن | مسلمان، سچو مسلمان، دين تي پڪو ايمان آڻيندڙ |
| مون، مان | منجهان، مان، کان، وٽان (حرف جر) |
| مُون | مان، آءٌ، پاڻ (ضمير) |
| مُونَ | ماٺ، خاموشي، ڌيرج |
| مون ڌارڻ | چُپ رهڻ، خاموش رهڻ |
| مُوني | خاموش، چُپ، فقيرن جو خاموشيءَ ۾ گذاريندڙ هڪ فرقو |
| مؤنث | ماده، مادي عورت، مادي جنس لاءِ ڪم ايندڙ لفظ |
| مُونجهه | ساهه گهٽجڻ، ٻوسٽ، بيهوشيءَ واري حالت، بي آرامي |
| مونجهارو | گڙٻڙ، رولو |
| مُونو | ڪاٺ جو ڪِلو |
| مونا هڻڻ | گوڏا هڻڻ |
| موهُ | مُنهن، چهرو، مُک |
| موهڙ | منهن وارو پاسو |
| موهڻ | موهت ڪرڻ، بي سُڌ ڪرڻ، دل کسڻ، عاشق ڪرڻ، ريجهائڻ |
| موهُه | حب، پيار، محبت، بيهوشي، اڻڄاڻائي، خواهش، ٻاجهه |
| موهيت | عاشق، گهڻو پيار ڪندڙ بي خبر |
| موهجڻ، موهجي پوڻ | عاشق ٿيڻ، پسند ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| موڙرو | گل جو هڪ قسم |
| مهه | چنڊ |
| مها | وڏو بلند، اعليٰ، بي انت |
| مها ڀارت | ڀارت ملڪ جي وڏي لڙائي، جيڪا پانڊون ۽ ڪورون جي وچ ۾ لڳي هئي. |
| مهاتما | وڏو پهتل ماڻهو سنت |
| مهاراجا | وڏو راجا |
| مهابي | واسطي، سچائپ سان صدقي، لاڳاپي سان (ظرف) |
| مهاجر | هجرت ڪندڙ هڪ هنڌان لڏي وڃي ٻئي هنڌ رهندڙ |
| مهاڏو | اڳ، مهڙ، مهاڙ |
| مهاڏو اٽڪائڻ | بحث ڪرڻ، منهن ڏيڻ، جهيڙو ڪرڻ |
| مهار | اُٺ جي ناڪيلي |
| مهار | ڏندن جي مٿان وارو گوشت |
| مِهار | مينهون چاريندڙ |
| مهارت | قابليت، هوشياري، ڪاريگري |
| مهاڙ | مهاڳ، مُنهن، مُکُ، چهرو، اڳيون حصو |
| مهاڙ | هڪ جبل جو نالو |
| مهاڙي | ڪنهن به شيءِ جو منهن، مُنڍ، اڳ |
| مهاڳ | ڪنهن ڪتاب جو لکيل منڍ، شروعات، اڳياڙي، مهاڙي، آڳر، اڳڙ |
| مهانڊو | شڪل، شبيهه، صورت، نمونو، چهرو |
| مهانگائي | ڳرواڻهه، ڏڪار، هر شيءِ جي گهٽتائي يا اڻاٺ ٿيڻ |
| مهانگو | گهڻي مُلهه وارو، گهڻي اگهه وارو |
| مهاڻا | هڪ ذات |
| مهاڻو | مڇي ماريندڙ |
| مهتاب | چنڊ جي روشني، چانڊوڪي |
| مهٽڻ | رڳڙڻ، چيڀاٽڻ، مَلڻ |

| | |
|---|---|
| مهٽ | گهڪي مهتو رڳڙو |
| مهٽ سهٽ | سينگار ڪرڻ، ناهه نوهه ڪرڻ |
| مهتو | رڳڙ، گهڪي، دٻاءُ، سختي |
| مهدي | هدايت ڪندڙ، رهنما |
| مهذب | ادب وارو، باادب، فضيلت وارو يا واري، تهذيب يافته، نيڪ خصلت |
| مهر | هڪ ذات |
| مهر | زال کي مڙس طرفان نڪاح وقت مليل يا ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل رقم |
| مِهر | ٻاجهه، رحم، مهرباني، احسان، بخشش |
| مِهران | مِهر سان، ٻاجهه سان (ظرف) |
| مهربان | ٻاجهه وارو، رحم وارو |
| مهرباني | ٻاجهه، مهر، ٿورو، احسان، ڪرم، قُرب |
| مُهر | ٺپو، ڇاپ، ڇاپو، سون جو سِڪو |
| مهراج | ٻانڀڻ، ٻانڀڻ لاءِ عزت ڀريو لقب |
| مهراڻ | سنڌو نديءَ جو قديم نالو، وڏو پاڻي |
| مُهرو | اڳواڻ، سردار، شطرنج راند، هڪ ڳوٽ |
| مِهري | عورت، زال، زائفان، ناري |
| مُهري | دال جو هڪ قسم |
| مهڙ | منڍ، اڳ، ٿهاڳ، شروعات |
| مهڪ | خوشبوءِ، سرهاڻ، شگنڌ |
| مهل | وقت |
| مهلائتا | پوري مهل تي، وقتائتا، پوري وقت تي |
| مهلت | وقت، موقعو، موڪل، ساهي |
| مهم | ڏکيو ڪم، جوکائتو ڪم، ضروري ڪم |
| مهمان | دعوتي، وڏي مان وارو، پرديسي |
| مهمان خانو | مسافرن جي رهڻ جي جاءِ |

| | |
|---|---|
| مھمان نوازي | مھمانن جي خاطر تواضع، مھمانن جي خدمت |
| مھماني | خاطرداري، دعوت |
| مھمير | بھادر، دلير، سورھيه |
| مھندار | اڳواڻ، پيشوا، سردار |
| مُھڻ | پيار ۾ مست ڪرڻ، پاڻ ڏانھن ڇڪڻ |
| مھٽو | طعنو، ڏوراپو، ميار |
| مُھٽو | وڻندڙ دل لڀائيندڙ دل کي وڻندڙ |
| مھورت | ابتدا، ڪنھن به نئين ڪم جي شروعات، رسم |
| مھورت ڪيائڻ | ڪنھن سٺي ڪم لاءِ نيڪ ساعت ڪيائڻ |
| مھيا | تيار، موجود، حاضر |
| مھيري | ھڪ ذات |
| مھيسر | ھڪ ذات |
| مھيشوري | ھندن جي ھڪ ذات |
| مھين | نرم، سنھو نازڪ، ملائم، نفيس |
| مھينو | ماھ، سال جو ٻارھون حصو سال ۾ ٻارھن مھينا ٿيندا آھن. |
| مَئل | مري ويل، مُردو بيجان |
| مُئو | مري ويل، فوت ٿيل |
| مھيسي | فقيرن جو ھڪ قسم، جوڳين جي ھڪ ذات |
| مئخانو | شراب رکڻ جي جاءِ، شراب وڪڻڻ جي جاءِ |
| مئي | شراب، مستي، خمار، ھٺ، تڪبر |
| مئي | عيسوي سال جي پنجين مھيني جو نالو |
| مئيج | موڪليج |
| ميا | مھرباني، رحم |
| ميا | ھمت وارا، متارا |
| ميار | ڏوراپو طعنو خطا، ڏوھ |
| مِيان | جناب، سائين، سردار، عزت وارو لقب |

| | |
|---|---|
| مِياڻ | تلوار رکڻ جو کوپ، مِياڻ، کِپُ |
| مياٽيون | ميڇي مارڻ ۽ ڳڌ ڪرڻ جون جايون |
| ميت | جنازو، لاش، مُڙدو، مُڙهه |
| ميتلا | هڪ ذات |
| ميٿي | هڪ خوشبودار ٻوٽي جو نالو |
| ميٽ | پيلي رنگ جي جابلو مِٽي |
| ميٽا | ميٽ مليل، جن جي منهن ۾ ميٽ يا مٽي مليل هجي |
| ميٽائون | ميٽ جي رنگ جهڙو |
| ميٽائڻ | ڍڪرائڻ، ڦٽارائڻ |
| ميٽنگ | مجلس، ڪميٽي، جماعت |
| ميٽڻ | صاف ڪرڻ، ميسارڻ، ميٽ هڻڻ، ڦٽ چٽائڻ، مٿان پوچو ڏيڻ |
| ميٺِ | مٺيون ڳالهيون |
| ميٺُ | مِٺاڻ، مِٺاس، لذت، سواد |
| ميٺاج | مٺاس، مٺاڻ |
| ميٺي | ساڳي |
| ميثاق | روحن جو الله تعاليٰ سان ڪيل وعدو، انجام، اقرار |
| ميڄالو | مغز، کوپڙي اندر پيل گودو، ميڄو |
| ميچ | برابري، مقابلو |
| ميچڻ | زور آزمائي ڪرڻ، مقابلو ڪرڻ، ڳنڍڻ |
| ميچون | اشارا، اهڃاڻ، علامتون |
| ميخ | لوهه جي ڪِلي، ڪوڪو |
| ميڏ | هڪ ذات |
| ميدان | ڪُشادي زمين، پوٺو، وسيع زمين |
| ميدان ڇڏڻ | پٺي ڏيڻ، هارائڻ |
| ميدان ۾ اچڻ | وڙهڻ لاءِ اچڻ، مقابلو ڪرڻ |
| مير | ڦر، مِٽي، گندگي |

| | |
|---|---|
| ميرانجهڙو | تورو ميرو، ميري رنگ تي، مٽيءَ جهڙي رنگ تي، مٽيءَ جهڙو رنگ |
| ميرُ | ٽالپر خاندان جو لقب، ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏنل خطاب، رئيس، سردار، امير، بادشاهه، ڪٽڻ وارو، عملدار، سيد |
| ميراڻو | مير جو، مير جهڙو |
| ميربحر | ٻيڙي وارو، سمنڊ جو بادشاهه، ملاح، جهازي، جهازي سپهه سالار، بندرگاهه جو انتظام هلائيندڙ |
| ميربحر | هڪ ذات |
| مير مارڻ | ڪنهن وڏي سردار کي هٽ ڪرڻ، ڪا وڏي ڏرهٽ ڪرڻ |
| مير مجلس | ڪچهريءَ جو مُکُ، مجلس جو مکيه ماڻهو، مجلس جي صدارت ڪندڙ |
| مير منشي | وڏو مُنشي |
| ميري | حڪومت، اميري، سرداري، بادشاهي |
| ميراث | مُئل ماڻهوءَ جي ڇڏيل ملڪيت، جائيداد |
| ميراثي | ڳائيندڙ ڳائڻو مڱڻهار |
| ميراسي | مڱڻهار لنگهو |
| ميران | پير، مرشد، بزرگ، غوث الاعظم ۽ خواجه معين الدين جو لقب |
| ميرائي | گدلائي، ميراڻ |
| ميرجت | هڪ ذات |
| ميرو | مٽيءَ وارو، گدلو |
| ميري | بڇڙي، عيبدار |
| ميڙَ | ڪنهن کان معافي وٺڻ لاءِ کيس وجهڻ، ميڙ ڪٺي وجهڻ |
| ميڙُ | ماڻهن جو انبوهه، گڏ ٿيل ماڻهو، هجوم، ميڙاڪو، خلق، ميلاپ، وصال |
| ميڙو | ميلو گوڙ |

| | |
|---|---|
| ميمبر | رڪن، شريڪ، حصيدار |
| ميمڻ | هڪ ذات |
| ميندي | ٻوٽي جو هڪ قسم |
| مينا | پکيءَ جو هڪ قسم |
| ميناڪاري | چٽسالي، جوڪم، چٽسالي |
| مينڍرا | هڪ ذات |
| مينڍرو | مينڍرا ذات جو ماڻهو، راڻي جي ذات، راٺو |
| مينڍيا | وار، زلف |
| مينڍيو | وارن جي چڳ |
| مينگهه ملهار | ساوڻ جي موسم، جُهڙ |
| مينهن وسندي | اوڪيءَ ويل، ڏکئي وقت |
| ميڻ | ماکيءَ جي مکين جو گڏ ڪيل سٽيپ |
| ميڻ بتي | ميڻ مان ٺهيل بتي، موم بتي |
| مينگهواڙ | هندن جي هڪ ذات |
| مين مين | ٻڪريءَ جو آواز |
| ۾ | اندر، منجهه |
| مينهن | چوپائي مال جو هڪ قسم |
| مِينهن | وسڪارو برسات |
| ميھڻو | طعنو، عيب، عار |
| مينهوڳي | مِينهن جي، مِينهن واري |
| ميو | متارو، تلھو |
| مِيون | سردار، سائين، رئيس، بادشاهه |
| مِيون | ميان، مولا، ڌڻي، مُرشد |
| ميوو | ڦلُ، ثمر، ڦر |
| ميويدار | ميوي وارو ڦل وارو |
| ميهار | مينهون چاريندڙ |
| ميھو | سائي ياجيءَ جو هڪ قسم |

## (ڻ)

| | |
|---|---|
| ڻ | سنڌي الف – ب جو ستيتاليهون نمبر اکر |
| نہ | ڪونہ، مَ، متان، انڪاري لفظ (ظرف) |
| نہ تہ | جيڪر، اگر، ٻي حالت ۾، ٻي طرح (ظرف) |
| نہ داد نہ فرياد | انصاف نہ ٿيڻ، ظلم |
| نااتفاقي | پاڻ ۾ نہ ٺهڻ، بدسلوڪي، ڦيٽاڙو |
| نااُميد | مايوس، ناڪام، بي آس |
| نااُميدي | مايوسي، ناڪامي |
| ناانصافي | انصاف جو نہ هئڻ، ظلم |
| نااهل | نالائق، بدتميز، اهليت نہ رکندڙ |
| نابالغ | اڻ پوري عمر وارو ماڻهو صغير، ننڍو، اڻ سامايل، ناسمجهہ |
| ناٻر | انڪاري، حڪم نہ مڃيندڙ نافرمان، بي ڇيو |
| نابري | ناڪار، انڪار، مخالفت، جواب، چيو نہ مڃڻ |
| نابود | ويران، برباد، تباهہ، نيست، فنا |
| نابودي | بربادي، تباهي، نيستي، نيان نماڻائي |
| نابين | اکين کان ڏسي نہ سگهندڙ اکين کان معذور |
| ناٺ | ننهن، ڪان، تير، نيزو |
| ناٺ | ڏن، مشڪ |
| ناتِ | نہ تہ ٻي حالت ۾ (ظرف) |
| ناتجربيڪار | اڻواقف، تجربو نہ رکندڙ بنا تجربي، اڻ ڄاڻ |
| ناتر | ٻانهي، مومل جي ٻانهي جو نالو |
| ناتوان | ڪمزور، هيڻو بي طاقتو |
| ناتو | دوستي، واسطو رشتو ڳانڍاپو تعلق |
| ناتواني | بي طاقتي، ڪمزوري، ضعيفي |

| | |
|---|---|
| ناپاڪ | پليت، خراب، ڪنن گندو پاڪائي نہ رکندڙ ميرو |
| ناپاڪائي | پليتي، گندگي، ميرائي |
| ناجائز | نامناسب، بيجا، اجايو شرع جي خلاف |
| ناجوڙ | جنهن جو مٺ نہ هجي |
| ناچار | لاچار لاعلاج، مُحتاج |
| ناچاق | مريض، بيمار، اگهو |
| ناچاقي | بيماري، اگهائي، اٻٽت |
| ناچيز | نيچ، معمولي، حقير، گهٽ |
| ناحق | بي گناهہ، بي ڏوهي، ناجائز |
| ناخوش | ناراض، رنج، بيزار بي مزي |
| نادار | غريب، ضرورتمند، محتاج |
| ناداري | غربت، غريبي، مفلس، سُڃائي |
| ناداني | بيوقوفي، بي عقلي، اڻڄاڻائي |
| نادر | حيران ڪندڙ عجيب، انوکو |
| ناراض | ڪاوڙيل، ڏمريل، ناخوش |
| ناراضپو | ڪاوڙ غصو |
| نارنگي | ميوي جو هڪ قسم، جمع نارنگيون |
| ناروا | نامناسب، ناجائز اجايو |
| ناس | نڪ جو سوراخ |
| ناسازي | اٻٽت، بدسلوڪي، دشمني |
| ناستڪ | ڪافر |
| ناسمجهہ | بي سمجهہ، نادان، بيوقوف |
| ناسمجهي | ناداني، بيوقوفي |
| ناشاد | ناخوش، رنجيده، غمگين |
| ناشائستو | نامناسب، ناروا، ناجائز اجايو نالائق، بي ڍنگو بي ادب، بيڪارو |
| نافرمان | اڻ ڇيو بي فرمان، حڪم نہ مڃيندڙ بي ادب |

| | |
|---|---|
| نافهم | نادان، اڻ سمجهہ، بي عقل |
| ناڪارڻ | انڪار ڪرڻ، نابري وارڻ، نہ مڃڻ |
| ناڪارُ | انڪار، جواب، نہ ڪرڻ |
| ناڪارُ | بيڪار، نِڪمو |
| ناڪارو | بيڪار، نِڪمو |
| ناڪارا | بيڪار، اجايو |
| ناڪاري | انڪاري، نہ ڪندڙ، انڪار ڪندڙ (صفت) |
| ناڪام | بيڪار، شڪست کاڌل، محروم |
| ناڪامي | شڪست، محرومي، بيڪاري، مايوسي |
| ناڪو | اُها جاءِ جتان محصول يا ٽيڪس اُڳاڙجي |
| ناکُئو | ملاح، ناخدا |
| ناگزير | ضرور، مجبور، لازم |
| نانگو | فقيرن جو هڪ قسم، اگهاڙو |
| ناگوار | طبيعت جي خلاف، مزاج جي خلاف، خراب |
| ناگهان | اوچتو، اچانڪ، هڪدم، يڪدم |
| نالائق | بي هنر، غير مهذب، نڪمو بي وڙو |
| نالائقي | بي واجبي، نالائق هجڻ، ناشائستگي |
| نامحرم | اڻ واقف، اوپرو، غيرُ، ڌاريو |
| نامراد | بي مراد، بدنصيب، محروم، بدبخت |
| نامرادي | محرومي |
| نامعلوم | اڻ ڄاڻ، اڻ واقف، گمنام |
| ناممڪن | نامناسب، نہ ٿيڻ جهڙو |
| نامنظور | پسند نہ ڪيل، انڪار ڪيل |
| ناموافق | بي جوڙ، خلاف |
| نانهين | انڪار، نہ |
| ناواقف | اڻ سڃاتل، اڻواقف، اڻ سونهون |
| ناهہ | نہ هئڻ |

| | |
|---|---|
| ناهي | ڪرنهي، منع ڪندڙ نہ ڪرڻ |
| ناياب | اڻلڀ، انوکو جنهن جي کوٽ هجي. |
| نايابي | اڻاٺ، کُٽي، ڏکر، اڻ لڀ |
| نائڙ | نوڪرياڻي، ٻانهي، هڪ عورت جو نالو جيڪا مومل جي ٻانهي هئي. |
| ناتو | تعلق، رشتو ڳانڍاپو ميل، سڱ، ساٿ، ماڻتي، دوستي، پريت |
| ناتو رکڻ | تعلق رکڻ، ماڻتي رکڻ، ميل رکڻ، دوستي رکڻ |
| ناٿ | مرشد، مالڪ، آقا، معلم، سردار، مڙس، جوڳين جو لقب |
| ناٽار | گوٺناٽ ڪرڻ، گسائڻ |
| ناٽڪ | تماشو راڳ رنگ، کيل |
| ناٽڪ گهر | کيل تماشي ٿيڻ واري جاءِ |
| ناٽڪي | ناٽڪ ڪندڙ عجيب شخص، چرچائي، ٻوڳائي |
| نائي | ڏيءُ جو گهروارو ڏيءُ جو مڙس، ڄاٽو |
| ناچ | جُهمر، کيل، تماشو |
| ناچڻي | نچندڙ عورت، ناچ ڪندڙ |
| ناخدا | ٻيڙي هلائيندڙ ملاح، ڏٽي، استاد |
| ناد | آواز صدا، دانهن، گوڪ، وڄائڻ جو هڪ ساز. پاڻيءَ لاءِ نڪر جو وڏو ٽانءُ. |
| نادره | عجيب وغريب |
| نادري حڪم | سخت حڪم |
| نادم | لڄي، شرمسار شرمندو |
| نار | باھ، آڙاه |
| نار | عورت، ناري، زمين اندر پاڻيءَ جو وهڪرو پاڻي ڪڍ ڪرڻ لاءِ اونهي کڏ، ڪپڙي اڻڻ لاءِ ڪان جو هڪ اوزار |

| | |
|---|---|
| ناش | تباهہ، برباد، نيست، نابود، ختم |
| ناس ٿيڻ | تباهہ ٿيڻ، برباد ٿيڻ، ختم ٿيڻ |
| ناسِيت | گمراهي |
| ناستڪ | خدا کي نہ مڃيندڙ ايمان نہ آڻيندڙ |
| ناستڪي | خدا جو منڪر |
| ناسپاتي | ميوي جو هڪ قسم |
| ناس پتو | حياءُ، شرم، لڄ، عزت |
| ناس پتو نہ هجڻ | حياءُ نہ هجڻ، عزت نہ هجڻ |
| ناسُور | گهرو زخم، نہ ڇُٽندڙ ڦَٽُ يا زخم |
| ناسوري | سخت زخمي، زخم، بدمعاش |
| ناشتو | صبح جي ماني، نيرن، هلڪو کاڌو |
| ناصح | هدايت ڪندڙ نصيحت ڪندڙ |
| ناصِر | مدد ڪندڙ مددگار |
| ناطق | عقل وارو، چٽو صاف |
| ناظر | ڏسندڙ نظرداري ڪندڙ سنڀاليندڙ جمع ناظرين |
| ناظم | انتظام هلائيندڙ منتظم |
| ناغو | موڪل، غير حاضري |
| ناغو وجهڻ | ڇڏي ڏيڻ، ترڪ ڪرڻ، موڪل ڪرڻ |
| نافِذ | جاري ٿيل، عمل ڪيل |
| نافِعُ | نفعو پهچائيندڙ فائدو ڏيندڙ |
| ناقِص | نقص وارو اڻ پورو ڪسو عيبدار |
| ناقصي | گهٽتائي، ڪمي، ڪوٽ، اوڻائي |
| ناقہ | اُٺ جي مادي، ڏاچي |
| ناڪسي | لاچاري، مجبوري، نالائقي |
| ناڪو | گذرگاهہ، داخل ٿيڻ جو رستو، محصول يا ٽيڪس اُگاڙڻ وارو هنڌ يا جاءِ |
| ناڪابندي | رستي روڪ، رستي جو بند ٿيڻ |

| | |
|---|---|
| ناڪيدار | ناڪي وارو محصول وٺندڙ ناڪي ٺنشي |
| ناکنگون | ٻيڙي هلائيندڙ ملاح، ڪپتان، ناکئو |
| ناڪرتو | نڪ جو اندريون حصو |
| ناگاهه | اچانڪ، اوچتو اتفاقًا |
| ناگهه | اوچتو اچانڪ |
| نال | نَلي، بندوق جو اهو حصو جتان گولي نڪري ٿي. |
| نالان | روئندڙ فرياد ڪندڙ |
| نالو | نانءُ، نيڪي، تعريف، ساراهه، ناماچار، عزت |
| نالو بد ڪرڻ | نالو خراب ڪرڻ، بدنام ٿيڻ |
| نالو ٿيڻ، نالو ڪيڻ | عزت ٿيڻ، ناماچاري ٿيڻ مشهور ٿيڻ ناليوارو ٿيڻ |
| نالي چڙهيو | نالي وارو ناميارو |
| ناليرو | وڏي نالي وارو مشهور |
| نالي ماتر | تمام ٿورو گهٽ |
| نالي | پاڻيءَ جي گسي، موري |
| ناماچار | مشهوري، عزت، نالو |
| نامي گرامي | مشهور، معروف، سڃاتل |
| نامہ نگار | اخبارن کي خبرون ڏيندڙ يا لکندڙ اخباري نمائندو |
| ناموس | عزت، شهرت، نيڪنامي، ساراهه |
| نانُ | مانيءَ جو هڪ قسم، اٽي ۾ خميرو ملائي تنور تي پچايل ماني |
| نانوائي | نان پچائيندڙ |
| نان | طرحين طرحين، قسمين قسمين |
| نان خطائي | مٺي بسڪوٽن جو هڪ قسم، آهو مٺو بسڪوٽ جنهن تي ليڪون نڪتل هجن. |
| نانڪ | سِک فرقي جي پيشوا جو نالو |
| نانگ | ريڙهيون پائيندڙ زهريلو ۽ خطرناڪ جانور، جيڪو ريڙهيون پائيندڙ جانورن جي گروهه ۾ اچي ٿو. نانگن |

جا ڪيترائي قسم آهن. مليشيا ملڪ ۾ اڏامندڙ نانگ ب ٿين ٿا. مؤنث نانگڻ

**نانگا** جوڳي فقيرن جو هڪ قسم

**نانگو** اُگهاڙو بنا ڪپڙي جي بي پرده، شيحو غريب، جوڳي

**نانو** ماءُ جو پيءُ

**ناناڻا** ماءُ جا مائٽ

**ناناڻو** ماءُ جي مائٽن جو

**ناني** ماءُ جي ماءُ

**نانءُ** نالو ناموس، لقب، خطاب، اسم

**نائو** ملڪيت، ڌن دولت

**ناول** ڪهاڻي، قصو آکاڻي

**ناهري** هندي سال جي نائين مهيني جو نالو

**ناهيا** هڪ ذات

**ناهيد** هڪ ستاري جو نالو زهره ستارو

**ناءُ** نالو اسم، پيڙي

**نائب** مددگار، همراهه، سفير، عيوضي، قائم مقام

**نائڪ** اڳواڻ، سردار، فڪيه

**نائڪ** وڏو پٽيوالو

**نائون** نائين نمبر تي. الن ڪان پوءِ ايندڙ عدد

**نائوڻ** ٽڙ دفعا وڌيڪ. نون کي نون سان ضرب ڪرڻ کان پوءِ ٿيندڙ حاصل ضرب اُپت. جيئن: $9 \times 9 = 81$ 81 جو عدد ضرب اپت آهي ۽ اهو عدد نون جي نائوڻ آهي.

**نِب** قلم جو سِرو يا ڦند جنهن سان لکيو وڃي ٿو.

**نبات** ڪنڊ مان ٺهيل مٺائيءَ جو هڪ قسم

**نباتات** وڻ ٻوٽا، وڻ ٽڻ

| | |
|---|---|
| نباتاتي علم | وڻن ٻوٽن جو علم |
| نباض | نبض شناس، ڄاڻو سمجهه وارو حڪيم، طبيب، نبض ڏسندڙ مرض جو ڄاڻو مرض سڃاڻيندڙ |
| نباهڻ | گذارو ڪرڻ، ساٿ ڏيڻ |
| نباهه | گذارو، ساٿ، پاڻ ۾ ٺهي هلڻ |
| نبرڻ | فيصلو ٿي وڃڻ، ختم ٿيڻ، پورو ٿيڻ، اُڪلڻ |
| نبريل | رڳ، نس، تند |
| نبض ڏسڻ | ڇڪاسڻ، تپاسڻ، جاچڻ |
| نبوي | پيغمبري، نبي ٿيڻ |
| نبهڻ | گهارڻ، گذارڻ، پورو ٿي اچڻ |
| نبي | خبر پهچائيندڙ پيغمبر، الله جو دين آڻيندڙ رهبر |
| نبي مرسل | اهو پيغمبر جنهن تي الله تعاليٰ طرفان ڪتاب نازل ٿيو هجي. |
| نبيرڻ | فيصلو ڪرڻ، اُڪلائڻ |
| نبيرائڻ | فيصلو ڪرائڻ، اُڪلائڻ |
| نبيرو | فيصلو، اُڪلاءُ |
| نٻر | بي طاقت، ڪمزور، نٻل، نستو |
| نٻل | ڪمزور، بي طاقت، هيڻو |
| نڀاڳ | بدبختي، بدنصيبي، ندوراڻي، ڇنڊائي |
| نڀاڳائي | بدبختي، ندوراڻي، بدقسمتي |
| نڀاڳو | بدنصيب، بدبخت، جنهن کي بخت نه هجي. |
| نڀائڻ | گذارو ڪرڻ، گذارڻ |
| نِتُ | سدائين، هميشه، سدا (ظرف) |
| نِتُ نِتُ | روز روز، هر روز، روزانو وري وري |
| نِتُ نئون | بلڪل تازو نوتنو |
| نٿ | زيور جو هڪ قسم جيڪو عورتون نڪ ۾ پائين ٿيون. |

| | |
|---|---|
| ٽَٽ ڪَٽ | نازن وارو نخريلو ناز نخري وارو |
| ٽَنائڻ | لنوائڻ، ڪن ٽار ڪرڻ |
| ٽَناءُ | ٻهانو گوهي، ناڪار |
| ٽنائو | ٽنائيندڙ ٻهاني باز لنوائيندڙ |
| ٽِتهڻ | تکي اُس، تتل ڏينهن، گرم ڏينهن، سخت گرمي، واري اُس |
| نِٺر | سخت، هوڏي، ڪٺور، بي رحم، بي ڇيو |
| نٺرپائي | بي رحمي، سختي |
| نِثار | مضمون لکندڙ ناثر، نثر لکندڙ قربان، صدقو صدقي |
| نثر | مضمون، علم ادب جو اهو حصو جيڪو صرف ونحو جي علم موجب هجي |
| نِپاج | پرورش، پالنا، خدمت چاڪري، سنڀال |
| نپائڻ | پرورش ڪرڻ، سنڀال ڪرڻ، پالنا ڪرڻ |
| نپائڻهار | پالڻهار پاليندڙ پرورش ڪندڙ پالنا ڪندڙ سنڀاليندڙ سنڀال ڪندڙ |
| نِپايل | پالي وڏو ڪيل، پاليل، سانڍيل |
| نِپٽ | بلڪل، بنهه، آصل، هرگز (ظرف) |
| نيپٽ | بي شرم، بي حياءُ، نپاڳو |
| نيپٽو | بي اولاد، بدبخت، نالائق |
| نپجڻ | پلجڻ، وڏو ٿيڻ |
| نپڻ | نپجڻ، جمڻ، پيدا ٿيڻ |
| نپنو | پليو، وڏو ٿيو |
| نپوٽ | بي ڇيو نافرمان |
| نپوڙڻ | زور ڏيڻ، پيڙڻ، ڇيپاڻ |
| نِڄ | خالص، صاف، سچو اصلي، بنا ملاوت جي |
| نجات | ڇوٽڪارو، آزادي |

| | |
|---|---|
| نِجاست | ناپاڪائي، گندگي |
| نجد | سعودي عرب جي هڪ مشهور شهر جو نالو |
| نجس | ناپاڪ، غليظ، گندو |
| نجف | عراق جي هڪ مشهور شهر جو نالو جتي حضرت علي عليه السلام جي مزار آهي. |
| نجم | تارو، ستارو |
| نِجو | خالص، صاف، بهترين، بنا ملاوٽ جي |
| نُجوم | تارن جو علم، علم هيئت، علم نُجوم |
| نُجومي | ستارن جي علم جو ڄاڻو، جوتشي |
| نڄاڻان | شايد، جيڪر، جيڪس، مڃان، مون سمجهيو |
| نِجهرڻ | غمن ۾ ڳلتين ۾ ڳرڻ، جهوري ۾ جُهرڻ، ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيڻ |
| نِجهرو | جهوپڙي، غريباڻو گهر، ڇنو |
| نچ | نچڻ، ناچ |
| نچائڻ | ناچ ڪرائڻ |
| نچڪڙو | وارن لاءِ هڪ لوهي اوزار |
| نچڻ | ناچ ڪرڻ، رقص ڪرڻ، جهومڻ، جهمر هڻڻ |
| نچڻي | نچندڙ عورت |
| نچوڙڻ | نپوڙڻ، ڇيڀائڻ، زور ڏئي تت ڪيڻ |
| نِچوڙ | تتُ، مغز، جوهر |
| نڇ | ڇِڪ |
| نِڇتر | آسماني تارن جو ميڙ، نِڪَٽُ |
| نَحس | بڇڙو، خراب، بي ڇيو |
| نَحو | علم گرامر، جملن جي بناوت، جُملن جي بيهڪ |
| ندا | آواز، سڏُ |
| ندامت | پشيماني، شرمندگي |
| ندورو | نڀاڳو، پريشان، بدقسمت، اڀاڳو |

| | |
|---|---|
| ندي | درياءَ |
| نِڌر | بيوس، عاجز بي پهچ، مسڪين |
| نڌرائي | لاچاري، نياڳ، مسڪيني |
| نڌڻڪو | بي وارثو لاوارث |
| نڌڻڪائي | لاچاري بي وارثي، لاوارثي، مجبوري |
| نِڊر | بهادر دلير، سورهيه، نہ ڊڄندڙ |
| نذر | ڀيٽا، نذرانو بخشش، خيرات |
| نذرانو | ڀيٽا، تحفو سوکڙي |
| نر | مذڪر، مرد |
| نر ماد | نرُ ۽ مادي، مذڪر ۽ مؤنث |
| نِر | نہ بنا، کان سواءِ، بغير (حرف جر) |
| نِراس | نااُميد، مايوس، دلگير، پريشان |
| نِراسا | نااُميدي محرومي، مايوسي |
| نراسائي | پريشاني، غمگيني، مايوسي |
| نرباڻ | آزادي، ڇوٽڪارو |
| نِربل | ڪمزور، هيڻو |
| نروار | ظاهر، عيان، پڌرو |
| نروار ڪرڻ | ظاهر ڪرڻ، پڌرو ڪرڻ |
| نراڙ | پيشاني، نرڙ |
| نرالو | جُدا، اڪيلو عجيب، مختلف |
| نرالي حالت | نرالي ڳالهہ عجيب ڳالهہ |
| نِرت | نظر، سمجهہ، ويچار |
| نرتون | نظر سان، ڌيان سان، سمجهہ سان، نرت سان |
| نِرتئون | نظر جي ڪري، نظر کان |
| نرس | دائي، اسپتال ۾ مريضن جي سار سنڀال لهندڙ |
| نرم | ڪونئرو ملائم، نازڪ، رحمدل |
| نرمائش | نرمائي، نهٺائي، جهيڻائي |

| | |
|---|---|
| نرم دِل | رحمدل، نرم دل واري نهٺائيءَ وارو |
| نرم ڪرڻ | ڪُرنئرو ڪرڻ |
| نرمي | رحمدلي، مهرباني، جهيڻائي، آساني |
| نرمل | وڻندڙ چمڪندڙ صاف گو پاڪ |
| نرو | جسم جي هڪ عضوي جو نالو |
| نروش نرويو | فائديمند، مُفيد، صحتمند، صحت بخش طاقتوارو |
| نرينو | نر اولاد |
| نڙُ | ڪانو کُفي چِڪڻ لاءِ ڪاٺ جي نلي، پوپلي، ساز جو هڪ قسم |
| نڙگهٽ | نڙيءَ واري اندرئين نلي |
| نڙي | ڪاڏي وغيره کي پيٽ ڏانهن پهچائڻ واري نلي |
| نزول | هيٺ لهڻ، الهام جي لهڻ واري حالت |
| نَس | رَڳ، نبض |
| نَس جهلڻ | صحيح ڪرڻ، قابو ڪرڻ |
| نِساءَ | عورت، بيبي |
| نسب | خانداني سلسلو شجرو |
| نسب نامو | بڻ بنياد، خاندان جو شجرو |
| نسبي | اصلي، عزت وارو، خانداني |
| نِستو | ڪمزور، هيڻو بي طاقتو |
| نُسخو | ڊاڪٽر يا حڪيم جي لکيل دوا، ٽوٽڪو لکيل ڪتاب، ترڪيب |
| نسرڻ | ٻاهر نڪرڻ، منهن ڪڍڻ، ظاهر ٿيڻ |
| نسري بيهڻ | ظاهر ٿي بيهڻ، نڪري بيهڻ |
| نِسريل | نڪتل، ظاهر ٿيل، سنگ ڪڍيل |
| نَسلُ | بڻ بنياد، بنياد، گهراڻو خاندان، آل اولاد |
| نسلائتو | چڱي نسل وارو |
| نسوار | نشيدار شيءِ جو هڪ قسم جيڪا تماڪ کي |

| | |
|---|---|
| | سنهو ڪري، چونو ملائي ٺاهي ويندي آهي. |
| نِسورو | سورو، نج، خالص، سراسر |
| نسورو ڪوڙ | سچو ڪوڙ |
| نسيم | صبح جي ٿڌي هوا، ٿڌي هِير |
| نشاستو | خميرو ڳلف، پاڻي ۾ پسيل، ڪڻڪ جو مغز |
| نشاط | خوشي، فرحت، آرام |
| نِشان | اهڃاڻ، علامت، ڏس، داغ، چٽو |
| نشان پتو | خبر چار پار پتو |
| نِشانو | مقرر ٿيل اشارو نشاني، هدف |
| نِشاني | ڪا يادگار شيءِ، اهڃاڻ، علامت |
| نشر | ظاهر، نروار، ڦهلاءُ، ڦهلائڻ |
| نشست | ويهڻ، ويهڻ جي جاءِ |
| نشو | خُمار، ڪيف، غرور، تڪبر، بيهوشي |
| نشوونما | پيدا ٿيڻ، وڌڻ، سهڻو ڏيک، سهڻو نظارو، وڻندڙ نظارو |
| نشيمن | آرام گاهه |
| نِصابُ | پڙهائيءَ جو ڪورس، معيار |
| نصب | برقراري |
| نصب العين | منظور خاطر، مدنظر |
| نصراني | عيسائي مذهب جا پوئلڳ |
| نُصرت | فتح، سوڀ، جيت، مدد |
| نصرپور | شهر جو نالو |
| نصف | اڌ |
| نصف قطر | نيم قطر، گول کي ٻن برابر حصن ۾ ورهائيندڙ ليڪ جو اڌ |
| نصيبُ | قسمت، ڀاڳ، لِکيو، تقدير |
| نصيب جاڳڻ | بخت کُلڻ، ڀاڳ کُلڻ |
| نصيب ڦٽڻ | برباد ٿيڻ |

| | |
|---|---|
| نصيحت | هدايت، مشورو صلاح، سبق |
| نصيحت آموز | نصيحت وارو، نصيحت ڏيندڙ |
| نظارو | ڏيک، منظر، رونق، سونهن |
| نظام | جوڙجڪ، بندوبست، ترتيب، ناهر نوهه |
| نظام شمس | سج جو نظام، جنهن کي انگريزيءَ ۾ سولر سسٽم چئجي ٿو. |
| نظامِ شمسي | سورج منڊل، سج، چنڊ ۽ تارن جو ميڙ |
| نظاماڻي | هڪ ذات |
| نظر | جوتِ، نگاهه ڏسڻ جي سگهه ديد، اکين جي روشني |
| نظر اچڻ | ڏسڻ ۾ اچڻ، معلوم ٿيڻ |
| نظر انداز ڪرڻ | نظر تان لاهي ڇڏڻ، ناپسند ڪرڻ |
| نظر بچائڻ | لِڪڻ، پاسو ڪرڻ، غائب ٿي وڃڻ |
| نظربند | نظر هيٺ، پهري هيٺ |
| نظربند رکڻ | نظر هيٺ رکڻ، پهري ۾ رکڻ |
| نظربند ڪرڻ | قيد ڪرڻ، نگرانيءَ ۾ رکڻ |
| نظربندي | نگهباني، بندش |
| نظر ثاني | ٻيهر جاچ، ٻيهر ڏسڻ |
| نظر پوڻ | ڏسڻ ۾ اچڻ، ڏسي وٺڻ |
| نظرداري | سار سنڀال، نظر رکڻ |
| نظر رکڻ | سنڀال رکڻ، خبر لهڻ |
| نظر ڪرڻ | ڏسڻ، خيال ۾ رکڻ |
| نظر مان ڪيرڻ | ڏسي ڇڏڻ، جاچڻ |
| نظر نه اچڻ | ڏسڻ ۾ نه اچڻ، ڏيکائي نه ڏيڻ |
| نظرڻ | لڪي ويهڻ، گهورڻ |
| نظم | بيت، موزون ڪلام، انتظام |
| نظم ونسق | انتظام، بندوبست |
| نظير | مثل، مثال، نمونو، ثاني، حٽ |

| | |
|---|---|
| نعت | ساراهه، تعريف، اُهو نظم جنهن ۾ حضور اڪرم ﷺجن جي تعريف ٿيل هجي. |
| نعرو | زوردار آواز شور، وڏو واڪو |
| نعرو هڻڻ | وڏو واڪو ڪرڻ، وڏو آواز ڪيڻ |
| نعل | جتي، گھوڙي جي سنبن يا پيرن ۾ لڳل لوهه جو گول چڪرو |
| نعمت | بخشش، عطا، رحمت، مهرباني، احسان، ٽورو |
| نعوذ بالله | اسين خدا کان پناهه گھرون ٿا. |
| نغارو | وڏي دهل جو هڪ قسم |
| نغمو | راڳ، گيت، ترانو |
| نفاست | پاڪائي، پاڪيزگي |
| نِفاق | اڻبڻت، نااتفاقي، ڪينو دغا، دشمني |
| نفاق وجهڻ | دشمني پيدا ڪرڻ |
| نفرت | ٻيجان، حقارت، ڌڪار |
| نفس | روح، وُجود، بدن، جسماني خواهشون |
| نفس اماره | انسان جي شيطاني صفت، انسان کي برن ڪمن ڏانهن لاڙو ڪرائيندڙ خواهش. |
| نفسا نفسي | پنهنجو مفاد ۽ مطلب |
| نفساني | جسماني، دنيوي، نفس جو |
| نفسانيت | خود غرضي، غُرور |
| نفس پرست | خود غرض، مطلبي، عياش |
| نفس پرستي | خود غرضي، مطلب، عياشي |
| نفس ڪشي | تقوى، پرهيزگاري |
| نفس مارڻ | خواهش کي روڪڻ، تقوي اختيار ڪرڻ |
| نفسي | ذاتي، روحاني، پنهنجي نفس جو |
| نفسي نفسي | ٻئي جي خبر کان لاپرواهي |
| نفعو | فائدو لاڀ، منافعو |

| | |
|---|---|
| نفعو ڪٽڻ | فائدو حاصل ڪرڻ. لاڀ حاصل ڪرڻ |
| نفل | مقرر ٿيل يا فرض کان وڌيڪ عبادت |
| نفيس | عمدو. نازڪ. قيمتي |
| نفيل | توتارو (فقيرن جي وڄائڻ جو) |
| نِقَ | لِقَ |
| نقاب | گهونگهٽ. منهن تي رکيل پردو |
| نقاد | نڪتيچيني ڪندڙ تنقيد ڪندڙ سچ ڪوڙ الڳ ڪندڙ چنڊ ڇاڻ ڪندڙ |
| نقارو | وڏي دهل جو هڪ قسم. نغارو |
| نقارو وڄائي وڃڻ | شهرت حاصل ڪري وڃڻ. دنيا ۾ نالو ڪڍي وڃڻ. دنيا ۾ چڱايون ڪري وڃڻ |
| نقاش | چترڪار چٽ ڪيندڙ نقش ڪيندڙ رنگسازي ڪندڙ گلڪاري ڪندڙ مصور |
| نقاشي | چترڪاري، نقش نگاري، چٽسالي، مصوري، نقش نويسي |
| نقال | نقل ڪندڙ |
| نقاهت | ڪمزوري، هيٺائي |
| نقب | سوراخ. سُرنگ |
| نقد | روڪڙ نقدي |
| نقد نالو | روڪڙا پئسا. نقدي مال ملڪيت |
| نقدي | روڪڙا پئسا. روڪڙ مال ملڪيت |
| نَقش | چٽسالي، تصوير. شڪل شبيهه |
| نقشبند | خالق. نقش ڪندڙ |
| نقش ٿيڻ | چڱيءَ ريت ياد ٿي وڃڻ. |
| نقشو | خاڪو چارٽ. ڪنهن شيءِ جو نمونو ڪنهن علائقي جي حد بنديءَ وارو ٺهيل خاڪو (ڪاغذ يا ڪپڙي وغيره تي). |

| | |
|---|---|
| نُقص | گھٽتائي، ڪمي، بُرائي |
| نقصان | ڇيھو، ضرر، زيان، ٽوٽو |
| نقصان ڪرڻ | ڪم بگاڙڻ، زيان ڪرڻ |
| نُقطو | ٽُبڪو ٻُڙي، پوري دم جو نشان (.) |
| نَقل | اتارو مشق |
| نقل ڪرڻ | اُتارڻ، ڪاپي ڪرڻ |
| نقل نويس | ڪاپي ڪندڙ اُتارو ڪندڙ |
| نقل نويسي | اُتارو نقل، ڪاپي |
| نقلي | ڪوڙو ڪُوڙو هٿرادو |
| نَقلُ | چاش مان ٺهيل شائي، جو هڪ قسم |
| نُقوش | چِٽ، گُل، نقشا |
| نَڪ | انساني عضوي جو نالو جنھن جي وسيلي ساهه کڄجي ٿو. |
| نڪ ھوڙڻ | حيا شرم ڇڏڻ |
| نڪ جو ڏاڍو | بي حيا، بي لڄو بي شرم |
| نڪ ڪپائڻ | خوار ٿيڻ |
| نڪ مان ڳالهائڻ | گُھٽو ٿي ڳالهائڻ |
| نڪ مٿي ڪرڻ | سُرخرو ٿيڻ |
| نڪ ۾ دم ڪرڻ | تنگ ڪرڻ، ستائڻ، تڪليف پهچائڻ |
| نڪبير | نڪ مان رت اچڻ |
| نِڪاح | عورت ۽ مرد جي وچ ۾ شرعي عقد، شادي |
| نُڪتو | ڏکي ڳالهه، جُزي چوٽي، ٽول، گفتگو نازڪ ڳالهه |
| نِڪرڻ | ٻاهر ٿيڻ، اُپرڻ، سرجڻ، روانو ٿيڻ |
| نڪري ٻيھڻ | ٻاهر ٿي بيھڻ |
| نڪري وڃڻ | گُم ٿي وڃڻ، ترقي ڪرڻ، اڳتي ٿيڻ ٻاهر ٿي وڃڻ |
| نڪڙي | ننڍڙي ڇوڪري (اسم تصغير) |
| نِڪمو | بيڪار، ڪنهن ڪم جو نه، واندو |

| | |
|---|---|
| نَڪي نہ ڪي | نہ ڪير ۽ نہ. انڪاري لفظ (ظرف) |
| نڪي، نہ ڪي | هِڪُ ۽ نہ. نہ هي نہ هُو گرامر موجب اهي لفظ ضمير ۽ حرف جملي طور ڪم اچن ٿا. |
| نَڪِي | ليڪ، پڪ سان (ظرف) |
| نِڪو | ننڍڙو ٻار |
| نِڪور | نئين شيءِ |
| نَڪِير | هڪ ملائڪ سڳوري جو نالو |
| نُکَ | تڏو توڙي، نسل، پيڙهہ. بنياد |
| نکارڻ | صاف ڪرڻ |
| نِڪتر | تارو ستارو نکٽ، تارن جا اُهي ميڙ جيڪي چنڊ جي رمتي ۾ اچن ٿا. |
| نِڪَٽُ | ڪتيون. آسماني تارن جو ميڙ |
| نکتو | بيڪار، بي فائدو اجايو |
| نِکرڻ | صاف ٿيڻ، چٽو ٿيڻ، ٽِڙڻ |
| نِڪيتي | ڪنوار شاديءَ کان پوءِ ڪنوار جو مائٽن ۾ اچڻ |
| نِگار | نقش، چِٽُ، تصوير |
| نگاهہ | نظر، جاچ، جوت، نِهار |
| نگاهہ پوڻ | نظر تي چڙهي وڃڻ |
| نگهداشت | سار سنڀال، نظرداري، حفاظت ڪرڻ |
| نگر | شهر، ننگر |
| نگرواسي | شهري، شهر جو ويٺل |
| نگران | نگهبان، سنڀال ڪندڙ نگراني ڪندڙ |
| نگراني | سنڀال، نظرداري |
| نگهبان | رکوالو نگاهہ رکندڙ پهريدار |
| نگهباني | سنڀال، نظرداري، حفاظت |
| نَلُ | نلڪي لوهہ جو ٽڙو جنهن مان پاڻي اچي |
| نَلڪو | نَلُ، پاڻيءَ جي لوهي نلي يا ٽڙو |

| | |
|---|---|
| نِڙ | وڻ جو هڪ قسم |
| نَما | ڏيکاءُ |
| نِماز | عبادت، بندگي، عاجزي، انڪساري، اسلام جي پنجن رُڪن جو نالو |
| نماز پڙهڻ | الله تعاليٰ جي بندگي ڪرڻ |
| نِمازي | نماز پڙهندڙ |
| نَما شام | سانجهي، سج لهڻ وارو وقت، سنجها |
| نِماڻو | حياءُ وارو، نهٺو، مان نه ڪندڙ لاءُ نه ڪندڙ نياز نوڙت وارو |
| نِماڻائي | نهٺائي، نياز نوڙت، هيڻائپ، عجز انڪساري |
| نِماڻي ٻوٽي | ٻوٽي جو هڪ قسم |
| نُماءُ | ڏيکاءُ، نظارو، ڇهڇٽو |
| نُمائش | تماشو، نماءُ، ڏيکاءُ |
| نُمايان | ظاهر، عيان، پڌرو، مشهور |
| نِمائڻ | جُهڪائڻ، ڪنڌ هيٺ ڪرڻ |
| نمبر | عدد، انگ، شمار |
| نمبرُ | پوک لاءِ زمين جي ماپ ٽيل ايراضي |
| نمبر شماري | ڳڻپ، زمين جي سروي |
| نِمرتا | نهٺائي، عاجزي، نماڻائي |
| نِمرود | هڪ ظالم بادشاهه جو نالو جنهن حضرت ابراهيم عليه السلام کي باهه جي آڙاهه ۾ اڇلايو هيو پر اُها باهه الله جي حڪم سان ٿڌي ٿي وئي هئي ۽ ڪيس نقصان نه پهچايو هو. |
| نَمستي | نياز نوڙت، سلام |
| نَمڪ حرام | ناشڪرو شڪر نه ڪندڙ بي ڳڻو بي قدرو آٽاسو بينڪو بي حيا، بي لڄو مالڪ جو بدخواهه |
| نمڪ حرامي | بي حيائي، ويساهه گهاتي، آٽاسائي، مالڪ جي |

بدخواهي ڪندڙ

نمڪحال: احسانمند، شڪر ڪندڙ، شڪرگذار، مالڪ جو خيرخواهه

نمڪ حلالي: وفاداري، سچائي، شڪرگذاري، احسانمندي، خيرخواهي، مالڪ جي خيرخواهي

نمڪ دان: لوڻ رکڻ جو ٿانءُ

نمڻ: جُهڪڻ، عاجزي ڪرڻ، نوڙت ڪرڻ

نمي هلڻ: نياز نوڙت سان هلڻ، عاجزيءَ سان هلڻ

نمي ڪمي ڪائڻ: خوش ٿي ڪائڻ، سرهو ٿي ڪائڻ، شڪر گذاري سان ڪائڻ

نمودار: پڌرو، ظاهر، ڏيک وارو، صاف، نظر ايندڙ، چٽو، عيان

نمودار ٿيڻ: ظاهر ٿيڻ، پڌرو ٿيڻ

نموداري: ڏيکاءُ، نماءُ، نمائش

نموري: نمر جي وڻ جو ڦر

نمونو: قسم، جنس، مثال، ڏيک ڏيندڙ شيءِ

نناڻون: ننا ناني جي

نندا: ڦِٽڪار، پچر، دانهن، گِلا، غيبت

نندا ڪرڻ: گلا ڪرڻ، غيبت ڪرڻ

نندڻ: تنبيهه ڪرڻ، ڇِنڊ ڪرڻ، ڌُڪارڻ

ننديل: ڌُڪاريل، خوار خراب ٿيل

نڌوري: نڀاڳي، اڀاڳي، بدقسمت

ننڌر: ضدي، خراب، هنيلو

ننڊ: ننڊ واري حالت، سمهڻ، آرام ڪرڻ

ننڊاڪڙو: جنهن کي ننڊ ايندي هجي

ننڊ حرام ٿيڻ: اوجاڳو ڪرڻ، ننڊ نه اچڻ

ننڊ ڦٽڻ: ننڊ نه اچڻ، ننڊ مان اُٿي ويهڻ، سجاڳ ٿيڻ

ننڊپڻ: ننڍي هوندي، ٻالڪپڻ

| | |
|---|---|
| ٿنهن ڪرڻ | منع ڪرڻ انڪار ڪرڻ |
| ٿُنهن | پٽ جي ڏال |
| ٿَنهَن | هٿن ۽ پيرن جي چوٽين مٿان سخت ڪَل. جمع ٿنهَن |
| ٿُنهنبُ | رهڻ. ٿنهَن سان رَهڻ |
| ٿنهن لاهڻ | ٿنهَن جون وڌيل چوٽيون ڪترڻ |
| ٿنهنبڻ | ٿنهن سان رهڻ |
| ٿئين | جابلو پاڻيءَ وارو وهڪرو. جيڪو ندي وانگر تيز وهي ٿو. |
| ٿِڻان | مڙس جي پيٺ |
| ٿؤينو | تازو، تازو توانو، تندرست، صحتمند، چڱو ڀلو نيڪ ناڪ |
| نوجوان | ننڍي عمر وارو |
| نؤخيز | نئون اُڀريل، نئون اٿيل |
| نوروز | نئون ڏينهن |
| نؤ روزو | پارسين جو وڏو ڏينهن |
| نومسلم | نئون مسلمان ٿيل |
| نونهال | نوجوان، تازو خوش |
| نَوَ | هڪ عدد جو نالو |
| نَوَتڻ | راند جو هڪ قسم |
| نَوَرَتن | اڪبر بادشاهہ جا نَوَ وزير |
| نَوَرَتن | نون قسمن جا هيرا |
| نولکو | لکن جي ملهہ وارو، تمام قيمتي |
| نولکو هار | تمام قيمتي هار، جنهن جو ملهہ لکن ۾ هجي. |
| نواب | امير، شاهوڪار، دولتمند، عزت جو خطاب يا لقب |
| نوابي | اميري، شاهوڪاري، دولتمندي |
| نَوارُ | سٽ جو اُڻيل پٽو جيڪو کٽن واڻڻ ۾ ڪم اچي. |
| نواز | مهربان، نوازيندڙ |

| | |
|---|---|
| نوازش | مهرباني، ڪرم، رحم |
| نوازش ڪرڻ | مهرباني ڪرڻ، ڪرم ڪرڻ |
| نوازش نامو | احسانمنديءَ وارو خط يا چٺي |
| نوازڻ | مهرباني ڪرڻ، انعام ڏيڻ، بخشش ڏيڻ، فائدو پهچائڻ، تحفو يا سوکڙي ڏيڻ |
| نوازيل | جنهن تي مهرباني يا ڪرم ٿئي |
| نواسير | بيماريءَ جو هڪ قسم |
| نواڻ | نئين شيءِ يا ڪا نئين ڳالهه |
| نوائڻ | جُهڪائڻ، هيٺ ڪرڻ، نِمائڻ |
| نوبت | وارو، مهل، مقرر وقت، درجو |
| نُوبت | نغارو، دهلن جو وڄڻ، نغارن جي وڄت جو هڪ قسم |
| نوبت اچڻ | وارو اچڻ، مهل اچڻ |
| نوٽ | ڪاغذ تي ڪا تشريح وغيره ڏيل، ڪاغذ تي ڏيل ڪا خاص لکت |
| نوٽُ | سرڪاري ڪاغذي سِڪو |
| نوٽ بُڪ | لکڻ لاءِ ننڍڙي ڪاپي |
| نوٽ ڪرڻ | ياد ڪرڻ، لکي ڇڏڻ |
| نوٽيس | ڇتاءُ |
| نُوح | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو جنهن جي زماني ۾ هڪ وڏو طوفان آيو هو جنهن کي نوح جو طوفان به چيو وڃي ٿو. |
| نوحو | ماتم، غم، ڏک، ارمان |
| نوڙ | جهنگ جي هڪ جانور جو قسم، جيڪو نانگ جو به ويري ٿيندو آهي |
| نُورُ | سوجهرو، روشني، تجلي، چمڪ |
| نوراني | چمڪندڙ، نوري، نور وارو، نُور مان گڏيل |
| نورچشم | اکين جي روشني، اکين جي جوت، اهو لفظ پٽ لاءِ |

| | |
|---|---|
| | ۾ استعمال ڪيو ويجي ٿو. |
| نُور محل | روشنائي وارو گهر |
| نور نچوئڻ | اکين کي تڪليف ڏئي سخت پورهيو ڪرڻ، گهڻو ڪم ڪرڻ |
| نُوري | نور مان پيدا ٿيل |
| نُوري | نالو سمي بادشاهه ڄام تماچيءَ جي راڻيءَ جو نالو |
| نوروز | پارسي سال جو پهريون ڏينهن |
| نوريڙو | ڏگهي پُڇ سان هڪ جانور جو قسم، جيڪو اڪثر وڻن ۾ رهي ٿو ۽ تمام تيز ڊوڙندو آهي، جسم جا وار تمام نرم ٿيندا اٿس. |
| نوڙ | ٽلهو وٽيل رسو |
| نوڙڻ | جهڪڻ، هيٺ ٿيڻ، نِمڻ، نوڙت ڪرڻ |
| نوڙت | عاجزي، نياز هيناهين، خدمت چاڪري |
| نوڙي | واڻ جي رسي |
| نوڙي ٿي پوڻ | بي ساهه ٿي پوڻ |
| نُوسڻ | سُنگهڻ |
| نُوس | جانور جو سُنگهڻ |
| نوشادر | هڪ پسارڪو وکر |
| نوشت | لکيل، تحرير ڪيل، لکت |
| نوشيروان | ايران جي هڪ مشهور بادشاهه جو نالو جيڪو عدل ۽ انصاف ۾ مشهور هوندو هو. |
| نوع | جنس، قسم نمونو ذات، شڪل |
| نوڪ | ڇهنب، چوٽي، قلم جي زبان، قلم جي چوٽي |
| نوڪدار | نوڪ وارو، چوٽيءَ وارو ڇُهنب دار |
| نوڪر | خدمت ڪندڙ خادم |
| نوڪري | ملازمت، خدمت |
| نوڪراڻو | نوڪر وارو، نوڪر جو |

| | |
|---|---|
| نوڪر چاڪر | گهڻا خدمتگار |
| نوڪر شاهي | اهڙو حڪومتي راڄ، جنهن ۾ عوام جا خدمت ڪندڙ سرڪاري آفيسر يا ملازم پاڻ کي مالڪ سمجهن |
| نوڪري | خدمتگاري، ٽهل ٽڪور، ملازمت |
| نوڪرياڻي | خدمت ڪندڙ عورت يا ڇوڪري |
| نوڪري ڪرڻ | مقرر ٿيل پگهار تي ڪم ڪرڻ |
| نومڙيا | هڪ ذات |
| نوناري | هڪ ذات |
| نونهال | نوجوان، تازو، خوش |
| نوهاڻي | هڪ ذات |
| نوي | هڪ عدد جو نالو |
| نويس | لکندڙ، تحرير ڪندڙ لکڻ وارو |
| نويسي | لکڻي، تحرير |
| نويڪلو | اڪيلو هڪڙو تنها |
| نويڪلائي | اڪيلائي، تنهائي |
| نويڪلي | اڪيلي، تنها |
| نهار | ڏينهن، روز |
| نهار | هڪ خونخوار جهنگلي جانور بگهڙ |
| نهارڻ | ڏسڻ، نگاهه ڪرڻ، نظر ڪرڻ |
| نهار | نظر، ڏسڻ، نگاهه، نظرداري |
| نهاريو | ڏٺو، نظر ڪئي |
| نهال | خوش، سرهو مزي ۾، فرحت ۾ |
| نهال ٿيڻ | خوش ٿيڻ، سرهو ٿيڻ |
| نهال ڪرڻ | خوش ڪرڻ، سرهو ڪرڻ، مالا مال ڪرڻ، امير بنائڻ |
| نهائين | بدن جو هڪ عضوو |
| نهائين | ڪنير جي ٿانون پچائڻ جي ڪوري يا ڀٽي |
| نهايت | تمام گهڻو بي انتها، ڏاڍو |

| | |
|---|---|
| نِهَٺو | وڏائي نہ ڪندڙ نياز نوڙت وارو صبر وارو بُردبار سنجيده، نماڻو |
| نهٺائي | نماڻائي، نياز نوڙت، عاجزي، بُردباري، حليمائي، بنا وڏائي |
| نَهر | درياهہ جي شاخ، وڏو واھہ |
| نهريا | هڪ ذات |
| نهڙيا | هڪ ذات |
| نَهڪار | انڪار، ناڪار جواب |
| نهڪر | انڪار، ناڪار |
| نهندڻ | ننهن سان راهڙون پائڻ |
| نِهَنگ | تارڪ الدنيا، اڪيلو بي خوف |
| نِهنگ | جانور جو هڪ قسم |
| نِهنگ | شلوار ۾ اڳٺ وجهڻ واري جاءِ |
| نهوڙڻ | زور سان جهلڻ، قابو ڪرڻ، نپوڙڻ |
| نِهوڙ | عشق، ڦاسڻ |
| نِهوڙجڻ | عاشق ٿيڻ، ڦاسجڻ |
| نهي | منع، خراب ڪمن کان روڪ |
| نِئاپو | سنيهو نياپو پيغام |
| نِئَڙ | زنجير، ڪڙين جي قطار |
| نئڙت | نوڙت، نياز عجز عاجزي |
| نئڙڻ | جُهڪڻ، جُهڪائڻ |
| نئن | مينهن جي پاڻيءَ تي وهندڙ جابلو گهٽ، ندي |
| نئون | تازو شروعاتي، منڍ کان |
| نئون چنڊ | نئون مهينو |
| نئون سنئون | هڪ جهڙو برابر |
| نئون نڪور | بلڪل نئون |
| نئين سج | روزانو هر روز |

| | |
|---|---|
| نيپاج | پالنا، پرورش، سنڀال، خوراڪ |
| نيپال | ملڪ جو نالو |
| نيپچون | هڪ آسماني گرهه جو نالو |
| نيچُ | گهٽ، ڪُلڇڻو هيڻانهون، خراب |
| نيچ | پاڻيءَ جي شاخ، درياهه |
| نيچ | دلو گهڙو، سيٺهه ترڻ جي |
| نيچائي | گهٽتائي، هيڻانهين، بي عزتي |
| نيرُ | سمنڊ، پاڻي، پاڻياٺ، اکين مان ايندڙ پاڻي، لُڙڪ، ڳوڙها |
| نيرُ | رنگ جو هڪ قسم، ٻوٽي جو هڪ قسم، جنهن مان آسماني رنگ ٺهي ٿو. |
| نيرُ | زنجير |
| نيرانا | سواءِ کاڌي جي، بکيا، سواءِ لذت جي |
| نيراڻي | بنا کاڌي جي |
| نيراٽ | نيري رنگ جو اثر، نيري رنگ تي مائل |
| نيروٽي | نيري رنگ جو ڪم ڪندڙ نيرولي |
| نيرگ | پکيءَ جو هڪ قسم ڍانڍي پکي |
| نيرگي، نيرڳي | ڍانڍي پکيءَ جو هڪ قسم، جيڪو تمام سهڻو ٿيندو آهي. |
| نيرن | صبح جي ماني، ناشتو هلڪو کاڌو |
| نيرن ڪوٽ | حيدرآباد جو پراڻو نالو |
| نيرو | رنگ جو هڪ قسم |
| نيزا | خشڪ ميوي جو هڪ قسم، واحد نيزو |
| نيزاري | التجا، عرض، سوال، عاجزي |
| نيزو | هٿيار جو هڪ قسم |
| نيزي باز | نيزو هلائيندڙ نيزي سان وڙهندڙ نيزي سان جنگ ڪندڙ |

نيزي بردار — نيزو کڻندڙ نيزي وارو

نيٿ — خيال، اُڌما

نيٺ — گگرن مان وسندڙ سنهو مينهن، مينهن جون سنهيون ڦڙيون، سنهيون ڦونڊون

نيسارو — پاڻي نيڪال ڪرڻ جو نارو جيڪو اڪثر ڪري ڇتين وغيره تي لڳل هوندو آهي

نيست — نابود، تباهه، ختم، برباد

نيست نابود ڪرڻ — تباهه ڪرڻ ختم ڪرڻ، برباد ڪرڻ، ناس ڪرڻ

نيستي — سُستي، ڪاهلي

نيتر — ناريا هرلي ۾ لڳل ڪاٺ جي ڪيس يا نارو

نيش — نوڪ، ڏنگ

نيش — ڇهن ورهين جو اُٺ

نيڦو — اُبداڻو

نيڪ — ڀلو، چڱو، سُٺين عادتن وارو، سچورو، ڀلارو

نيڪ بخت — بختاور، بخت وارو، سڀاڳو، وڏي ڀاڳ وارو

نيڪ بختي — خوش قسمتي

نيڪ روشن — ناميارو، ناليوارو، چٽيءَ طرح جاتل سُڃاتل

نيڪ فال — سٺو سنوڻ

نيڪ قدم — سٺو قدم، مبارڪ قسم

نيڪ مرد — سٺو ماڻهو ڀلو ماڻهو چڱو ماڻهو سٺي نالي وارو، چڱي نالي وارو

نيڪ نيت — سٺي خيال وارو، خير خواهه

نيڪ نيتي — چڱو خيال، سٺو خيال، سُٺو ارادو نيڪ ارادو

نيڪوڪار — نيڪيءَ جا ڪم ڪندڙ سُٺا ڪم ڪندڙ

نيڪي — ڀلائي، چڱائي، ثواب، مهرباني

نيڪي بدي — ڀلائي ۽ برائي، نفعو نقصان، چڱو ۽ مندو

نيڪال — نڪرڻ جو رستو

| | |
|---|---|
| نيڪال ڪرڻ | روانو ڪرڻ، وڪرو ڪرڻ |
| نيڪالي | ڪڍڻ، روانگي، نيڪال |
| نيل | نڪر جي ڪلنگي يا چوٽي، جنهن تي اڪثر ڪري نيرو رنگ ٿيل هوندو آهي. |
| نيل | گنبذ، تبو، ڪلنگي، چوٽي، نيرو رنگ، آسماني رنگ، گنبذ جي چوٽي، مُناري جي چوٽي |
| نيلُ | ڳڻپ جو هڪ عدد، جيڪو کربن کان وڌيڪ آهي. (100000000000000) سنڌيءَ ۾ ڳڻپ: ايڪا، ڏهاڪا، سؤ، هزار، ڏهه هزار، لک، ڏهه لک، ڪروڙ، ڏهه ڪروڙ، ارب، ڏهه ارب، کرب، ڏهه کرب، نيل، ڏهه نيل، پدم، ڏهه پدم. |
| نيل | هڪ درياهه جو نالو جنهن جي ڊيگهه چار هزار ميل آهي ۽ اهو مصر ۾ آهي. فرعون بادشاهه به نيل درياهه ۾ غرق ٿيو هو. |
| نيلُ | لوهه جو ٽڪر |
| نيلڪون | نيلُون |
| نين | اک |
| نينڊو | دعوت ڪندڙ اونهو پاڻي |
| نيل ڪنٺ | پکيءَ جو هڪ قسم جنهن کي چانهه پکي به سڏيو وڃي ٿو. سندس ڳچي نيري ٿئي ٿي. |
| نيوز | خبر، خبرون |
| نيوز پيپر | اخبار، خبرن جو پرچو، روزنامچو |
| نيلو | نيري رنگ جو |
| نيلام | وڪرو، ڪنهن شيءِ جي وڪري لاءِ واڪ ڏيڻ، اگهه مقرر ڪرڻ |
| نيلام ٿيڻ | وڪرو واڪ سان، وڪرو ٿيڻ |
| نيلامي | وڪرو واڪ سان، وڪرو |

| | |
|---|---|
| نيلام ڪرڻ | واڪ ڏيئي وڪڻڻ، وڪرو ڪرڻ |
| نيلم | نيري رنگ جو هڪ قيمتي پٿر |
| نيلوفر | گل جو هڪ قسم، جنهن کي ڪنول ڦُل ب ـ چئبو آهي. |
| نيم | اڌ، نصف |
| نيم حڪيم، نيم طبيب | اڻ ڄاڻ حڪيم، گهٽ ڄاڻيندڙ |
| نيم قطر | اڌ گول، گول جي گهيري کان مرڪز تائين ويندڙ سڌي ليڪ |
| نيم ملا | اڌ پڙهيل، اڻڄاڻ، ٿورو پڙهيل |
| نينڊ | ڪوٺ، دعوت، سڏ |
| نينگر | ڇوڪر، ڇوڪرو، ننڍو ٻار |
| نينگري | ڇوڪري، ننڍي ڇوڪري |
| نينهُن | سِڪ، پيار، محبت، حُب، چِڪ |
| نينهن لڳڻ | پيار ٿيڻ، محبت ٿيڻ |
| نينهن نڀائڻ | محبت کي توڙ تائين نڀائڻ |
| نيڻ | اک، نظر، خيال، نگاهہ |
| نيڻان | انهن جون اکيون |
| نيڻ ٺار | اکين کي ٺاريندڙ پيارو |
| نيڻ ٺارڻ | خوشي ڏيڻ، آسيس ڏيڻ |
| نيڻ ٺرڻ | خوش ٿيڻ، سرهو ٿيڻ، اکيون ٺرڻ |
| نيڻ نچوئڻ | هنجون هارڻ، روئڻ، ڏکيو ڪم ڪرڻ |
| نيهُ | پيار، عشق، محبت، سِڪ |
| ني وهاڻي | رات گذري کان پوءِ، پرڀات، اسر |
| نيهائين | آوي، ٿانون پچائڻ جو ڪورو |
| نيهائين | جسم جو هڪ حصو جيڪو ڏن کان هيٺ ٿئي ٿو. |

| | |
|---|---|
| واٽ منڙو | سنو ڳالهائيندڙ خوشامدي |
| واٽ وڃائڻ | خراب ڳالهائڻ، بي حيا ٿيڻ |
| واٽ وڏو | گهٽو ڳالهائيندڙ |
| واٽ وڪيل | پنهنجي مرضيءَ موجب ڳالهائيندڙ |
| واٽون | واٽ مان، واٽ کان |
| واٽ | ڏڳ، رستو، لنگهه، گس، واهه، طريقو ڍنگ، حساب ڪرڻ جي واٽ، چارو |
| واٽا | واٽ کان، رستي کان |
| واٽارن | واٽ ويندڙن، واٽهڙن |
| واٽاڙو | واٽ ويندا، مسافر، واٽهڙو |
| واٽاهو | مسافري، واٽ ويندڙ |
| واٽائتو | طريقي وارو رستي وارو |
| واٽائو | مسافر، اجنبي، واٽهڙو واٽ ويندڙ |
| واٽ پڇڻ | رستو ڳولڻ، جاچ ڪرڻ، معلوم ڪرڻ |
| واٽ ڏيڻ | حساب ڪتاب ڏيڻ |
| واٽ لائڻ | رستي تي چاڙهڻ، گس ڏيکارڻ |
| واٽ نہ وارڻ | انڪاري ٿيڻ |
| واٽ وٺڻ | رستو وٺڻ |
| واٽون | رستي کان، واٽ کان |
| واٽون وٺڻ | انتظار ڪرڻ |
| واٽ ويندي | رستي لنگهندي، راهه ويندي |
| واٽهڙ | سيلاني، واٽهڙو واٽ ويندڙ |
| واٽهڙو | رستي ويندڙ مسافر، لانگهائو واٽ ويندڙ رهه گذر |
| واٽر ڪورس | ننڍيون شاخون، ننڍا واهه، پاڻيءَ لاءِ ڪسيون يا ناليون |
| واٽ | ڏسڻ، ڏس |
| واٿق | طاقتور، مضبوط، بهادر، پهلوان |

| | |
|---|---|
| واپار | وڻج، سوداگري، سامان وڪڻڻ، تجارت |
| واپاري | وڻجارو، واپار ڪندڙ، ڏنڌو ڪندڙ |
| واپرائڻ | ڪم آڻڻ، ڪتب آڻڻ، استعمال ڪرڻ |
| واپرايل | ڪم آندل، ڪتب آندل |
| واپس | موٽي، پٺتي ٿيڻ، پوءِ، پٺيان، ورائي |
| واپس اچڻ | موٽي اچڻ، ورڻ، وري اچڻ |
| واپس ٿيڻ | موٽي اچڻ، موٽڻ، ڦري اچڻ، وري اچڻ |
| واپس ڪرڻ | موٽائڻ، ڦيرڻ، موٽائي ڏيڻ |
| واپس ملڻ | وري ملڻ، موٽي مِلڻ |
| واپس وٺڻ | موٽائي وٺڻ |
| واپسي | موٽ، موٽندڙ |
| واجب | ضروري، لازمي، جائز، ٺيڪ، صحيح، پورو |
| واجب القتل | قتل ڪرڻ جي لائق |
| واجب ڄاڻڻ | فرض سمجهڻ، ضروري سمجهڻ |
| واجبي | مناسب، ٺيڪ، رواجي، نالائق |
| واڄٽ | وڄائڻ جو ساز، واڄو، سازن جو مليل آواز |
| واڄو | وڄائڻ جو هڪ ساز، باجو، سُرود |
| واڃهه | ٽُلهه رَس، وِڃُهه، تجويز، حيلو، ڪوشش |
| واڃهه وجهڻ | ڦاسائڻ لاءِ سِٽون سِٽڻ |
| واجهائڻ | ٿڪڻ، ڪوشش ڪرڻ، نهارڻ، جهاتيون پائڻ، انتظار سان ڏسڻ، خواهش ڪرڻ |
| واجهاٽيس | ٿڪيم پئي، نهاريم پئي، ڏٺم پئي، اوسيئڙو پئي ڪيم |
| واجهڻ | سِڪڻ، خواهش ڪرڻ، سڏ ڪرڻ |
| واجهاٽيان | واجهائڻ ڪان، سڪڻ ڪان، طلب ڪرڻ ڪان، بندگي ڪرڻ ڪان، عرض ڪرڻ ڪان |
| واڃاٽي | هندو عورت |

| | |
|---|---|
| واءُ | هوا، جهڪ، واء |
| واڄ | وقت ڏيکاريندڙ گهڙي |
| واڇوڙو | طوفان، تيز جهڪ، اندرڪار هوا جو گهيرو، ڦرندڙ هوا |
| واڃ | ڇپ جي ڳنڍ |
| واچڻ | پڙهڻ |
| واڄ ٽڙڻ | واٽڙو ٿيڻ، حيران ٿيڻ |
| واڇون ٽِڙڻ | کِلڻ |
| واحد | هڪ، هڪڙو، اڪيلو |
| وادي | ماٿري، ميدان، هيٺانهين زمين |
| واڌِ | گهٽائي، واڌارو فائدو نفعو |
| واڌارو | سڌارو ترقي، لاڀ، فائدو |
| واڌاري | وڌيڪ، گهٽي |
| واڌو | سرس، وڌيڪ، حساب ۾ جوڙ جي نشانيءَ کي به واڌو چئبو آهي. (+) |
| واڌائي | مبارڪ، خوشخبري |
| واڌايون | مبارڪون |
| واڌائي ڏيڻ | مبارڪ ڏيڻ |
| واڌايون مِلڻ | مبارڪون ملڻ |
| واڌواڻي | هندن جي هڪ ذات |
| واڏاڻ، واڏڻ | تانگهه کٽ جي پيراندي واري رسي |
| واڏو | رسو نوڙ |
| واڍائي | ڪاٺين جي چيرائي |
| واڍا | هڪ ذات |
| واڍو | ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ ڊکڻ |
| واڍڪو | واڍن جو ڪم |
| واڍوڙ | وڍيندڙ تلوار جو زخم |

| | |
|---|---|
| والاڻ | قبضو ڪرڻ، مالڪي ڪرڻ |
| والار | قبضو، مالڪي |
| والاريل | قبضي ۾ ٿيل، هٿ هيٺ آيل |
| والد | پيءُ |
| والده | ماءُ |
| والدين | پيءُ ماءُ |
| والو | ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور، جمع والا |
| والي | ڌڻي، مالڪ، وارث، مددگار |
| والي | ڪن جو زيور، جمع واليون |
| وانجڻ | جدا ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، ڌار ڪرڻ |
| وانجهوٽي | راند جو هڪ قسم، جنهن ۾ رانديگر جي وچ واري رستي کي بند ڪيو وڃي ٿو يعني ان جي وچ واري واٽ کي روڪيو ويندو آهي |
| وانجهي | ونجهوٽي راند ۾ وچ تي بيهندڙ کلاڙي، ٻيڙي هلائيندڙ |
| وانجهڻ | وساري ڇڏڻ، لِڪائي رکڻ، غائب ڪرڻ |
| واندو | بيڪار، خالي، سکڻو، نِڪمو |
| واندائڻ | خالي ڪرڻ، سکڻو ڪرڻ |
| واندڪائي | فُرصت، ڪم کان آزاد |
| وانڍ | ننڍو ڳوٺ، وستي |
| وانڍ | جهُنهن، لانڍي، ککائون گهر |
| وانڍو | اڪيلو رول |
| وانگار | سوال تي ڪم ڪرائڻ، مفت ۾ ڪم ڪرائڻ |
| وانگار وهڻ | بغير اجوري جي ڪم ڪرڻ |
| وانگر | جهڙو وانگيان، وانگي انهيءَ جهڙو ساڳيو (ظرف) |
| وانگي | وانگر، جيان (ظرف) |
| وانگيان | ان جهڙو، تو جهڙو، تو جيان |

| | |
|---|---|
| وانگوڙو | ڦيرو وڪڙ چوٽيءَ واري ڳُٽ |
| وانهوڏو | هوا، واءُ، ساھ |
| واڻ | ڦچ جي نوڙي يا رسي |
| واڻڻ | اُڻڻ |
| واڻي | ٻولي، زبان، ڳالھ ٻولھ، شعر، پاڻي، وچڻ |
| واڻيا | هندن جي هڪ ذات |
| واڻيو | واپاري هندو، هندو تاجر |
| واڻياڻي | هندو عورت |
| واويلا | هاءِ گهوڙا، افسوس، رڙيون، ڪُوڪون |
| واويلا ڪرڻ | رڙيون ڪرڻ، دانهون ڪرڻ، ڪوڪون ڪرڻ |
| واويلا مچائڻ | شور ڪرڻ، دانهون ڪرڻ، هاءِ گهوڙا ڪرڻ |
| واھ واھَا | شاباس، جس، آفرين (حرفِ ندا) عمدو، سهڻو |
| واھ واھ | شاباس، آفرين، جس هجي |
| واھ واھ ڪرڻ | گهڻي ساراھ ڪرڻ، گهڻي تعريف ڪرڻ |
| واھَ | رستو، وات، ڳس، طرف |
| واھُ | نديءَ مان ڪوٽايل شاخ، شاخ، نهر |
| واهڙ | درياھ مان نڪتل ننڍو پاڻيءَ جو وهڪرو |
| واهڙ وهائڻ | غريبن جي مدد ڪرڻ |
| واهو | ننڍو واھ |
| واھ وهائڻ | سخاوت ڪرڻ |
| واهپو | استعمال، هڪ ٻئي سان هلت چلت، رواج، رسم، ريت، ڏيتي ليتي، ڪاپي ڪتب آڻڻ |
| واهر | مدد، آڏاڻ، آسرو |
| واهر ڪرڻ | مدد ڪرڻ، سهائتا ڪرڻ |
| واهُرو | مدد ڪندڙ، همراهي ڪندڙ سهائتا ڪندڙ حمايت ڪندڙ |
| واهلو | اوزار جو هڪ قسم جنهن کي واڍو استعمال |

| | |
|---|---|
| | کندو آهي، ڍڪاڻڪو اوزار |
| واهڻ | ڳوٺ، ڀهراڙي، وسٽي |
| واهڻُ | وڏي ٻيڙي |
| واهڻ | واهه، نهر، ڪئنال |
| واهو | رستي ويندڙ ماڻهو |
| واهولو | واڍڪي اوزار جو نالو ڍڪاڻڪو اوزار |
| واهوندو | گرميءَ جي شروعات، اونهاري جي شروعات |
| واهي | ننڍي شاخ، پاڻيءَ جي آڏ |
| واهيات | بيهودو بيهودائي |
| واهياتي | بيهودگي، خام خيالي |
| واءُ | هلندڙ هوا، هِير، گهلندڙ هوا |
| واءُ ورڻ | منڊ جو ڦيرو اچڻ |
| وائر ڪرڻ | هوا مان ان صاف ڪرڻ، ڇنڊ ڪرڻ الڳ ڪرڻ |
| وائڙو | حيران، پريشان |
| وائکو ٿيڻ | هوا کائڻ، صاف ٿيڻ، سُڪڻ |
| وائکو ڪرڻ | هوا ۾ رکڻ |
| وائل | ڪپڙي جو هڪ قسم |
| وائي | ڪافي، ڳالهه، سخن، راڳ |
| وايون | ڳالهيون، ٻچارون، چوٽون |
| وايون ٻتال ٿيڻ | وائڙو ٿيڻ، عجب ۾ پوڻ |
| وايو ماپ | هوا ماپڻ جو اوزار |
| وايو منڊل | ماحول، فضا، آسماني فضا |
| وبا | وچڙندڙ مرض |
| وبال | آفت، بيماري، مرض، سختي، عذاب |
| وِپ | پينگ، سُڄ |
| وِتُ | سگهه، طاقت، اختيار وسُ |
| وتايو | هڪ درويش جو نالو (وتايو فقير) |

| | |
|---|---|
| وٿُ | جنس، شيءِ |
| وِٿِ | وڇوٽي، فاصلو ساهي، فرق |
| وٿاڻ | چوپائي مال جي ويهڻ جي جاءِ |
| وِٿي | وڇَه، موقعو جُدائي |
| وِٿي وجهڻ | جُدائي ڪرڻ، سنڌ ڪرڻ |
| وٽ (اُچار وَٽَ) | ڪاٺين شيءِ، سُوڪڙي سني شيءِ |
| وٽ ڪرڻ | ڪاٺڻ، چڪڻ، نئين موسم جا ميوا ڪاٺڻ |
| وَٽِ | ڏيئي جي بتي |
| وَٽِ | ڪنارو طرف، پر، پاسي، پرسان |
| وٽان | کان، منجهان، پرسان، مان |
| وٽم | مون وٽ |
| وٽ وٽڻ | عاجزي ڪرڻ، ساٽ ڏيڻ |
| وَٽُ | تور جو ماپو |
| وَٽُ | پيٽ ۾ مروڙ ٿيڻ، پيٽ جي سور جو وَٽُ |
| وٽپ ڪرڻ | پاسو ڪڻ، حمايت ڪرڻ |
| وٽجڻ | وڪوڙجڻ، ور ڏيڻ |
| وَٽڻ | وڪڙ ڏيڻ، ڳنڍڻ، مروٽڻ |
| وَٽِي | ڪاڏي جو نٽيو تانءُ |
| وَٺ | پڪڙ، جهَل |
| وٺ ڪرڻ | جَهلڻُ، پڪڙڻ |
| وٺ وٺان | تڙ تڪڙ ۾، يڪدم، جلدي (ظرف) |
| وَٺ وٺ ڪرڻ | يڪدم ڪم ۾ لڳي وڃڻ، تڪڙو ڪم ڪرڻ |
| وِٺُ | پڪيءَ جو گند، پڪيءَ جو ڇيٺو |
| وَٺڻ | حاصل ڪرڻ، جهلڻ، پڪڙڻ |
| وَجد | حال، جذبو بيخودي |
| وجد ۾ اچڻ | حال ۾ اچڻ، بيخود ٿي وڃڻ |
| وُجود | هستي، زندگي، حياتي، موجودگي |

| | |
|---|---|
| وُجود وڃائڻ | پنهنجي هستي وڃائڻ |
| وَجهه | سبب، ڪارڻ |
| وِڄُ | آسماني بجلي، ڪِنوڻ، چمڪاٽ |
| وڄائڻ | هلائڻ (آواز يا ڪو راڳ وغيره) |
| وڄائيندڙ | ساز وڄائڻ وارو |
| وڄت ڪرڻ | ڳائڻ وقت ساز وڄائڻ |
| وَجهه | موقعو، مهل، وقت، وٿي |
| وجهائتو | موقعي مهل وارو (ظرف) |
| وجهڻ | داخل ڪرڻ، رکڻ، اندر ڪرڻ |
| وڃائڻ | ضايع ڪرڻ، گم ڪرڻ، تباهه ڪرڻ |
| وڃڻ | روانو ٿيڻ، اُسهڻ |
| وِچڙو | پڪو |
| وِچُ | مرڪز |
| وِچُ | اندر، منجهه، وچ ۾ (ظرف) |
| وچڙو | وچولو پورو پٽو واجبي، چگيرڙو چگيرو |
| وِچُ ڏيڻ | راز واري ڳالهه ٻڌائڻ، ڳُجهي ڳالهه ظاهر ڪرڻ |
| وچيرو | درياهه جو وچ وارو وهڪرو |
| وچ ڪڍڻ | راز معلوم ڪرڻ، ڳُجهه پروڙڻ |
| وچ ڪرڻ | اڌ ڪرڻ، پاڱو ڪرڻ |
| وچ کولڻ | راز ظاهر ڪرڻ، ڳُجهه کولڻ |
| وچ لهڻ | راز معلوم ڪرڻ |
| وچ ۾ پوڻ | فيصلو ڪرڻ، مدد ڪرڻ |
| وچ ۾ هُجڻ | ڪنهن جو ضامن هجڻ |
| وچولو | وچٿرو درمياني پورو پٽو |
| وچون | وچ وارو وچ جو (ظرف) |
| وچين آڱر | وچ واري آڱر، وڏي آڱر |
| وچان | وچ مان (ظرف) |

| | |
|---|---|
| وچا واھو | فيصلو ڪندڙ |
| وچتر | عجيب، حيرت ۾ وجھندڙ حيران ڪندڙ |
| وچڙڻ | چنبڙڻ، عاجزي ڪرڻ |
| وچڙندڙ | ڦهلجندڙ پکڙندڙ |
| وچڙندڙ بيماري | خطرناڪ مرض، خطرناڪ بيماري، پکڙندڙ بيماري |
| وچڙي پوڻ | اٽڪي پوڻ، ڦٿجي پوڻ |
| وچن | واعدو انجام اقرار |
| وچن ڏيڻ | انجام ڏيڻ، عهد ڏيڻ، ساڪ ڏيڻ |
| وچن ڪرڻ | واعدو ڪرڻ انجام ڪرڻ |
| وچن وٺڻ | واعدو وٺڻ، انجام وٺڻ، ساڪ وٺڻ |
| وچور | تفصيل |
| وچورڻ | تفصيل ڏيڻ. تفصيلوار |
| وِچولو | درمياني وچٿرو وچون. وچ وارو حصو |
| وِچون | وچ وارو، وچٿرو |
| وِچين | ٻنپهرن ۽ سانجهيءَ جي وچ وارو وقت، ٽپهريءَ جو وقت |
| وچين نماز | عصر جي نماز ٽپهريءَ واري نماز |
| وچين آڱر | هٿ واري ڊگهي آڱر |
| وَڇَ | مينهن جو مادي ٻچو |
| وِڇاڻو | بسترو |
| وِڇائڻ | ڦهلائڻ، پکيڙڻ |
| وڇائي ڇڏڻ | کولي ڇڏڻ، کولڻ ڦهلائڻ. ڦهلائي ڇڏڻ |
| وڇڙڻ | ڌار ٿيڻ. جدا ٿيڻ، الڳ ٿيڻ |
| وڇڙو | ڳئون جو ڦر، ڳئون جو ٻچو پاڏو |
| وڇوٽي | مفاصلو ويڇو وٿي |
| وڇوڙڻ | ڌار ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، پري ڪرڻ |
| وڇوڙو | ڄدائي، دوري، عليحدگي |

| | |
|---|---|
| وڇون | پٽون، هڪ زهريلو جيت |
| وڇير | ننڍي ڦڄ، مينهن جو مادي ڦر يا ٻچو |
| وڇيرو | گهوڙيءَ جو نر ڦر يا ٻچو |
| وڇيري | گهوڙيءَ جو مادي ڦر يا ٻچو |
| واحداني | وظيفو، ورد، فطرت |
| وحدانيت | هيڪڙائي، هڪ الله تعاليٰ |
| وحدت | توحيد، هيڪڙائي، ايڪتا، اتحاد |
| وحدت الوجود | ڪائنات جي هر شيءِ کي الله تعاليٰ جو سمجهڻ |
| وحده لاشريڪ له | الله هڪ آهي، ان جو ڪوبه شريڪ نه آهي. |
| وحش | جهنگلي، خراب، بڇڙو |
| وحشت | گهبراهٽ، خوف، ڏپ |
| وحشي | جهنگلي، ظالم، خوفائتو |
| وَحِي | الله طرفان آيل حُڪم، خدا جو پيغام |
| وَحيد | هڪڙو، اڪيلو، واحد |
| وِداع | موڪلائي، الله توهار، رخصتي |
| وِدوان | عالم، ڄاڻو، سمجهه وارو، پڙهيل |
| وِديا | علم، پروڙ، فهم، هوش، عقل، سمجهه |
| وديارتي | طالبِ علم، شاگرد |
| وڌ | واڌارو، زيادتي، گهٽائي |
| وڌائڻ | اضافو ڪرڻ، گهڻو ڪرڻ، ڦهلائڻ |
| وڌاءُ | واڌ، واڌارو، زيادتي، واڌ |
| وڌڻ | گهڻو ٿيڻ، زياده ٿيڻ، وڏو ٿيڻ، اُپرڻ، اُسرڻ |
| وڌيل | جوڙ ڏنل، وڏو ٿيل، اُپريل، نسريل |
| وڌيڪ | زياده، گهڻو، سرس، بيحد |
| وڏ ڦڙو | وڏن ڦڙن وارو مينهن |
| وڏ گهراڻو | آسودو، مالدار، خانداني |
| وڏماڻهپائي | شان، مرتبو، وڏو درجو، وڏائي، هَٺَ، تڪبر |

| | |
|---|---|
| وڏ تنيائي | وڏي تنڍي جي وچ ۾ فرق، نياز نوڙت |
| وڏا | ابا ڏاڏا، ٻزرگ |
| وڏاڻ | هتوڙو، لوهه ڪٽڻ جو لوهي اوزار |
| وڏائي | بزرگي، شان، خوبي، چڱائي، مغروري، هٺ، تڪبر |
| وڏائي خور | وڏائي ڪندڙ تڪبر ڪندڙ |
| وڏف | خوشبودار داڻا، پسارڪو وکر |
| وڏو | بزرگ، مکيه، اعلي، اُتم |
| وڏائپ | وڏائي، هٺ، تڪبر |
| وڏو آنڊو | انسان جي هڪ اندروني عضوي جو نالو جيڪو پيٽ اندر ٿئي ٿو. |
| وڏو تپ | مدي جو بخار، ٽائفائيڊ |
| وڏو چوائڻ | پاڻ کي ساراهڻ، تڪبر ڪرڻ |
| وڏو سڏ | وڏو واڪو، وڏو آواز |
| وڏو گوشت | ماهو يا ڳائو گوشت |
| وڏو ڳالهائڻ | گهڻو ڳالهائڻ، رڙيون ڪرڻ، اجايو ڳالهائڻ |
| وڏو ماڻهو | دولتمند، امير، شاهوڪار |
| وڏي دل ڪرڻ | سخي ٿيڻ |
| وڏي سڏ | وڏي واڪي، وڏي آواز سان |
| وڏي ڪنگهه | گهڻي وقت تائين هلندڙ کنگهه |
| وڏيرو | ڳوٺ جو چڱو مڙس، شاهوڪار |
| وڍ | وڍڻ |
| وڍ ڪٽ | چير ڦاڙ جراحي |
| وڍ ڪرڻ | وڍن کي وڍڻ |
| وڍُ | ڦٽ، زخم، چير، ايذاء، غم، گوندر، ڏک |
| وڍ ڏيڻ | چيرڻ، تڪليف پهچائڻ، رنجائڻ |
| وڍ وجهڻ | چيرڻ، ڦاڙڻ، رنجائڻ، ڏکائڻ |
| وڍڻ | ڪپڻ، چيرڻ، ڦاڙڻ |

| | |
|---|---|
| وڏيل | چيرِيل، ڪپيل |
| وڏو وڏهو | نشان، داغ، چير |
| وَرُ | مُڙس، خاوند، گهرواري وراڪو ڦيرو چڪر |
| ور پوڻ | وڪڙ پوڻ، ڦڏو پوڻ |
| ور ڪرڻ | مڙس ڪرڻ، شادي ڪرڻ |
| ور لاهڻ | سڌو ڪرڻ |
| وراثت | ورهايل ملڪيت |
| وراچڊا ايپيرنش | بگڙيل بولي، سنڌي بوليءَ جو پراڻو نالو |
| وراڪو | ڦيرو ورُ وٽ، مروڙ |
| ورانگهه | قدم، وِکَ |
| وراڏو | ڪمرن جي اڳيان ٿيل وڌاءَ |
| وراڻو | پيو دفعو پيو پيرو پيو ڦيرو ڪنهن ڳالهه کي ٻيهر چورڻ يا ڊهرائڻ |
| وراڻ | ورندي، جواب |
| وراڻيون ڏيڻ | ورندي ڏيڻ، جواب ڏيڻ |
| وراڻي ورائڻ | ورندي ڏيڻ، جواب ڏيڻ |
| ورائڻ | ڦيرائڻ، پوئتي موٽائڻ، پنتي موٽائڻ، گهيري ۾ آڻڻ، قابو ڪرڻ |
| وراڻي | موٽائي، واپس، وري (ظرف) |
| وراڻي وٺڻ | واپس وٺڻ، موٽائي وٺڻ |
| ورت | هندن جي روزي جو قسم |
| ورثو | ميراث، مال ملڪيت، سدائين ملندڙ |
| ورجائڻ | جواب ڏيڻ، وري وري پڇڻ |
| ورجائي | ٻيهر، وري وري، تاڪيد سان (ظرف) |
| ورجيس | رواج، رسم، ريت، عادت، اصطلاح |
| ورچڻ | ڪڪ ٿيڻ، بيزار ٿيڻ |
| ورچ | ورهاست، ونڊ، حصو ڀاڱو، ورهاڱو |

| | |
|---|---|
| ورچڻ | ورهائڻ، ونڊڻ، حصا ڪرڻ، ڀاڱا ڪرڻ، ڀتيون ڪرڻ، ورهاڱو ڪرڻ |
| ورد | وظيفو، دائمي ڪم، هر روز جو ڪم |
| وردي | سرڪاري پوشاڪ، ڊريس |
| ورزش | ڪسرت، مشق، چور پور، جسم جي چور قون، جسم جي اٿل پٿل |
| ورزش ڪرڻ | ڪسرت ڪرڻ، مشق ڪرڻ |
| ورسائڻ | خوش ڪرڻ، مدد ڪرڻ |
| ورسڻ | نااُميد ٿيڻ، ٿڪجڻ |
| ورسا | ٿڪيا |
| ورسي | ڪنهن جي موت جو ساليانو ڏينهن |
| ورش | سال، ورهيه |
| ورغلائڻ | ٺڳڻ، ڀرغلائڻ، دوکو ڏيڻ، فريب آڻڻ |
| ورق | پنو، صفحو |
| ورق ڏورڻ | فرق مٽائڻ، ڀيائي ختم ڪرڻ، ڀيائيءَ کي دل مان ڪڍي ڇڏڻ |
| ورڪا | گهور، قربان، وسڪارو |
| ورڪا ڪرڻ | گهورڻ، گهور ڪرڻ، قربان ڪرڻ، وسڪارو ڪرڻ، صدقي ڪرڻ |
| ورڳڻ | ڀڳهڻ |
| ورلاپ | پڪار، دانهن، ڀاڙ |
| ورلاپ ڪرڻ | ڀاڙائڻ، پڪارڻ، دانهن ڪرڻ، آواز ڪرڻ |
| ورلو | اڻلڀ، ٿورو |
| ورلي | ڪڏهن ڪڏهن (ظرف) |
| ورم | ٻلن جي سوڄ |
| ورندڙ | آئيندو، ايندڙ، ٻيو |
| ورندي | جواب، وراڻي |

| | |
|---|---|
| وڙهي مرڻ | ويڙهه ۾ تباهه ٿي وڃڻ، جنگ ۾ مري وڃڻ |
| وڙي | مختلف قسمن جي دالين مان ٺهيل ڪچريءَ وانگر هڪ گندو، جيڪو ڀاڄيءَ طور استعمال ٿئي، جمع وڙيون |
| وزارت | وزيري، وزير جو عهدو، وزير جو ڪم، وزير جي آفيس |
| وزن | تور، ماپ، مقدار |
| وزنائتو | وزن وارو، بيهڪ وارو |
| وزندار | گهڻو وزن، گهڻو ڀار، درست، ٺيڪ |
| وزني | وزن وارو، ڳرو، ڳريءَ اثر وارو |
| وزير | بادشاهه جو صلاحڪار |
| وزيري | وزير جو عهدو |
| وَس | قبضي ۾، هٿ هيٺ، قابو ۾ (ظرف) |
| وَس ڪرڻ | قبضي ۾ ڪرڻ، زبردست ڪرڻ |
| وَسُ ڪرڻ | پوري طاقت هلائڻ، پورو زور هلائڻ |
| وس کان ٻاهر ٿيڻ | بيوس ٿيڻ، طاقت کان ٻاهر نڪري وڃڻ |
| وسئون | وس کان، وس مان، طاقت آهر (ظرف) |
| وسئون نه وڃائڻ | وسئون نه گهٽائڻ، طاقت کان نه گهٽائڻ، پوري طاقت ڪم آڻڻ |
| وَسُ وارو | مرضيءَ وارو، مرضيءَ جو مالڪ |
| وسون نه گهٽائڻ | تمام گهڻي ڪوشش ڪرڻ، زور هلائڻ، وَسُ آهر مدد ڪرڻ |
| وسارڻ | ياد نه ڪرڻ، دل تان لاهڻ |
| وسارو | جيت جو هڪ قسم |
| وِسامڻ | اُجهامڻ، ڍرو ٿيڻ، ٿڪجي پوڻ |
| وِسامي وڃڻ | اُجهامي وڃڻ، ٿڪجڻ |
| وساڻ | هڪ ذات |

| | |
|---|---|
| وسائڻ | آباد ڪرڻ، گذارڻ |
| وسائڻ | بند ڪرڻ، اُجهائڻ |
| وسانجي وڃڻ | ڍرو ٿي وڃڻ، سست ٿي وڃڻ، ڪاهل ٿي وڃڻ، اُجهامي وڃڻ |
| وستار | اُپٽار، ڦهلاءُ، پڌرائي، احوال، بيان |
| وستي | ننڍو ڳوٺ |
| وسرڻ | ڀُلجي وڃڻ، وسري وڃڻ، ڌيان تان لهي وڃڻ |
| وسعت | طاقت، سگهه، شاهوڪاري |
| وسعت وارو | طاقت وارو، سگهه وارو، شاهوڪار |
| وسڪارو | مينهن جو وسڻ |
| وسندي | آبادي، ڳوٺ، ماڻهن جي رهڻ جي جاءِ |
| وسندي ڪرڻ | آباد ٿيڻ |
| وسنئن | آبادي، آباد ٿيل جاءِ، آباديءَ وارو هنڌ |
| وسڻ | ورسڻ، مينهُن پوڻ |
| وسواس | وهم، ڳڻتي، فڪر، انديشو |
| وسواسي | وهمي، اجائي ڳڻتي ڪندڙ شڪي |
| ويساهه رکندڙ | ڀروسي وارو، اعتماد وارو |
| وسوسو | شڪ، گمان، ڊپ، انديشو خيال |
| وسهر | زهريلو |
| وسهڻ | ويساهه رکڻ، يقين هئڻ |
| وسڻ | آبادي واري جاءِ، آباد جاءِ، وسندي |
| وسي | ڳوٺ، ڀهراڙيءَ، ننڍو ڳوٺ |
| وسيع | ويڪرو، ڪشادو، کُليل |
| وسيل | آباد ٿيل |
| وسيلو | ذريعو، آڌار، وسٽو، واسطو |
| وسيلي سان | ذريعي سان، واسطي سان |
| وصال | ملڻ، گڏ ٿيڻ، گڏجڻ، ميل، ملاقات، مرڻ |

| | |
|---|---|
| | وفات ڪرڻ |
| وِصال ڪرڻ | وفات ڪرڻ، فوت ٿيڻ، مري وڃڻ |
| وصف | تعريف، خوبي، خاصيت، بيان |
| وصف بيان ڪرڻ | سمجهاڻي ڏيڻ، خوبي بيان ڪرڻ |
| وصل | ميلاپ، ملاقات، گڏجاڻي |
| وُصول | پهچ، حاصل |
| وُصول ڪرڻ | حاصل ڪرڻ، اڳاڙڻ، وٺڻ |
| وُصول | اوڳاڙ |
| وصيت | مرڻ وقت ملڪيت يا جائداد بابت ڏنل هدايت |
| وصيت نامو | لکيل وصيت، وفات وقت آخري خواهش ظاهر ڪرڻ |
| وضع | شڪل، حالت، دستور، طرز تشريح |
| وضع قطع | شڪل شبيهه |
| وُضو | نماز پڙهڻ کان اڳ پاڪائي جو طريقو جنهن ۾ هٿ، منهن، ٻانهون ۽ پير وغيره ڌوئي صاف ڪجن ٿا |
| وُضو ڪرڻ | نماز پڙهڻ کان اڳ پاڪائي خاطر هٿ منهن وغيره ڌوئڻ |
| وطن | ديس، ڏيهه، ملڪ، ڄمڻ جو هنڌ |
| وطن دوست | ملڪي، ملڪ واسي |
| وطن دوست ٿي هئڻ | حب الوطن هئڻ، ملڪ سان محبت هئڻ |
| حب الوطني | وطن جي حُب |
| وظيفو | روزمره واري عبادت، روزاني عبادت، مقرر ٿيل عبادت |
| وظيفو | پگهار (مقرر ٿيل) |
| وظيفو پڙهڻ | روزانو ڪا عبادت ڪرڻ |
| وعدو | انجام، قول، عهد، اقرار |
| وعده شِڪن | انجام ٽوڙيندڙ عهد ٽوڙيندڙ |

| | |
|---|---|
| وعظ | نصيحت، تبليغ، پرچار |
| وعظ ڪرڻ | نصيحت ڪرڻ، تبليغ ڪرڻ، پرچار ڪرڻ |
| وغيره | ۽ ٻيا |
| وفا | سچائي، ساٿ، حق ادائي، وعدي جي پورائي |
| وفا ڪرڻ | سچائي ڪرڻ، ساٿ ڏيڻ، حق ادا ڪرڻ |
| وفادار | سچو، سچائيءَ سان هلندڙ، پروسي جوڳو |
| وفاداري | سچائي، ايمانداري، نمڪ حلالي |
| وفائي | سچائي، پورائي |
| وفات | رحلت، مرڻ |
| وفات ڪرڻ | رحلت ڪرڻ، فوت ٿيڻ، مري وڃڻ |
| وفاق | ٻڌي، ايڪي اتحاد |
| وفد | سرڪار طرفان مقرر ڪيل ماڻهن جي انجمن، جماعت، بطور ايلچي ٿي وڃڻ |
| وِڦلڻ | بيهودو ڳالهائڻ، آجايو ڳالهائڻ |
| وقار | بُردباري، سنجيدگي، ثابت قدمي |
| وقت | مهل، ڊنو، عرصو، ساعت، گهڙي، مُند، وجهه |
| وقتائتو | وقت تي، مهل تي |
| وقت بي وقت | ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن وقت، ڪنهن مهل |
| وقت تي | مهل تي، مهل سر، ضرورت تي، موقعي مهل |
| وقت تي ڪم اچڻ | ضرورت مهل ڪم اچڻ، موقعي تي ڪم اچڻ |
| وقت ٽپائڻ | گذارو ڪرڻ، ڏکيو سکيو گذارڻ |
| وقت جو يار | مطلبي، فصل ٻٽيرو |
| وقتي | وقت تي، مهل تي |
| وقف | حوالي، خدا جي راهه ۾ ڏنل ملڪيت وغيره |
| وقف ڪرڻ | حوالي ڪرڻ، الله تعاليٰ جي نالي ڪرڻ |
| وقفو | ٿوري دير لاءِ بيهڻ، ٿوري وقت لاءِ ترسڻ |
| وڪالت | وڪيل جو ڌنڌو، وسيلو سفارت |
| وڪالت ڪرڻ | ٻئي جي پاران ڳالهائڻ |

| | |
|---|---|
| وڪالت نامو | مختيار نامو |
| وڪامڻ | وڪرو ٿيڻ |
| وِڪرماجيت | اجين نرتي جو راجا، جنهن جي نالي سان هندن جو سال شروع ٿئي ٿو. |
| وڪرو | وڪامجڻ، نيڪال |
| وڪڙڻ | وڄڙڻ، مُنجهڻ، ڦاسڻ |
| وڪڙ | ڦيرو چڪر، اٽڪل چالاڪي |
| وڪڙ وجهڻ | گهيرو ڪرڻ، ڦاسائڻ |
| وِڪڻ | وِڪرو |
| وڪڻڻ | وڪرو ڪرڻ، مله تي ڪا شيءِ ڏيڻ |
| وڪوڙڻ | ورائڻ، ويڙهڻ، ڦاسائڻ |
| وڪيل | قانون دان، ٻئي جي پاران ڳالهائيندڙ عيوضي |
| وڪيل ڪرڻ | عيوضي ڪرڻ (ڪيس وغيره لاءِ) |
| وڪيلي | وڪالت |
| وِڪ | هِڪ قدم گام ٻرانگهه، جمع وِڪون |
| وِڪ وڌائڻ | قدم وڌائڻ، اڳتي وڌڻ |
| وِڪ کڻڻ | قدم کڻڻ، اڳتي وڌڻ |
| وِڪِر | زهريلو |
| وَکَر | سودي جو سامان، ڦڪِي، سودو |
| وگيان | علم، ڄاڻ سمجهه، معرفت، قابليت |
| وَڳُ | اٺن جو ٽولو اٺن جي قطار، ميڙ |
| وَڳَر | ولر، ٽولو ڏڻ، پکين جو ولر، پکين جو ميڙ، پکين جو گڏجي اڏامڻ |
| وِڳَڙو | اونداهي، ڪاراڻ، رات جو وقت |
| وڳڻ | هڪ ذات |
| وڳڻ | وڄڻ، ٻجا، وقت لاءِ ڪم ايندڙ لفظ، مثال: منجهند جا ٻارهن وڳا آهن. |
| وڳو | پوشاڪ، لباس، ڪپڙن جو جوڙو |

| | |
|---|---|
| ونِاهہ | شاديءَ کان اڳ جي هڪ رسم، ريت |
| ونجهہ | پيڙي هلائڻ لاءِ باسن جي چڙهہ |
| ونجهہ ڏيڻ | پيڙي کي هلائڻ |
| ونجهوتي | راند جو هڪ قسم |
| وندرڻ | رِهاڻ ڪرڻ، تفريح ڪرڻ، مشغول رهڻ، مصروف رهڻ |
| وندر | تفريح، شغل، مشغولي |
| وندرائڻ | خوش ڪرڻ، ريجهائڻ، مشغول رکڻ |
| وِنڌ | بڪ بڪ، بڪي، هُر ڪُر |
| ونڊ | ورهاست، ورچ |
| ونڊڻ | ورهائڻ، حصا ڪرڻ، پاڱا ڪرڻ |
| ونڊ اُپت | ورهايل حصو يا پاڱو اهو درجو يا رقم جيڪو ڪنهن انگ کي ٻئي انگ سان ونڊ ڪرڻ کان پوءِ پيدا ٿئي، مثال: ونڊ اُپت: 2 = 5 ÷ 10 |
| ونڊڻي | ونڊ ٿيندڙ رقم، ورهائڻ واري رقم  ونڊڻي<br>2)10(5<br>10<br>0 |
| ونڊيندڙ | ونڊ ڪندڙ، ورهائيندڙ اها رقم يا انگ جنهن کي ٻئي رقم يا انگ سان ونڊجي، جيئن تہ:<br>5)10(2 ونڊيندڙ<br>10<br>0 |
| وِنس | اولاد، نسل، ٻڇ، پيڙهي |
| ونگ | ڪمان، محراب |
| ونگ وجهڻ | ڦاسائڻ، وڪڙ وجهڻ |
| ونگار | بيگار، مفت وارو ڪم |
| ونگس | عقل وارو، ذهين، سياڻو |

| | |
|---|---|
| وڱگو | اُرنهاري جي مُند جو هڪ ڦلُ، جيڪو تاثير ۾ تمام ٿڌو ٿيندو آهي. ونگي؛ جو هڪ قسم |
| ونٽڻ | ڪيھہ جو ٻوٽو |
| وَڻُ | وڏو ٻوٽو، اُها قدرتي ساوڪ، جنهن کي پاڙون، ٿڙ ۽ ٽاريون ٿينديون آهن. ڪن وڻن ۾ ميوا ته ڪن ۾ وري گُل ٿيندا آهن. جمع وَڻَ |
| وَڻ ٽِڻ | وڻ ٻوٽا، وڻڪار |
| وڻڪار | وڻن جي قطار، وڻن جي جھنڊ |
| وڻ وڃائڻ | لاجواب ڪري ڇڏڻ، پريشان ڪري ڇڏڻ |
| وَڻ وَڃڻ | نقصان پهچڻ |
| وڻ وڻ جي ڪاٺي | مختلف مزاجن جا ماڻهو، مختلف قسمن جا ماڻهو، نمونی نموني جا ماڻهو |
| وَڻت | پسند، مرضي، خيال |
| وڻج | ڏنڌو واپار |
| وڻجارو | واپاري، تجارت ڪندڙ |
| وڻڻ | پسند ڪرڻ، خوش لڳڻ، ڏسڻ ۾ سٺو نظر اچڻ |
| ووڙڻ | ڳولڻ، تلاش ڪرڻ |
| ووڙيو | ڳوليو |
| ووءِ ووءِ | هاءِ هاءِ، افسوس (حرف ندا) |
| ووءِ ووءِ ڪرڻ | هاءِ هاءِ ڪرڻ، افسوس ڪرڻ |
| وِويڪ | سمجھہ، عقل، فهم، شناس |
| وَهہ وَهہ | شاباس، جَس، تمام سٺو |
| وهہ وهہ ٿي وڃڻ | تعريف ٿيڻ، ساراهہ ٿيڻ، شاباس ملڻ |
| وِھُ | زهر |
| وِھُ ٿيڻ | بيزار ٿيڻ، پريشان ٿيڻ |
| وِھُ پيئڻ | زهر پيئڻ، نقصان سهڻ، تڪليف سهڻ |
| وهارڻ | جاءِ ڏيڻ، ڪنهن کي وهڻ لاءِ چوڻ |
| وِهامڻ | گذري وڃڻ، ختم ٿيڻ |

| | |
|---|---|
| وهاڻ | شادي، پرڻو |
| وهاڻو | مٿي هيٺان رکڻ لاءِ گدي |
| وهائڻ | هلائڻ، ڊوڙائڻ |
| وهاڻو تارو | صبح وارو آسماني تارو |
| وهٽ | ڍور، چوپايو مال |
| وهَر | مدد، سهائتا |
| وِهرڻ | پيجارو پوڪڻ، روئبو ڪرڻ |
| وهراج | روئبو |
| وهڙو | ڳاڀو، ننڍي عمر جو ڍانڊ |
| وهڙو ٿيڻ | جوان ٿيڻ |
| وهسڻ | خوش ٿيڻ، سرهو ٿيڻ |
| وهڪ | وهڪرو، وهڻ، وهڪري جي تِکائي |
| وهڪرو | پاڻيءَ جي وهڪ، پاڻيءَ جي تيزي |
| وهلور | حيران، پريشان، غمگين، اُداس، بيقرار |
| وهَمَ | اجايو خيال، شڪُ، فِڪر، وسواس |
| وهمي | وسواسي، شڪي، اجايا خيال دل ۾ آڻيندڙ |
| وهنجارڻ | تڙ ڪرائڻ، غُسل ڪرائڻ |
| وهنجڻ | تڙ ڪرڻ، غُسل ڪرڻ |
| وهندڙ | وهڻ وارو، هلندڙ |
| وهندڙ پاڻي | هلندڙ پاڻي، وهڻ وارو پاڻي |
| وهندڙ | تکڙ، جلدي (ظرف) |
| وهنوار | ڏيتي ليتي، رواج، ڏي وٺ، ڌنڌو |
| وهڻ | هلڻ، جاري هجڻ |
| وهڻي | ويهڻ جو طريقو |
| وهي اچڻ | لنگهي اچڻ |
| وهي وڃڻ | هليو وڃڻ، نڪري وڃڻ، ڪنهن جي مدد ڪرڻ |
| وئِد | طبيب |
| وئدڪ | علمِ طب |

| | |
|---|---|
| وڻش | آريا قوم جي چئن ذاتين مان هڪ ذات |
| وڻن | بيزار، تنگ |
| وِيءَ وسائڻ | واپار ڪرڻ |
| وياج | اوڌر تي ورتل رقم تي بي رقم، سُود |
| وياج خور | وياج کائيندڙ |
| وياڪرڻ | ٻوليءَ جو قاعدو، گرامر، ڪليل سمجهاڻي |
| وياڪُل | حيران، پريشان، مصيبت ۾، بي آرام، مونجهارو |
| وياڻهن | شادي |
| ويٽر | تمام گهڻو اچا بہ وڌيڪ (ظرف) |
| ويٽو | گول ويڙهو ڪا گول ويڙهيل شيءِ |
| ويٽ پٽي | اشتقاق وارو |
| ويٺل | رهندڙ، رهاڪو |
| ويٺو | ويهڻ جو زمان ماضي قريب |
| ويج | مرض کي سڃاڻيندڙ چاڻو طبيب |
| ويجَهہ | واڙ، پکيڙ |
| ويجهو | نزديڪ، قريب |
| ويجهو وڃڻ | نزديڪ وڃڻ، قريب وڃڻ |
| ويچار | خيال، سوچ، غور |
| ويچارڻ | سوچڻ، جاچڻ، غور سان ڏسڻ |
| ويچار ڪرڻ | غور ڪرڻ، سوچڻ |
| ويچارِي | سوچيندڙ، غور ڪندڙ |
| ويچاريل | سوچيل |
| ويچاريندڙ | غور ڪندڙ، خيال ڪندڙ |
| ويچارو | لاچار، بيوس، جنهن جو ڪو وسيلو نہ هجي |
| ويچارا ڪيڻ | چپاڙا ڪيڻ |
| ويچو | وچوٽي، فرق، تفاوت |
| ويچا رکڻ | پري رهڻ، تعلق نہ رکڻ، لاڳاپو نہ رکڻ |
| ويچا وجهڻ | فساد ٻهلائڻ، فتنو پيدا ڪرڻ، فتنو وجهڻ، دشمني |

| | |
|---|---|
| | ڦهلائڻ |
| ويڊ | هندن جو هڪ مذهبي ڪتاب |
| ويڊ | علم، ڄاڻ، سمجهه، عقل، فهم |
| ويدڪ | حڪمت، يوناني علاج ڪندڙ |
| ويدانت | ڄاڻ، علم، عقل، سمجهه، فهم |
| ويڌن | ظلم، بي انصافي |
| ويڙ | مهل، موقعو |
| ويڙ | سمنڊ جي ڇاڙهه |
| وير | دشمني، ڪينو، حسد، ساڙ، بُغض |
| ويرپو | ڪينو، دشمني، ساڙ، حسد |
| ويري | دشمن |
| ٻير | بهادر، سورهيه، پهلوان |
| ٻيرتا | بهادري، سورهيائي |
| ويراڳ | دنيا کي ترڪ ڪرڻ، فراق، عشق، مڙنٿ ويراڳڻ |
| ويراڳي | دنياوي خواهشن کان پري، پرهيزگار، عاشق |
| ويران | برباد، اُجڙيل، ڪنڊر، پريشان، غير آباد |
| ويران ٿيڻ | تباهه ٿيڻ، برباد ٿيڻ |
| ويرانو | غير آباد جاءِ، شڄو |
| ويراني | تباهي، شڄ |
| ويرم | وقت، مهل، ٿورو وقت |
| ويڙهه | جنگ، لڙائي |
| ويڙهاڪ | جنگجو، لڙائي ڪندڙ، وڙهندڙ |
| ويڙهاڪو | وڙهندڙ، سورهيه، بهادر |
| ويڙهو | ويڙهاڪ، وڙهندڙ، جنگجو |
| ويڙهه | گهاٽو جهنگ، ٻيلو، گهاٽا وڻ |
| ويڙهه | زيور جو هڪ قسم |
| ويڙهيچو | مارو ماڻهو، جهنگ ۾ رهندڙ، سانگي، مالوند |
| ويڙهائڻ | جهيڙو ڪرائڻ، جهگڙو ڪرائڻ |

| | |
|---|---|
| ويڙهڻ | وڪوڙڻ، ڀڏڻ، بند ڪرڻ |
| ويڙهو | ڪٽنب، خاندان، جاءِ |
| ويڙهي جهپ | ٽر جي هڪ ٻوٽ جو نالو |
| ويڙهيچو | ٻڙنائي |
| ويس | پوشاڪ، لباس، ڪپڙا |
| وسارو | ڀُل، غافل، ويسر |
| ويساک | هندي سال جو مهينو |
| ويساهه | ڀروسو اعتبار، يقين |
| ويساهه گهاتي | ٺڳي، فريب، بي ايماني |
| ويساهه هجڻ | اعتبار هجڻ، ڀروسو هجڻ |
| ويسڻ | پاڻيءَ جي جانور جو هڪ قسم |
| وِيسر | هڪ ذات |
| ويسر | ڀولو وسري وڃڻ |
| وِيسي | خرچ، حساب ڪتاب |
| ويش | هندن جي هڪ فرقي جو نالو |
| ويشنو | هندن جي هڪ فرقي جا ماڻهو جيڪي گوشت يعني ڪو ماس وغيره نه کائين. |
| ويڪر | موڪرائي، ڪشادگي |
| ويڪراڻ | ويڪر، ويڪرائي |
| ويڪرائي ڦاڪ | جاگرافيءَ ۾ ويڪر جي هڪ خيالي ليڪ |
| ويڪرائي گهيرا | خطِ استوا سان ساڳي وڇوٽيءَ يا مفاصلي تي قطبن ڏانهن ويندڙ گهيرا يا خيالي ليڪون |
| ويڪرو | ڪشادو، کُلاسو، ڊرو، ڍلو |
| ويڪرو تي ويهڻ | ڪشادو تي ويهڻ |
| ويڪري ڪنڊ | اها ڪنڊ جيڪا 90 درجن کان وڌيڪ ۽ 180 درجن کان گهٽ هجي. |
| ... | بهار جي مُند، خوبصورت عورت، نازنين ڪُمار |

| | |
|---|---|
| ويڳاڻو | ڌاريو پرائو بيگانو اُداس |
| ويڳي | ڌاري، پرائي |
| ويڳيو | غير، پرديسي، ڌاريو |
| ويلَ | مهل، وقت، موقعو |
| ويلَ نہ وڃائڻ | ضرورت وقت ڪم اچڻ، موقعي تي مدد ڪرڻ |
| ويل وڃائڻ | وقت وڃائڻ، مهل وڃائڻ |
| ويلُ | ظلم، تهر، تڪليف |
| ويلُ ڪرڻ | ظلم ڪرڻ، ڏک ڏيڻ |
| ڦيلُ | روانو ٿيل |
| ويلڻ | سختيءَ کي ڦنهن ڏيڻ |
| ويلو | وقت، مهل، مانيءَ جو هڪ وقت |
| ويلا ٽارڻ | وقت ٽپائڻ |
| ويلا ڪيڻ | ٻکون ڪاٽڻ، ٻکون ڪيڻ |
| ويلو ڪاٽڻ | هڪ وقت جي ٻک ڪاٽڻ، هڪ ويلو ٻک ڪيڻ |
| ويِلو | پيٽ جو سخت سور |
| ويِهو | هتا ستا، واپار |
| ويهَ | هڪ [illegible] جو نالو |
| ويهن ٿنهن جو زور ڏيڻ | تمام ٽهٽي ڪوشش ڪرڻ، حيلا ڪرڻ |
| ويهڪ | بيٺڪ، ويهڻ جي حالت |
| ويهلو | صبح سوير، جلدي ٿرت |
| ويهون | سلسلي ۾ ويهون نمبر |
| ويهان | گهٽيون، ڪوڙين |
| ويٺيون | منٺون |
| ويهارڻ | هيٺ ڪرڻ ضد آٿارڻ |
| وِيہ | وڪر، نيڪي، هُنر، علم |
| وي وهائج | واپار ڪر، سودو ڪر |
| ويۂ وهائڻ | واپار ڪرڻ، سودو ڪرڻ |

## (ھ)

| | |
|---|---|
| ھ | سنڌي الف – ب جو پنجاھون نمبر اکر |
| ھا | ھائو برابر، ائين (حرف جملو) |
| ھابُ | ھھڙو جيان، وانگر، جيئن: روئڻ ھاب، کلڻ ھاب |
| ھا ڪرڻ | ھائو ڪرڻ، قبول ڪرڻ، ھا چوڻ |
| ھابيل | حضرت آدم عليه السلام جي پٽ جو نالو |
| ھاتِف | غيبي آواز |
| ھاتِڪ | داناءُ، ڏاھو، سمجھدار، عاقل، تجويز وارو |
| ھاتي | جھنگلي جانور جو ھڪ قسم، ڊگھي سونڊ وارو جانور |
| ھاج | پورھيو، ڪم، ڌنڌو |
| ھاجو | ظلم، نقصان، ھلاڪت، عذاب، تڪليف، حرڪت |
| ھاڄو | نقصان پھچائيندڙ، ڇيھو رسائيندڙ |
| ھادي | ھدايت ڪندڙ، سڌو رستو ڏيکاريندڙ، مُرشد |
| ھارَ | شڪست |
| ھارُ | ڪنڌيءَ ڳچيءَ ۾ پائڻ جي مالا (گُلن جي)، زيور جو ھڪ قسم |
| ھارِ | ھاريءَ آھان آھر، آڏي، وھيٽي |
| ھار | واسطي، لائق، آسري |
| ھار سينگار | بدن جي ناھ نوھ |
| ھاريو | ھاريءَ جو ڪم |
| ھارپ | کيتي ٻاڙيءَ ڪڙمت، ھاريءَ جو حصو |
| ھارڻ | ڪا پنڙي شيءِ ھيٺ ڪيرائڻ |
| ھارڻ | وڃائڻ، ڪنھن راند ۾ ھارائڻ يا شڪست کائڻ |
| ھارَ | شڪست، پاڄ |
| ھارائڻ | شڪست کائڻ، مات کائڻ، جُوئا ۾ ڪا شيءِ وڃائڻ |
| ھارجڻ | شڪست کائڻ، بي ھمت ٿيڻ |

| | |
|---|---|
| هَبس | گهٽ، ٻوساٽ |
| هُبڪار | سٺي خوشبوءِ |
| هبڪارو | سرهاڻ واري هوا، دل کي وڻندڙ هوا |
| هُبڪاري | سرهي، خوشبوءِ واري، خوشبوءِ دار |
| هبڪڻ | ڳالهائڻ ۾ اٽڪڻ، ڳالهائڻ وقت اٽڪاءُ ٿيڻ |
| هَبڪ | ڳالهائڻ ۾ اٽڪ |
| هَبوچي، هَنبوچي | ناچ جو هڪ قسم |
| هِتِ | هن هنڌ تي، هتي (ظرف) |
| هِتان | هن هنڌ کان، هن هنڌان، هِتون (ظرف) |
| هِتانهون | هن هنڌ کان، هتان (ظرف) |
| هتانهين | هتان، هن هنڌان (ظرف) |
| هتئنن | هن هنڌ کان، هتان کان، هتون (ظرف) |
| هِت | هِتي، هن هنڌ تي |
| هِتِ هُتِ | هيڏانهن هوڏانهن، اوسي پاسي (ظرف) |
| هُتان | هن هنڌ کان، اتان (ظرف) |
| هُتانهون | هن هنڌان، اُتان (ظرف) |
| هِتڙي | هِن جاءِ تي، هِتي (ظرف) |
| هُتڙي | هُن جاءِ تي، هُتي (ظرف) |
| هُتي | هُن هنڌ، هُن جاءِ (ظرف) |
| هِتي | هِن هنڌ، هِن جاءِ (ظرف) |
| هَتر | ڊپ، خوف، پڻ فڪر |
| هَتڪ | بي عزتي |
| هَتو تتو | ڏينهن تتل جو آيل |
| هَٿُ | بدن جو هڪ عضوو |
| هَٿُ | مدد، سهائتا، واسطو، تعلق |
| هٿ اٽڪائڻ | جهيڙو ڪرڻ، جهڳڙو ڪرڻ |
| هٿ اچڻ | ملڻ، قبضي ۾ اچڻ |
| هٿاڙي | هَٿ جي تِري |

| | |
|---|---|
| هٽ ڦنجهڻ | مفلسي ۾ مبتلا ٿيڻ، غريب ٿيڻ، ضرورت ۾ پوڻ |
| هٽ مهٽڻ | افسوس ڪرڻ، ارمان ڪرڻ، ڏک ڪرڻ، پڇتائڻ، پشيمان ٿيڻ |
| هٽ ۾ هُئڻ | وس ۾ هُئڻ، قبضي ۾ هُئڻ |
| هٽ نہ اچڻ | هٿ نہ لڳڻ، نہ ملڻ، حاصل نہ ٿيڻ |
| هٿن پيرن کي مينديءَ لائي ويهڻ | نڪموٽي ويهڻ، بيڪار ٿي ويهڻ، سست ٿي ويهڻ |
| هٿن جو پار | ننڍي عمر جي پار کان ننڍو |
| هٽ نہ ڦنجهڻ | پئسي جي تنگي نہ ڏسڻ |
| هٿو | هٿ، هٿ |
| هٿ وٺڻ | مدد ڪرڻ، سهارو ڏيڻ |
| هٿون هٿ | پنهنجي سر، خود، هٿن سان |
| هٿ هٿ ۾ | تمام ويجهو قريب، نزديڪ |
| هٿ هٿڻ | پڇتائڻ، ارمان ڪرڻ |
| هٿ هيٺ رکڻ | قبضي ۾ رکڻ، زيردست بنائڻ |
| هٿيڪو | محفوظ، امان ۾، سلامت |
| هٿيڪو ڪرڻ | قابو ڪرڻ، سوگهو ڪرڻ |
| هٿين پوڻ | وڙهڻ، جهيڙو ڪرڻ |
| هٿين پيرين پوڻ | عرض ڪرڻ، التجا ڪرڻ، معافي وٺڻ |
| هٿوڙو | ٿورڪو |
| هٿوڙي | ننڍو ٿورڪو |
| هٿي | مدد |
| هَٿي ڏيڻ | مدد ڪرڻ، واهر ڪرڻ سهائتا ڪرڻ |
| هٿيار | جنگ جو اوزار |
| هٿيار ٻڌڻ | لڙائيءَ لاءِ تياري ڪرڻ |
| هَٽُ | ننڍو دُڪان |
| هٽائڻ | پُٺتي ڪرڻ، واپس ڪرڻ |
| هَٽُ | غرور، وڏائي، نهٺائي |

هٺ ڌرمو — ڪٽرپڻو، ڪينو، بُغض، تعصبي
هٺ ڪرڻ — وڏائي ڪرڻ، تڪبر ڪرڻ، غرور ڪرڻ
هٽ — هار کي مات ڪرائڻ لاءِ ڏڪي ۾ ڊيڄارڻ طور هٿ يا هٿ چوڻ
هٺيلائي — وڏائي، تڪبر، گهمنڊ
هُڄَ — اُميد
هجائتو — اميد رکندڙ، آسروند
هُجائتي — اميد رکڻ وارو، آسري واري
هِجر — جدائي، فراق، وڇوڙو
هجرت — لڏي وڃڻ، هڪ شهر يا ملڪ کان لڏي وڃي ٻي جاءِ تي رهڻ
هجري سال — حضرت محمد ﷺ جڏهن مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪئي، تڏهن کان هجري سن شروع ٿيو.
هجڻ — ڪنهن شيءِ جي موجودگي، حاضر هئڻ، موجود هئڻ
هُجوم — گوڙ، ماڻهن جو ميڙ، انبوهه
هِجي — اکرن کي اعرابون ڏئي پڙهڻ
هِجي ڪرڻ — اکرن کي اعرابون ڏئي ڳنڍي پڙهڻ اکرن کي زير، زبر ۽ پيش وغيره ڏئي پڙهڻ اکرن کي شد ۽ مد سان پڙهڻ)
هَڄُ — بيزار، ٿڪل
هَڄُ ٿي پوڻ — ٿڪجي پوڻ
هَچا — مصيبت، تڪليف، آهنڄُ
هِچڪي — هڏڪي، لوڏو
هدايت — رهنمائي، رهبري، نصيحت
هدايت ڪرڻ — رهنمائي ڪرڻ، نصيحت ڪرڻ
هدايت نامو — هدايت جو ڪتاب، نصيحت نامو
هُدو — اجازت، موڪل، اختياري، اختيار نامو وظيفي لاءِ ڏنل اجازت

هَديہ — سوکڙي، تحفو

هَڏِ — ڪڏهن بہ، اصل، هرگز (ظرف)

هَڏهين — سدائين، هميشہ

هَڏُ — هَڏو لڳڻ، بدن پر ڪنڊو

هَڏُ — عادت

هَڏُ — پيارو گهڻگهرو سڄڻ

هَڏ پڳل — محنتي، جفاڪش، محنت ڪندڙ

هَڏ ڏوکي — همدرد، ٻئي جو خيال ڪندڙ ٻئي جو خيال رکندڙ محنتي، سار سنڀال لهڻ وارو

هَڏ رَکو — ڪم چور، ڪم کان ٽٽائيندڙ سُست

هَڏ ڳنل هئڻ — محنتي هئڻ، پورهيت هئڻ، اورچ هئڻ

هَڏ ڳسائڻ — سخت محنت ڪرڻ

هَڏ ڳڏ پڃڻ — تمام گهڻي مار ڪيڻ، سخت مار ڏيڻ

هِڏڪو — خيال، آسرو

هِڏڪي — هچڪي، لوڏو نڙيءَ مان اچانڪ آواز نڪرڻ

هڏڪي ٿيڻ — ياد پوڻ

هَڏو — بدن جي اندر پٽر جيان سخت ٽڪر، جنهن مٿان گوشت يا ماس وغيره ٿئي

هَر — سڀ، سڀ ڪو، سيڪي

هر بار — بار بار، وري وري، بيهر، گهڙي گهڙيءَ، هر وقت، نِت نِت، سدائين، هر دفعي

هر جاءِ — هر هنڌ، جتي ڪٿي (ظرف)

هَرجائي — هر هنڌ حاضر، گهمندڙ ڦرندڙ

هَرجِنس — سڀ نمونو هر نمونو هر رنگ

هر دلعزيز — هر ڪنهن کي پيارو سيڪي جو پيارو سڀ کي وڻندڙ

هَردم — هر وقت، هر گهڙيءَ، هَر هَر (ظرف)

هَر روز — روزانو ڏهاڙي، روز روز، ڏينهون ڏينهن

| | |
|---|---|
| هَر صُورت | هر حالت، هر قسم، هر طرح |
| هر طرح | هر نموني، هر رنگ (ظرف) |
| هرَ طرف | هر پاسي، چئني پاسي (ظرف) |
| هر گهڙي | هر وقت، هر مهل (ظرف) |
| هرهڪ | هرڪو هرڪوئي، هڪ هڪ |
| هَرَ | ٻني کيڙڻ جو هڪ اوزار |
| هَر ٻڌڻ | ٻنيءَ لاءِ تيار ٿيڻ |
| هَر ڏيڻ | زمين کيڙڻ |
| هُرڪُر | نڪر، ڳلتي |
| هرات | علائقي جو نالو |
| هُرِبو | ميٽي، ٻوٽي جو ٻج |
| هَرج | نقصان، خسارو ڇيهو، تڪليف |
| هرجاٽو | نقصان، ٽوٽو |
| هِرک | ڪپڙي جو هڪ قسم |
| هرڪڻ | دل موهجڻ، دل سرڪي وڃڻ، ڇڪي اچڻ |
| هرڪائڻ | لالچائڻ، موهت ڪرڻ |
| هرڪجڻ | موهجڻ، راضي ٿيڻ |
| هَرگز | بنهه، ڪنهن به صورت ۾، اصل (ظرف) |
| هُرلو | نار جو هڪ قسم، چَرخو |
| هُرڻچ | پرت جو هڪ قسم |
| هَرمل | ٻوٽي جو هڪ قسم |
| هَرڻ | جانور جو هڪ قسم (هرڻ جا ڪيترا ئي قسم ٿين ٿا). |
| هِرڻ | نهي وڃڻ، عادت پوڻ |
| هَروڀرو | اجايو، خوامخواهه، بنا سبب |
| هَري | آهستي، هوريان (ظرف) |
| هري هري | هوريان هوريان، آهستي آهستي، آرام سان (ظرف) |
| هَرِي | هندن جي هڪ اوتار جو نالو |
| هُرِي | سوڙهي جاءِ، تنگ جاءِ، ننڍي جاءِ |

| | |
|---|---|
| هريڙ | دوائن ۾ ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر. |
| هَريو | سرسبز، آباد |
| هَريو ڀريو | آباد ٿيل، خوشحال |
| هَريو ڀريو گهر | آباد ٿيل گهر، خوشحال گهر |
| هَڙ | ڳنڍ، ٿيلهو ڀري |
| هڙ | ملڪيت، سرمايو مُوڙي |
| هڙ پلئہ پوڻ | ڪجهه حاصل ٿيڻ |
| هڙئي، هڙيئي | سيئي، سڀ، سمورو |
| هَڙَپ | ڏاٽ، هوڙ |
| هَڙپ | ڳيت |
| هڙپ ڏيڻ | ڳيت ڏيڻ |
| هڙپ ڪرڻ | سڀ ڪجهه کائي وڃڻ، غبن ڪرڻ |
| هُڙهو هُڙي | ننڍڙي ٻيڙي |
| هُڙهي، هُڙي | وٽڪار وٽن جو جهڳٽو |
| هزهائينس | هڪ قسم جو لقب |
| هزار | هڪ عدد جو نالو(1000) |
| هزارين | هزارن جي تعداد ۾ |
| هزاري | قيمتي، وڏي مُلهہ وارو، فوجي لشڪر ۾ هڪ هزار سپاهين جي مٿان عهديدار |
| هزارين | تمام گهڻا، بيشمار |
| هزارين هزار | انداز کان ٻاهر، تمام گهڻا |
| هزارين حيلا ڪرڻ | تمام گهڻيون ڪوششون ڪرڻ |
| هَسُ | زيور جو هڪ قسم جيڪو عورتون ڳچيءَ ۾ پائين |
| هِسِي | وڏائي، هَٺ، تڪبر، معذوري |
| هَستي | وجود، ڪائنات، عالم، دنيا، جهان، دٻدٻو شان |
| هَسوار | گهوڙي سوار |
| هشام | ماڻهن جو ميڙ، خلق |
| هُشِي | ڇرج، ٻج |

| | |
|---|---|
| هضم ٿيڻ | حل ٿيڻ، کاڌي جو پيٽ ۾ ڳري وڃڻ |
| هضم ڪرڻ | معدي ۾ کاڌو حل ڪرڻ |
| هضم ڪرڻ | هڙپ ڪرڻ، پرايو مال کائڻ |
| هَفت | ست (فارسي لفظ) |
| هفتو | ست ڏينهن |
| هفتيوار | هفتي هفتي |
| هُڪُ | ميخ، ڪوڪو، لوھ جو موڙيل ٽڪر، هُڪُ اڪثر هن صورت ۾ ٿئي ٿو: ? ؟ |
| هِڪُ | هڪ جو عدد، هڪ جو انگ، واحد، هڪڙو اڪيلو |
| هڪ ٻئي ۾ | پاڻ ۾ |
| هڪ "ا": ڪر | هڪ هنڌ، هڪ جاءِ |
| هڪ ٿيڻ | پاڻ ۾ ڀڏي ڪرڻ |
| هِڪ ٽَنگو | منڊو، هڪ ڄنگھ وارو |
| هڪ جهڙائي | ساڳيائي، ساڳي صورت، برابري، مساوات |
| هڪ جهڙو | ساڳي ئي قسم جو ساڳي نموني جو |
| هڪ جيڏائي | برابري |
| هڪ جيڏو | هم عمر، برابر |
| هڪدم | يڪدم، جلدي، ترت (ظرف) |
| هڪ رَت | مٽ مائٽ، رشتيدار |
| هڪ رقمي | علم رياضي ۾ حساب جو هڪ قسم |
| هڪ ڳالھ ڪرڻ | هڪڙو ئي قول ڪرڻ |
| هَڪڙا | هڪ ذات |
| هِڪڙي تند | هڪڙو پَٽُ، هڪ ئي پٽ، فقط هڪ پَٽُ |
| هَڪل | وڏو سڏُ، دٻدٻي وارو سڏ، رڙ |
| هَڪل ڪرڻ | خبردار ڪرڻ، هوشيار ڪرڻ، دٻائڻ |
| هڪلڻ | ڪاهڻ، ڊوڙائڻ، تڙڻ |
| هَڪو ٻڪو | حيران پريشان، واتڙو |
| هَڪِيو | حاضر، موجود، اڳيان |

| | |
|---|---|
| هِڪِي | ٻڙي |
| هُڳا، هڳاءُ | سٺي خوشبوءِ، وڻندڙ خوشبوءِ |
| هِڳ | هڪ وڻ جو ڪوڏر، جيڪو دوا طور ڪم اچي |
| هنگورجا | هڪ ذات |
| هُلُ | گوڙ گهمسان، شور، لَڙُ، مشهوري |
| هَلُ | اڳتي ٿيءُ، چُرُ، حرڪت ڪر (امر) |
| هُلاچو | گوڙ شور |
| هُل هُلاچو | گوڙ گهمسان |
| هلال | پهرين تاريخن جو چنڊ |
| هَلائڻ | ڪاهڻ، هڪلڻ، اڳتي ڪرڻ، چورڻ، حرڪت ۾ آڻڻ |
| هُلائڻ | مشهور ڪرڻ، عام ڪرڻ |
| هَلت | هلڻي چلڻي، رسم رواج، برتاءُ |
| هَلت چلت | رسم رواج، هلڻي چلڻي، اُٿ ويهه، اٿڻي ويهڻي |
| هَلچل | تحريڪ، محنت |
| هلڪائي | گهٽ بار |
| هَلڪو | گهٽ وزن وارو، گهٽ بار وارو |
| هلڪڙائي | ترڙائي، ترڙاٽپ، اُڀرائي |
| هلڪو ٿيڻ | ترڙو ٿيڻ، ترڙاٽپ ڪرڻ، اُڀرو ٿيڻ |
| هَلندي | ڀِچ، سگهه، طاقت |
| هلندي ڦڄندي | وَسُ، طاقت، زور، ڦڄندي |
| هلندي ڦڄندي وارا | وَس وارا، طاقت وارا، ڦڄندي وارا، ڀِچ وارا، امير، شاهوڪار، دولتمند |
| هلڻي | هلڻ جو نمونو، هلڻ جو طريقو |
| هُلڻ | عام ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ، پڌرو ٿيڻ |
| هَم (فارسي) | ساڳيو، اهڙو ئي، ان جهڙو |
| هَم آواز | ساڳيو آواز |
| هَم جنس | ساڳي ئي جنس وارو، ساڳيا |
| همر چورس | اُها شڪل يا ايراضي، جنهن جي ماپ چئني پاسن |

| | |
|---|---|
| | ڪان هڪ جيتري مجي |
| همدرد | هڏڏوکي، ڏکي وقت ۾ ڪم ايندڙ |
| همدردي | ڏک سک ۾ شريڪ ٿيڻ واري حالت، ڪنهن جي ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ، ڪنهن جي مدد ڪرڻ |
| همدم | هر وقت ساٿ نڀائيندڙ دوست |
| هَم ذات | ساڳي ذات وارو ساڳي ئي قبيلي وارو |
| هم راز | حال ڀائي، گهاٽو دوست، هم خيال |
| هَم راهه همراهه | گڏ مسافري ڪندڙ مددگار |
| همراهي | مددگاري، دوستي، مدد |
| هم رنگ | ساڳي رنگ وارو |
| هم زبان | ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ |
| هم ساز | هڪ صلاح ٻنا ڪنهن اختلاف جي |
| هَمسر | هڪ جيڏو هم عمر |
| هَمسفر | گڏ سفر ڪندڙ گڏ مسافري ڪندڙ |
| همعصر | ساڳئي زماني جو ساڳي وقت جو |
| هم قدم | ساٿ نڀائيندڙ شريڪ |
| هم نام | هڪ جهڙي نالي وارو |
| هموار | برابر، سنئون سڌو هڪ جهڙو |
| هموار ڪرڻ | برابر ڪرڻ، سڌو ڪرڻ |
| هموزن | ساڳي تور وارو |
| هم وطن | ساڳي ملڪ وارو ملڪي، هڪ ديس جو |
| هم ڪلام | پاڻ ۾ ڳالهائيندڙ |
| هم مذهب | ساڳي مذهب وارو |
| هُما | پکيءَ جو قسم هڪ خيالي پکي |
| هِماليہ | جبل جو نالو |
| همام دستو | لوهه جو اکرو ۽ مهرو |
| هُمايون | هڪ بادشاهه جو نالو (اڪبر بادشاهه جي پيءُ جو نالو)، جيڪب آباد ۽ شڪارپور جي وچ ۾ هڪ |

| | |
|---|---|
| | ٺٽيڙي شهر جو نالو جتي ميان عبدالغفور همايوني جي مزار آهي. |
| هِمت | بهادري، دليري، جرئت، پڪو خيال |
| همتائتو | جرئت وارو، طاقت وارو، دليريءَ وارو |
| همت سارڻ | جرئت ڪرڻ، دل ٻڌڻ، بهادري ڪرڻ |
| همت هارڻ | ٻزدل ٿيڻ، بي دليو ٿيڻ |
| همتائڻ | جرئت ڏيارڻ، زور وٺائڻ |
| همزه | متحرڪ اکر، متحرڪ الف (ء) |
| هَمَه | سڀ، جُملي، سيئي (صفت) |
| هَميا | احسان، ڀلائي، ڀاڄ |
| هميراڻي | هڪ ذات |
| هميشه | سدائين، دائمي، سدا، مدام |
| هميشگي | بقا، هميشه واري، دائمي، حيات ابدي |
| هِنَ | انهيءَ، هِي، هيءُ، اها (ضمير) |
| هُنَ | هُو آهو، آها (ضمير) |
| هنبوڇي | جُهمر جو هڪ قسم، ناچ |
| هَنج | جهولي، گود |
| هنج | ڳوڙهو اکين مان نڪتل پاڻي، لُڙڪ |
| هنج ڪڍڻ | گود ۾ کڻڻ، جهولي ۾ کڻڻ |
| هنجون هارڻ | ڳوڙها وهائڻ، لُڙڪ وهائڻ، روئڻ |
| هنجُ | پکيءَ جو هڪ قسم |
| هَنجر | پکيءَ جو هڪ قسم |
| هَنجَهه | جهولي، گود |
| هِندُ | حضرت حام جي پٽ جو نالو (حضرت حام حضرت نوح عليه السلام جو پٽ هو). |
| هندستان | مُلڪ جو نالو |
| هندستاني | هندستان جو رهاڪو |
| هِندي | هڪ ٻوليءَ جو نالو |

| | |
|---|---|
| هنڌاٺو | ميوي جو هڪ قسم، جيڪو گرميءَ جي مُند ۾ ٿئي ٿو چانهين |
| هِندو | هندو ڌرم جو ماڻهو |
| هندکو | هندن جو |
| هندواڻي | هندو عورت |
| هندورو | پينگهو جهولو |
| هندوڪش | هڪ جبل جو نالو |
| هَنڌ | جاءِ، ماڳ، جڳهه، وڇاڻو بسترو |
| هنڌائتو | پوري جاءِ وارو جاءِ وارو |
| هنڌين ماڳين | هر جاءِ تي، هر هنڌ |
| هنڍائڻ | استعمال ڪرڻ، ڪتب آڻڻ، پهرڻ |
| هُنر | ڪاريگري، ڪم، فن، مهارت |
| هنرائتو | هنر وارو هنر جو ڄاڻندڙ |
| هُنري | هنر وارو هنرمند |
| هَنس | هنجُ پکي |
| هَنِسا | ظلم، ڏاڍ، جبر، ويڙهه |
| هَنگار | اُبهرائي، تکڙ، جلدي |
| هنگارڻ | هڪلڻ، ڪاهڻ |
| هَنگامو | گوڙ گهمسان، فساد، فتنو |
| هنگامي | فسادي، گوڙ ڪندڙ |
| هنگلاج | فقيرن جي هڪ زيارت گاهه جيڪا هڪ جبل ۾ آهي |
| هِنگُ | هڪ پسارڪو وکر |
| هنگورا | هڪ ذات |
| هنگورجا | هڪ ذات |
| هَنو | گهوڙي تي سواريءَ وقت رکيل ڪان جو هڪ چونڪو |
| هنومان | باندرن جو سردار، نيست نابود ڪندڙ |
| هنياءُ | دل، من |
| هِنئون | دل، من، هنياءُ |

| | |
|---|---|
| هِٽڪڻ | گهوڙي جو آواز، گهوڙي جي دانهن، هٽڪارڻ |
| هِٽڪار | گهوڙي جو آواز، هٽڪ |
| هَن ڪڻ | نانگ جو هڪ قسم |
| هٿنديءَ ماريندي | ڏاڍي ڪوشش سان |
| هٿ ۾ هنڊ ڪرڻ | مقصد حاصل ڪرڻ |
| هَڻ هٿان | جدوجهد، محنت، تڪليف |
| هُو | حق جو آواز، حق، اُهو (الله تعاليٰ) |
| هوا | واءُ، ڦُوڪ |
| هوا باز | هوا ۾ اُڏامندڙ |
| هوا بدلائڻ | هوا تبديل ڪرڻ |
| هَوا جو داٻ | هوا جو زور |
| هوادار | کليل، ڪشادو |
| هوا کائڻ | کليل يا ڪشادي ميدان ۾ گُهمڻ ڦرڻ، واءُ کائڻ |
| هوا لڳڻ | واءُ لڳڻ، زماني جي حالتن ۾ تبديلي اچڻ، ڦيرو اچڻ |
| هوائي | هوا ۾ اڏامندڙ، هوادار |
| هوائي جهاز | هوا ۾ اُڏامندڙ جهاز |
| هوائي خبر | افواهه، بي بنياد ڳالهه، اجائي ڳالهه |
| هُوبهُو | هم شڪل، ساڳيو، انهيءَ جهڙو (ظرف) |
| هوتُ | وَرُ، مڙس، خاوند، دوست، سڄڻ |
| هوتن هاٺي | دوستي جي عشق ۾ گرفتار ٿيل |
| هُوتُ، حوت | مڇيءَ جو قسم |
| هُوترو | بي ڌياني حرڪتي بار، بي خيالو |
| هُود | پکيءَ جو هڪ قسم |
| هودي | پاڻيءَ جي ننڍڙي کَڏ |
| هوڏ | تڪبر، وڏائي، هَٺُ، مغروري، ضد |
| هوڏانهن | هُن طرف (ظرف) |
| هوڏانهون | هوڏانهن (ظرف) |
| هُور ڪُور | لوچ پوچ، ڳڻتي |

| | |
|---|---|
| هورا ڪورا | فڪر، ڳڻتي، پريشاني |
| هوري | آهستي (ظرف) |
| هوري هوري | آهستي آهستي، هري هري، هوريان (ظرف) |
| هوڙ | ڏاٽ |
| هوڙو | ننڍي ٻيڙي |
| هَوَس | حرص، لالچ، خواهش |
| هُوَس | خراب نظر، بدنظر، دشمني |
| هُوسڻ | تڪڻ، خراب نظر سان ڏسڻ، حسد ڪرڻ |
| هوس لڳڻ | خراب نظر لڳڻ |
| هوسين تائي، هوسين تائين، هوسين توئين | هن هنڌ تائين (ظرف) |
| هوش | عقل، هوشياري، سمجهه، دماغ |
| هوش اچڻ | هوشيار ٿيڻ |
| هوش اُڏامڻ | بي سمجهه ٿيڻ، مت وڃڻ، عقل وڃڻ |
| هوش پراچڻ | سمجهه وارو ٿيڻ، عقل وارو ٿيڻ |
| هوشمند | سمجهدار، عقل وارو، ڏاهو سياڻو |
| هوشمندي | هوشياري، سياڻپ، ڏاهپ |
| هوشناڪ | هوش وارو سمجهه وارو |
| هوشناڪي | هوشياري، سمجهه، ڏاهپ، سياڻپ |
| هوشيار | هوش وارو عقلمند، سمجهدار، داناءُ |
| هوشياري | ڏاهپ، سياڻپ، عقلمندي داناَئي |
| هُوڪ | مشهوري، هاڪ |
| هُوڪ | حسد، بُغض، ساڙ |
| هوڪارو | رڙ، دانهن، ڪوڪ |
| هوڪو | پڙهو، اعلان، ڍنڍورو |
| هَول | خوف، ڊپ، سوداءُ |
| هولناڪ | خوفناڪ خطرناڪ، دهشت وارو |
| | هندن جو هڪ ڌرمي ڏڻ |

| | |
|---|---|
| هيءُ | اِهو خاص (ضمير قريب) |
| هي | اِهو (ضمير قريب) |
| هيا | جلدي جلد، تڪڙو، ٿوري وقت ۾ (ظرف) |
| هيتو | اوهان وٽ هو، توهان وٽ هو، اوهان وٽ هئي، توهان وٽ هئي |
| هيبت | دهشت، خوف، ڊپ |
| هيبتناڪ | دهشتناڪ، خوفناڪ |
| هيئت | علم نجوم، ستارن جو علم، تارن جو علم |
| هيئتدان | آسماني تارن جي علم جو ڄاڻو، آسماني ستارن جي علم جو ماهر |
| هيترو | هيڏو جيترو |
| هيترو سارو | مقرر ٿيل کان وڌيڪ، حد کان وڌيڪ |
| هيٺ | تري ۾، پٽ تي، ننڍو، گهٽ (ظرف) |
| هيٺان | تري کان، هيٺ کان |
| هيٺانهون | هيٺ تي، هيٺيون (صفت) |
| هيٺ تي | هيٺانهون، هيٺين پاسي، هيٺ پرو |
| هيٺ لهڻ | پوئتي اچڻ، هيٺ اچڻ، واپس اچڻ |
| هيٺ مٿي | گهٽ وڌ، هيڏانهن هوڏانهن، اُنڌو سِنڌو، اُڻ سِڌي، سنوت ۾ نه هئڻ (صفت) |
| هيٺ مٿي ٿيڻ | وچانجي وڃڻ |
| هيٺ مٿي ٿي وڃڻ | ملي وڃڻ، گڏجي وڃڻ |
| هيٺيون | هيٺين پر وارو، هيٺئين پاسي وارو، هيٺ وارو، تري وارو |
| هيٺيون مٿيون | سمجهاڻيون، سچ ڪرڻ دليل |
| هيٺين پر وٺڻ | نوڙت ڪرڻ |
| هيٺين وٽ وٺڻ | نوڙت ڪرڻ |
| هيج | پيار، محبت، سِڪ، دلچسپي، نياز نوڙت، شوق، خوشي |
| هيجان | پيار سان، محبت سان، سِڪ سان، دلچسپيءَ سان، قُرب سان، نياز نوڙت سان، خوشيءَ سان، شوق سان، |

| | |
|---|---|
| | محبت مان |
| هيج هوج | هيڏانهن هوڏانهن خيال ڪرڻ ٻي پاسي حرص ڪرڻ |
| هيجڙو | ڪدڙو نامرد |
| هيچون | پيار مان، محبت مان، سِڪ مان، خوشيءَ مان، چاهه مان |
| هيج | پيار، محبت |
| هيچ | ڪي ڪين، ڪجهه بہ نہ (فارسي) |
| هيڏانهن | هِن پر، هِن پاسي (ظرف) |
| هيڏانهون | انهيءَ پاسي کان (ظرف) |
| هيڏانهين | انهيءَ طرف، اتي (ظرف) |
| هيڏي | هِن پاسي، هِن پر، هِن طرف (ظرف) |
| هيڏو | هن جيترو |
| هيڏڙو | اِن جيترو ننڍو هن جيترو |
| هيڏي ساري | ايڏي وڏي |
| هيڊ | پسارڪي وکر جو هڪ قسم، هلبر پاچيءَ جو مصالحو |
| هيڊو | ڦِڪو لِڪي رنگ جو |
| هِيرَ | ٿڌي هوا، هن ويل، هينئر، هاڻي |
| هير گهلڻ | ٿڌي هوا لڳڻ، ٿڌي واءُ گهلڻ |
| هير ڦير | متا ستا |
| هيرڻ | هيرائڻ، عادت وجهڻ، لَتِ وجهڻ |
| هيرَ | عادت، لَت، عِلت |
| هيراڪ | عادتي، عِلتي (صفت) |
| هير پوڻ | عادت پوڻ، لَت پوڻ، علت پوڻ |
| هيرڪو | هريل مِريل، عادتي (صفت) |
| هيرڻ | وڻ جو هڪ قسم |
| هيرڻ جو تيل | ايرنڊي |
| هيرڻ ڦل | ٻوٽي جو هڪ قسم |
| هِيرو | قيمتي پٿر جو هڪ قسم |
| هيڙو هيڙهو | پکيءَ جو هڪ قسم |

| | |
|---|---|
| هيسباٽي | هڪ ذات |
| هيڻ | ڊپائڻ، ڊيڄارڻ |
| هيسائڻ | ڊيڄارڻ، ڊپ ڏيارڻ |
| هيسين | هن وقت تائين (ظرف) |
| هيسين تورڙي هيسين توڻي | اجا تائين، هن مهل تائين، هن وقت تائين (ظرف) |
| هيسين سوڌو | هن وقت تائين، هن مهل تائين (ظرف) |
| هيڪ | هڪڙو، هڪ، هڪ ڄڻو |
| هيڪار | هڪ دفعو هڪ ڀيرو هڪ گهمرو (ظرف) |
| هيڪوٽو | هڪ، هڪڙو |
| هيڪاري | اجا وڌيڪ (ظرف) |
| هيڪاند | هڪ ٻئي سان ملڻ، ميل جول |
| هيڪاندو | گڏيل، مليل، ملايل، تمام گهٽو |
| هيڪڙ ٻيڪڙ | ڪوڪو، ڪڏهن ڪڏهن |
| هيڪل | يهودين جي عبادت جي جاءِ، مندر |
| هيڪل | روپ، رُخ |
| هيڪلائي | اڪيلائي |
| هيڪلو | اڪيلو |
| هيڪوڻ | هڪ دفعو |
| هيڪوٽو | اڪيلو |
| هيلوڪو | هن سال وارو |
| هيلايا | هڪ ذات |
| هيلايا | ڪينجهر ڍنڍ ڀرسان هڪ ٽڪريءَ جو نالو |
| هينگ | گڏهه جو آواز |
| هينگڻ | گڏهه جو آواز ڪيڻ |
| هينئر | هاڻي، هن وقت (ظرف) |
| هيٺو | ايرو، ڪمزور، بي طاقتو |
| هيهاٿ ميهاٿ | هَي هَي، افسوس (حرف ندا)، ڏک، مدد |

## (ي)

| | |
|---|---|
| ي | سنڌي الف - ب جو ٻاونجاهون نمبر اکر |
| يا | ٻن مان ڪو هڪ، سڏ ۽ دعا جو ابتدائي لفظ (حرف ندا) |
| يا الله! | اي الله! |
| ياترا | درشن، ڏسڻ |
| ياجوج | يافث جو پٽ، حضرت نوح عليه السلام جو پوٽو، هڪ فسادي ماڻهو، جهڳڙالو |
| ياد | يادگيري، چتيءَ ياداشت، سار سنڀال، چِتُ خيال |
| ياد پوڻ | يادگيري ٿيڻ، خيال اچڻ |
| ياداشت | يادگيري، ذڪر، ياد رکڻ جي سگهه، ياد رکڻ جي طاقت |
| ياد ڏيارڻ | چتائڻ، تاڪيد ڪرڻ |
| ياد رکڻ | حافظي ۾ رکڻ، نه وسارڻ |
| ياد ڪرڻ | حفظ ڪرڻ |
| يادگار | اُهڃاڻ، نشاني، علامت |
| يادگاري | يادگيري، اُڪير |
| يار | سنگتي، دوست، سڄڻ، مدد ڪندڙ صوفين ۽ سنتن ۾ يار، مالڪ ۽ خالق لاءِ ڪم ايندو آهي. |
| يارانو، يارائو، يارائي | دوستي، سنگت |
| يارُ جاني | پيارو دوست، دلي دوست |
| يارِ غار | سچو دوست، ساٿي، غار جو ساٿي، يارِ غار حضرت ابوبڪر صديق رضه جو لقب آهي، ڇو ته هُو پاڻ سڳورن ﷺ جن سان مڪي کان مديني ڏانهن هجرت ڪرڻ وقت 'ثور' نالي هڪ غار ۾ ٽي ڏينهن |

| | |
|---|---|
| | ۽ ٽي راتيون گڏ رهيا هئا. |
| ياري | سنگت، دوستي |
| يارهن | هڪ عدد جو نالو (11) |
| يارهون | عددي سلسلي ۾ يارهون نمبر |
| يارهوڻ | يارهن پيرا. مثال: (i) يارهوڻ: 121 = 11 × 11 |
| | (ii) يارهوڻ: 88 = 11 × 8 |
| ياسمين | گل جو هڪ قسم |
| ياقوت | قيمتي پٿر جو هڪ قسم |
| يتيم | اُهو ٻار جنهن جا ماءُ پيءُ وفات ڪري ويا هجن. |
| يتيماڻو | يتيم وارو يتيم جو |
| يتيم خانو | يتيمن جو گهر |
| يتيمي | يتيم هئڻ |
| يثرب | مديني شريف جو پراڻو نالو |
| يجر ويد | هندن جو ڌرمي ڪتاب |
| يحيٰ | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو |
| يخ | تمام گهڻي ٿڌ، پارو |
| يخني | اُٻاريل گوشت جو پاڻي، شوڙ |
| يڪي | اجائي ڳالهه |
| يڪي هڻڻ | لباڙ هڻڻ، اجايو ڳالهائڻ |
| يُڌ | جنگ، لڙائي، ويڙهه |
| يرقان | بيماريءَ جو هڪ قسم، جگر جي بيماري |
| يزدان | الله جو صفاتي نالو صبر جو ڪم، نيڪي |
| يزيد | هڪ ظالم شخص جو نالو جيڪو بنو اُميه خاندان مان هو ۽ حضرت امام حسين عليه السلام کي ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ڪرايائين. |
| يعقوب | هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو |
| يعني | مطلب ته، مطلب، مثال (حرف جملو) |

| | |
|---|---|
| يقين | ويساهه، ڀروسو اعتبار |
| يقين آڻڻ | اعتبار آڻڻ |
| يقينًا | اعتبار سان، ڀروسي سان، ويساهه سان، بنا شڪ جي، بنا شڪ شبهي جي (ظرف) |
| يقين اچڻ | اعتبار اچڻ، دلجاءِ ٿيڻ |
| يقين ڄاڻڻ | اعتبار ڪرڻ، سچ ڄاڻڻ |
| يقين ڪرڻ | ويساهه ڪرڻ، اعتبار ڪرڻ |
| يقيني | پڪو پختو حقيقي، سچو پچو ضرور ٿيندڙ |
| يڪتار | هڪ تار وارو ساز |
| يڪجان | هڪ جان، هڪ جسم |
| يڪجهتي | اتفاق راءِ، ٻڌي، ايڪو |
| يڪدم | ٺرت، هڪدم، جلدي، اُپهرو (ظرف) |
| يڪراءِ | هڪ صلاح، هڪ آواز |
| يڪمشت | هڪ ئي دفعي، ڪُل، سڀ |
| يڪو (فارسي) | هڪ، اڪيلو واحد (صفت) |
| يڪي | لاڳيتو |
| يگانو | نرالو مختلف، الڳ، قابل، بي مثال، بي نظير |
| يگانگي | هيڪڙائي، اڪيلائي |
| يَل | آزاد، ڇڙواڳ، ڇُوٽ |
| يلغار | حملو ڪاهه، دشمن جي لشڪر تي ڪاهه |
| يم | موت، ملڪ الموت |
| يمن | ملڪ جو نالو |
| يمن | هڪ راڳڻيءَ جو نالو |
| يوحنا | حضرت عيسيٰ جي هڪ پوئلڳ جو نالو انجيل جو هڪ حصو |
| يورپ | دنيا جي ستن کنڊن مان هڪ وڏي کنڊ جو نالو جيڪو اولهه طرف آهي |

| | |
|---|---|
| يورپي | يورپ ڪنڊ جو رهاڪو |
| يورينس | آسمان جي هڪ گرهه جو نالو |
| يوسف | حَسين، خوبصورت. هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو جيڪو الله جو نبي هئڻ سان گڏ مصر ملڪ جو بادشاهه به هو. |
| يوگ | سوچ، اونهو خيال، فڪر |
| يوم | ڏينهن |
| يوم الحساب | حساب ڪتاب جو ڏينهن، قيامت جو ڏينهن، روزِ محشر، انصاف جو ڏينهن |
| يوم العاشوره | محرم مهيني جو ڏهون ڏينهن، جنهن ڏينهن تي حضرت امام حسين عليه السلام ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيا. |
| يونان | هڪ ملڪ جو نالو |
| يوناني | يونان جو رهاڪو، يونان سان لاڳاپيل |
| يوناني طب | يونانين جي طريقي واري حڪمت، يوناني علاج |
| يونس | آفتاب، سج، رُڪن، هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو قرآن پاڪ جي هڪ سورة جو نالو |
| يونيورسٽي | سيني علمن حاصل ڪرڻ واري درسگاهه. جامع درسگاهه. دارالعلوم، دانش گاهه. |
| يونيورسل | عالمگير، عام |
| يهودا | حضرت يوسف عليه السلام جي وڏي ڀاءُ جو نالو |
| يهودي | حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم جو ماڻهو حضرت موسيٰ جو پوئلڳ. يهودي مذهب جو فرد. |

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ لغت وڏي اهميت رکي ٿي. لغت جي اهميت ۽ ضرورت هر دور ۾ رهي آهي، اهوئي ڪارڻ آهي، جو ٻولين ۾ مختلف علمن جون لغتون تيار ٿينديون رهن ٿيون. ان ڏس ۾ سنڌي لسانيات جي ماهرن اڻٿڪ ڪوششون ورتيون، ڪئين سنڌي لغتون تيار ڪيون آهن.

تاج محمد شيخ بہ سنڌي سنڌي لسانيات جي مالها ۾ هڪ داڻي جو واڌارو ڪري، پنهنجي تجربي جي عڪاسي ڪئي آهي. يادگار سنڌي لغت ۾ اهڙن ڪيترن ئي نون لفظن جو ذخيرو سمايل آهي، جن مان استاد توڙي شاگرد ۽ شاگرديائيون ۽ سنڌي ٻوليءَ جا سڄڻ، سنڌس هن علمي پورهئي مان لاڀ حاصل ڪندا. خاص ڪري هن لغت ۾ اهڙن ڪيترن ئي نون لفظن جون معنائون ڏنل آهن، جيڪي سنڌ صوبي اسڪولن توڙي ڪاليجن ۾ مروج سنڌي درسي ڪتابن ۾ آيل آهن.

دعا آهي تہ رب تعاليٰ شل! سنڌي ادب جي خدمت ڪرڻ جي همت عطا فرمائي.

ڊاڪٽر داد محمد "خادم" بروهي

يادگار پبلشرز
يادگار لين، اردو بازار، حيدرآباد سنڌ